مؤمنن جي ماءُ

سيده عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها

جي سيرت

مصنف
حضرت مولانا الحاج محمد ادريس ڏاهري

ادارة خدمة القرآن والسنة
شاه پور جهانيان ضلع نواب شاه

يَا نِسَاءَ النَّبِيِّ لَسْتُنَّ كَاَحَدٍ مِّنَ النِّسَآءِ اِنِ اتَّقَيْتُنَّ فَلَا تَخْضَعْنَ بِالْقَوْلِ
اي پيغمبرن جون گهرواريون اوهين ڪي ٻين عورتن جهڙيون نہ آهيو جيڪڏهن اوهين (الله کان) ڊڄو ٿيون تہ (ڪنهن ڌارئي ماڻهوءَ سان) ڳالهائڻ ۾ هيٺاهين نہ ڪريو.

مؤمنن جي ماءُ

سيده عائشہ صديقہ

رضي الله تعاليٰ عنها جي سيرت

مصنف

حضرت مولانا محمد ادريس ڏاهري صاحب

خطيب سنڌ

شايع ڪندڙ

اداره خدمة القرآن والسنة

شاهپور جهانيان- ضلع نواب شاه

نالو كتاب : مؤمن جي ماءُ سيده عائشہ صديقہ رضہ
مصنف : حضرت مولانا محمد ادريس ڈاهري صاحب
تاريخ اشاعت : نومبر ۱۹۹۴ع
هديو : ۴۰ /=
ڇپائيندڙ : اداره خدمة القرآن والسنة
شاهہ پور جهانيان، ضلع نواب شاهہ سنڌ
ڇپيندڙ : نيو گرين پرنٽرس صدر حيدرآباد

ملڻ جو هنڌ
مدرسہ جامعہ محمديه
شاهپور جهانيان
ضلع نواب شاهہ سنڌ

مهاڳ

نحمدهٗ ونصلي عليٰ رسوله الكريم اما بعد

ڄاڻ گهرجي تہ الله جل شانہ جيئن مردن مان ڪئين ٻانها متقي، ديندار، صالح ۽ ڪمال جا صاحب بڻايا آهن تيئن ان پرور پاڪ عورتن مان بہ ڪيترين ٻانهين کي اعليٰ مرتبي ۽ بلند مقام تي فائز ڪيو آهي. انهن بلند درجن وارين ٻانهين مان نهايت ئي چوٽيءَ جي درجي تي پهچڻ واري، حضور پرنور، سيد المرسلين، خاتم النبيين صلي الله عليه وسلم جن جي فيض جي بحر مان پرپور، سندن گهر واري، ڪين تمام گهڻي پياري، سيني ايمانداري جي امان،سيده عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها بہ هڪ آهي. جنهن جو شان، تقويٰ ۽ پاڪدامني سيڻ جي مخفي رازن کي ڄاڻڻ واري رب العزة جل جلالہ قرآن ڪريم ۾ کولي کولي بيان ڪيو آهي ۽ جنهن جي علم، عمل، بلند اخلاق ۽ جنتي هجڻ کي نبي مڪرم، محبوب معظم سرور عالم صلي الله عليه وسلم جن پاڻ بيان فرمايو آهي، جنهن "امان" جي محبت عين ايمان ۽ جنهن جي عداوت کلي طرح رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي عزت تي حملو ۽ سندن ذات سان دشمني آهي، علامہ جلال الدين سيوطيءَ عليه الرحمه لکيو آهي وكذا عذاب من قذفهن يضاعف في الدنيا (١)

يعني مومنن جي مائرن جي توهين ڪندڙ کي دنيا ۾ ئي ٻيڻو عذاب ڏنو ويندو. اسلامي دنيا جي عظيم محدث علامہ قاضي عياض عليه الرحمة لکيو آهي تہ " ومن سب عائشة قتل (٢)

يعني جنهن عائشه رضي الله عنها جي توهين ڪئي ان کي (اسلامي قانون مطابق سزا طور) ڪنو ويندو. مسلم امت جي عظيم علماء جي

---

(١) خصائص ڪبريٰ ص١٧٩ جلد٣

(٢) الشفا ص٢٦٧

انهن عبارتن تي غور ڪري غيرتمند پڙهندڙ ان "امان" جي گستاخي، بي ادبي ۽ توهين ڪندڙن کان دلي نفرت ڪندي، انهن کي الله جل شانه جي دين جو پڪو دشمن سمجهي، الله تعاليٰ ۽ ان جي محبوب عليه الصلواة والسلام جي رضا خاطر انهن سان هر طرح جو تعلق ڇني ڇڏيندو. اهائي مذهبي غيرت جي تقاضا ۽ اهوئي الحب لله والبغض لله جو مقصد ۽ مفهوم آهي مان عاجز، گنهگار به الله تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان ان عظيم الشان امان جي حق ۽ مذهبي فريضي کي ادا ڪرڻ خاطر قرآن ڪريم، نبوي احاديث (عليٰ قائلها الصلوٰة والسلام) مان سندس شان ۽ مستند ۽ معتبر ڪتابن مان سندس سيرت ۽ احوال سنڌي زبان ۾ لکي ان جو نالو "مومنن جي ماءُ" "سيده عائشه جي سيرت" رکي سنڌي پائرن ۽ ڀينرن جي اڳيان پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. اميد اٿم ته منهنجا سنڌي ڀائر ۽ ڀينرون الله جل جلاله ۽ ان جي حبيب عليه الصلواة والسلام جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ هن ڪتاب کي پڙهي سيني کي سرور ۽ قلبن کي قرار بخشيندا ۽ مون گنهگار کي ۽ منهنجي اولاد کي پنهنجن مقبول دعائن ۾ ياد ڪندا رهندا.

والحمد لله

وما توفيقي الا بالله عليه توڪلت واليه انيب

الراقم محمد ادريس ڏاهري

نقشبندي

٢٢-١١هـ ١٤١٣

مضمونن جي فهرست

نالو ۽ القاب

حضور سرورِ ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن جي هن گهرواريءَ جو نالو مبارڪ عائشه ۽ القاب هي آهن:

١- صديقه. جنهن جي لفظي معنيٰ آهي. سچ ڳالهائيندڙ ۽ اصطلاحي معنيٰ جنهن ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهايو هجي

٢- حميراءَ- گوري علامه ابن الاثير لکيو آهي ته كان يقول لها احيانا يا حميراءُ! تصغيرا لحمراء يريد البيضاءَ (١) يعني ڪنهن ڪنهن وقت حضور صلي الله عليه وسلم جن ڪيس حميراءَ سڏيندا هئا جيڪو الحمراءِ جو مصغر آهي.

٣- ام المؤمنين-مؤمنن جي ماءُ. هي لقب الله تعاليٰ جي طرفان حضورسيدالمرسلين صلي الله عليه وسلم جن جي سيني گهروارين کي عطا ٿيل آهي. جيئن قرآن شريف ۾ ارشاد آهي.

"اَلنَّبِيُّ اَوْلٰي بِالْمُؤْمِنِيْنَ مِنْ اَنْفُسِهِمْ وَاَزْوَاجُهٗ اُمَّهَاتُهُمْ". (١) يعني نبي مؤمنن کي سندن جان کان وڌيڪ ويجهو آهي ۽ ان جون گهرواريون سندن مائرون آهن.

٤- بنت الصديق- سچي جي نياڻي. ان لفظ سان حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن ڪيس سڏيندا هئا.

---

(١) سورة الاحزاب آيت٤

٥- الصادقة. سچ ڳالهائيندڙ

٦- حبيبة حبيب الله. الله تعاليٰ جي حبيب صلي الله عليه وسلم جن جي پياري

٧- المبراة- پاڪ ڪيل. جنهن جي پاڪ دامني قرآن ڪريم بيان ڪئي آهي. (١)

ڪنيت:- سندس ڪنيت ام عبدالله (عبدالله جي ماءُ آهي) حضرت عبدالله رضي الله تعاليٰ عنه سائڻ جي ڀيڻ حضرت بيبي اسماء رضي الله تعاليٰ عنها جو فرزند هو. جيڪو پيءُ جي نسبت سان عبدالله بن زبير رضي الله عنهما سڏيو ويندو آهي.

عرب ۾ ڪنيت سان سڏجڻ نهايت ئي اهم ۽ شرافت جو نشان آهي. پر جڏهن ته سيده عائشة رضي الله عنها کي اولاد نہ هو تنهن جي ڪري سندس ڪنيت به ڪانہ هئي. هڪ ڀيري پاڻ محبوب ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت عاليه ۾ عرض ڪيائين تہ "يا رسول الله! اوهان جي ٻين گهروارين تہ اوهان کان اڳين مڙس مان ٿيل اولاد جي نالي تي ڪنيتون رکيون آهن مان پنهنجي ڪنيت ڪنهن جي نالي تي رکان؟" پاڻ فرمايائونس تہ "پنهنجي ڀاٽيجي عبدالله جي نالي تي." (٢) ان ڏينهن کان وٺي سندس ڪنيت ام عبدالله قرار ڏني وئي.

---

(١) ترمذي ص ١٥١ جزء ٢-

(٢) سنن ابي داؤد- ڪتاب الادب باب في المرءة تڪني ص ٢٥٣ جلد ٥

والدين سڳورا رضي الله عنهما

سيده عائشه رضي الله عنهما جي والدين ڪريمين کي بہ الله تعاليٰ حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي صحبت جو شرف عطا ڪيو هو. اهي ٻئي صحابي ۽ شاندار هئا. والد جو نالو عبدالله ڪنيت ابوبڪر ۽ لقب صديق هو- جنهنجو تفصيل راقم جي ڪتاب احسن التحقيق في سيرت الصديق ۾ لکيل آهي. (ڏسڻ ۾ پڙهڻ جهڙو آهي) والده سائڻ کي ام رو مان سڏيندا هئا. جنهن جو نالو زينب هو. (١) جنهنجي شان کي بيان ڪندي حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ: "مَنْ سَرَّهٗ اَنْ يَّنْظُرَ اِلٰي امْرَءَةٍ مِّنَ الْحُوْرِالْعَيْنِ فَلْيَنْظُر اِلٰي اُمِّ رُوْمَانَ." (٢)

يعني جنهن کي پسند اچي تہ جنت جي حورن مان ڪا عورت ڏسي تہ اهو ام رومان کي ڏسي.

فائده: هن حديث مان حضرت بيبي ام رومان رضي الله عنها جي جنتي هجڻ جي خوشخبري ملي رهي آهي جڏهن تہ حضرت عائشه سائڻ جي والد کي بہ جنتي هجڻ جي بشارت مليل هئي ان جي ڪري سندس والدين ٻئي جنتي آهن.

سيده عائشه رضي الله عنها جي نسب جو سلسلو پيءُ جي طرفان هيئن آهي: عائشه بنت ابي بڪر بن

(١) الباقيات الصالحات - قلمي نسخو ص٣
(٢) اسدالغابه ص ٥٨٣ جلد ٥

ابي قحافه عثمان بن عامر بن عمرو بن ڪعب بن سعد بن تيم بن مره بن ڪعب بن لؤي بن غالب بن فهربن مالڪ. ۽ ماءُ جي طرفان هيئن آهي: عائشه بنت ام رومان زينب بنت عامر بن عويمر بن عبد شمس بن عتاب بن اذينه بن ڪنانه. نسبي لحاظ سان سيده عائشه صديقه رضي الله عنها پيءُ جي طرفان قريشُيه تيميه آهي ۽ ماءُ جي طرفان ڪنانيه آهي.

والدين سڳورن رضي الله تعاليٰ عنهما جي وفات

ام المؤمنين سيده جي والد، ماجد، سيدنا ومرشدنا حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي وفات حسرت آيات سنه ١٣ هجريءَ ۾ جمادي الاخريٰ مهيني جي ٢٢ تاريخ تي ٿي هئي. ۽ سندس مهربان ۽ مشفق والده سڳوريءَ رضي الله تعاليٰ عنها جي وفات جي باري ۾ ڪيترين تاريخن لکيو آهي ته سنه ٥ يا سنه ٦ هجريءَ ۾ ٿي هئي مگر اهو قول صحيح نه آهي. ڇو ته مستند ۽ معتبر حديثن مان ثابت آهي ته بيبي سائڻ حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه جي خلافت جي دور تائين زنده هئي. سنه ٦ هجريءَ ۾ پيش ايندڙ افڪ جي واقعي جي سلسلي ۾ روايت ڪيل حديث ۾ به سندس ذڪر اچي ٿو. پر سنه ٩ هجريءَ ۾ تخيير جي وقت به سائڻ حال حيات هئي. (١)

حضرت مسرور تابعي رضي الله تعاليٰ عنه سيده

(١) اسدالغابه ص ٥٨٣ جلد ٥

ام رومان کان روايت آندي آهي تہ جڏهن عائشه تي بهتان هنيو ويو تہ اها بيهوش ٿي ڪري پئي هئي. (١) بهتان جو ذڪر تہ اڳتي ايندو. هتي صرف اهو ثابت ڪرڻو آهي تہ ان وقت بہ بيبي سائڻ زنده هئي. هڪ روايت ۾ آهي تہ ام رومان رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي ظاهري حياتي مبارڪ ۾ وفات ڪئيءَ پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن سندس قبر ۾ لهي فرمايو تہ:

"اَللّٰهُمَّ لَمْ يَخْفَ عَلَيْکَ مَالَقِيَتْ اُمُّ رُوْمَانَ فِيْکَ وَفِيْ رَسُوْلِکَ" اي الله توکان اهي تڪليفون لڪل نہ آهن جيڪي ام رومان تنهنجي ۽ تنهنجي رسول صلي الله عليه وسلم جي محبت ۾ ڏٺيون هيون. (٢)

ولادت باسعادت

حضرت بيبي ام رومان رضي الله عنها جو پهريون نڪاح عبدالله ازديءَ سان ٿيو هو. ان جي وفات کان پوءِ اها حضرت ابوبڪر صديق رضي اللہ تعاليٰ عنه جي نڪاح ۾ آئي ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه کي ان مان هڪ پٽ عبدالرحمان ۽ هڪ نياڻي عائشه ڄاوا هئا. سيده عائشه رضي الله عنها جي ڄمڻ جي تاريخ تہ ڪانہ ٿي ملي پر سندس ڄمڻ جي سال ۾ بہ گهڻو اختلاف آهي مگر هنن سيني راوين جي اتفاق سان بيان

(١) صحيح بخاري ص ٦٩٨ جلد ٣ تفسير سوره نور
(٢) سيدات بيت النبوة ص ٢٥٥

ٽيل ڳالهين مان (حضور صلي الله عليه وسلم جن جي
هجرت کان ٽي سال اڳ ۾ ڇهن سالن جي عمر ۾ سندس
مڱڻو ۽ نون (٩) سالن جي عمر ۾ شوال المکرم مهيني
سنہ ١٠ هجريءَ ۾ سندس پرڻو ٿيو ۽ پاڻ ارڙهن (١٨)
سالن جي عمر جي هئي تہ حبيب خدا، سيد انبياء صلي
الله عليه وسلم جن دنيا مان ظاهري رحلت ڪئي هئي.)
ثابت ٿو ٿئي تہ سائڻ جي ولادت جو صحيح وقت
اظهارِ نبوت جي پنجين سال جو آخري حصو هو.

سيده عائشه ڪڏهن بہ ڪفر جو ڪلمون نہ ٻڌو هو

ڄاڻڻ گهرجي تہ حضور پرنور صلي الله عليه وسلم
جن نبوت ظاهر ڪرڻ وارن ٽيويهن (٢٣) سالن مان
تيرهن (١٣) سال مڪي مڪرمه ۾ ۽ ڏهہ (١٠) سال
مديني منوره ۾ گذاريا هئا. سيده عائشه رضي الله عنها
جڏهن تہ ان دور جي پهرين پنجن سالن جي آخري حصي
۾ پيدا ٿي هئي ۽ سيدنا حضرت ابوبکر صديق رضي الله
تعاليٰ عنه جن جو گهر مبارڪ سعادت جو اهو برج هو
جتي سيني کان اول اسلام جي صبح جا جهان کي
چمڪائيندڙ شعاع پهتا هئا ان لحاظ سان حضرت ام
المؤمنين عائشه رضي الله عنها انهن برگزيده هستين مان
آهي، جنهنجي ڪنن مبارڪن ڪڏهن بہ گهر ۾ شرڪ ۽
ڪفر جو آواز نہ ٻڌو هو. سائڻ رضي الله عنها پاڻ فرمايو

آهي تہ: لَمْ اَعْقِلْ اَبَوَيَّ قَطُّ اِلَّا وَهُمَا يَدِيْنَانِ الدِّيْنَ. (١) يعني جڏهن کان مون پنهنجي والدين کي سڃاتو تہ کين دين (اسلام) تي ڏٺو هوم.

سيده عائشه جو کير جو رشتو

ام المؤمنين عائشہ سڳوريءَ رضي الله عنها کي ڄمڻ کان پوءِ ابوالقعيس وائل جي گهرواريءَ کير پياريو هو ۽ اها سندس کير جي ماءُ هئي ۽ کير جي رشتي جو حڪم بہ جيئن تہ ڪيترين صورتن ۾ نسب وارو هوندو آهي ان جي ڪري وائل جو ڀاءُ افلحُ امان سائڻ کي کير جي ڀائٽي سمجهي ملڻ ايندو هو ۽ امان سائڻ رضي الله عنها رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جي اجازت سان ان جي سامهون ايندي هئي. حضرت عروة بن زبير حضرت ام المؤمنين عائشہ رضي الله عنها کان روايت آندي آهي تہ: جڏهن افلح مون وٽ اچڻ جي مون کان موڪل گهري تہ مون ان کي موڪل نہ ڏني پوءِ چيائين تہ مون کان حجاب ڇوٽي ڪريں؟ مان تہ تنهنجو چاچو آهيان. مون چيو تہ اهو ڪيئن؟ چيائين تہ: توکي منهنجي ڀاءُ وائل جي گهرواريءَ کير پياريو هو. ۽ ان لحاظ سان مان تنهنجو کير جو چاچو آهيان. سيده عائشه رضي الله عنها فرمايو تہ: پوءِ مون ان جي متعلق رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن کان پڇيو پاڻ صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ: صَدَقَ اَفْلَحُ اِئْذَنِيْ لہ (٢) يعني افلح سچ

(١) صحيح بخاري ص ٥٥٢ جلد ١
(٢) بخاري شريف ص٣٦٠ جلد١ باب الشهادة علي الانساب

چيو آهي ان کي اچڻ جي موڪل ڏي. ائين سندن ڪير جو ياءُ بہ ڪڏهن ڪڏهن ساڻن ملڻ ايندو هو (١)

ننڍڙائيءَ وارو دور

اهم ۽ غيرمعمولي شخصيتون جمڻ کان پوءِ اٺندي ئي پنهنجي تحرڪ، سڪون، نشوونما ۾ نراليون ۽ ممتاز هونديون آهن. انهن جي هر ادا پُرڪشش ۽ پياري هوندي آهي. انهن جي بخت واريءَ پيشانيءَ مان مستقبل جو نور خودبخود چمڪي، نتيجي جي نشان دهي ڪندو آهي. سيده عائشه صديقه رضي الله عنها بہ اهڙي قسم جي اعليٰ انسانن مان هئي. ننڍپڻ ۾ ئي ان جي هر انداز مان سعادت ۽ بلنديءَ جا آثار نمايان هئا عام ٻارن کي تہ ستن، اٺن سالن جي عمر ۾ گهٽو ڪري نہ ڪنهن ڳالھ جو هوش هوندو آهي ۽ نہ ان جي اندر تائين پهچندا آهن پر سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها ننڍپڻ جي هر هڪ ڳالھ ياد رکندي، روايت ڪندي ۽ ان مان مسائل جو استنباط ڪندي هئي ۽ انهن جي ذري ذري جون مصلحتون بيان فرمائيندي هئي.

يوسف بن مالڪ کان روايت آهي تہ: مان ام المؤمنين عائشه رضي الله عنها جي خدمت ۾ موجود هوس پاڻ فرمايائين تہ:

لَقَدْ اُنْزِلَ عَليٰ مُحَمَّدٍ صَلَّي الله عليه وسلم بِمَكَّةَ

(١) مٿيون حوالو ص٣٦١

وَانِّيْ لَجَارِيَةُ اَلْعَبُ

"بَلِ السَّاعَةُ مَوْعِدُهُمْ وَالسَّاعَةُ اَدْهيٰ وَامَرُّ." (١)

يعني (حضرت) محمد صلي الله عليه وسلم جن تي مڪي ۾ (آيت مبارڪ) "بل الساعة موعدهم والساعة ادهيٰ وامر" يعني بلڪ قيامت سندن انجام جي جاءِ آهي ۽ قيامت ڏاڍي سخت ۽ تمام ڪَوڙي آهي- نازل ٿي هئي ته مان ان وقت ڇوڪري هيس راند پئي ڪيم.

هجرت جي وقت به سندس عمر اٺ سال هئي پر ان عمر ۾ به سندس هوشمنديءَ ۽ قوت حافظ جو اهو مقام هو جو نبوي هجرت جا سيئي واقعا بلڪ جزئي ڳالهيون به ڪيس ياد هونديون هيون. سائڻ رضي الله عنها کان وڌيڪ ڪنهن به اصحابيءَ سڄوري رضي الله تعاليٰ عنه اٿين هجرت جو واقعو تفصيل سان نہ محفوظ ڪيو ۽ نہ بيان ڪيو آهي.

حضرت عائشه رضي الله عنها جو حضور صلي الله عليه وسلم جن جي اهليه بنجڻ

حضرت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جن جي پهرين گهرواري سيده بيبي خديجه بنت خويلد رضي الله تعاليٰ عنها هئي. حضور پاڪ، صاحب لولاڪ، سياح افلاڪ صلي الله عليه وسلم جن جي عمر مبارڪ سائڻ سان شاديءَ ڪرڻ وقت (٢٥) سال ۽ حضرت بيبي

(١) بخاري شريف ص٧٢٢-٧٢٣ جلد٢باب تفسير سورة القمر

خديجه رضي الله تعاليٰ عنها جي عمر چاليهہ (٤٠) سال هئي. شاديءَ کان پوءِ سائڻ پنجويهن سالن تائين محبوب ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي صحبت سان مشرف رهي ۽ نبوت جي ڏهين سال،رمضان المبارڪ مهيني ۾ هجرت کان ٽي سال اڳ ۾ وفات ڪيائين. بيبي سائڻ جي عمر وفات وقت پنجهٺ سال ۽ محبوب عليه السلام جن جي عمر مبارڪ پنجاهہ سال هئي. حضرت بيبي خديجه رضي الله تعاليٰ عنها عورتن مان اول اول حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن تي ايمان آندو هو. اڪيلائيءَ جي حالت، مصيبتن جي هجوم، ظلمن ۽ ڏکن جي موجن ۾ هر حالت ۾ هر جاءِ ۾ اها پنهنجي پياري، مقدس، ڪمال ۽ جمال جي صاحب، محبوب مڙس سان گڏ رهي ڪين دلداريون ڏيندي، همدردي ڪندي ۽ تڪليفن ۾ سندن ٻانهن ٻيلي رهندي هئي. اهڙي وفادار، رفيقه ۽ غمگسار گهرواريءَ جي وفات کان پوءِ رسول الله صلي الله عليه جن گهڻيءَ سوچ ۾ رهندا هئا ۽ سندن محبت وارن کي بہ ان ڳالهہ جو گهڻو فڪر هوندو هو. هڪ ڏينهن سندن مشهور صحابيءَ سڳوري حضرت عثمان بن مظعون جي گهرواري خولہ بنت حڪيم السلمية رضي الله عنها سندن خدمت اقدس ۾ آئي ۽ اچي عرض ڪيائين تہ يا رسول الله! (صلي الله عليه وسلم) اوهان ٻيو نڪاح ڪيو. پاڻ ان کي مخاطب ٿي فرمايائون تہ "ڪنهن سان" ؟ عرض ڪيائين تہ: هڪ بيوه عورت آهي ان سان يا ٻي ڪنواري آهي ان سان. ٻنهي مان جنهن لاءِ بہ فرمايو تہ ان جي

مائٽن سان ڳالهايو وڃي. پاڻ پڇيائون ته اهي ڪير آهن؟ عرض ڪيائين ته: بيوه سودة بنت زمعه آهي ۽ ڪنواري ابوبڪر جي نياڻي عائشه آهي پاڻ فرمايائون ته "بهتر آهي ته اوهان عائشه جي لاءِ ڳالهايو." بيبي خوله حضرت حبيب پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جي مرضي مبارڪ ڏسي ته پاڻ عائشه سان نڪاح ڪرڻ ڪي ترجيح ٿا ڏين حضرت ابوبڪرصديق رضي الله تعاليٰ عنه جي گهر آئي ڏنائين ته سيدنا صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه جي گهرواري، عائشه سائڻ جي ماءُ، حضرت بيبي ام رومان رضي الله عنها ويٺي هئي ان کي اچي چيائين ته: الله تعاليٰ اوهان جي گهر ۾ ڪهڙو نه خير ۽ برڪت ٿو آڻي. ام رومان سڳوريءَ رضي الله تعاليٰ عنها پڇيو ته اهو ڇا آهي؟ چيائين ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن مون کي موڪليو آهي ته سندن لاءِ عائشه جي گُهر ڪيان. ام رومان چيو ته: مون کي ته اها مائٽي پسند آهي. پر انتظار ڪر ته ابوبڪر اچي جيڪو هاڻي اچڻ وارو آهي. جڏهن حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه آيو ته ان کي به ساڳيو عرض ڪيائين پر ان وقت حضرت ابوبڪر جي اڳيان به ڳالهيون آيون.

هڪ ته جاهليت جي دستور مطابق جيئن سڳي ڀاءُ جي اولاد سان نڪاح جائز نه هو. عرب پنهنجي زباني ڀائرن جي اولاد سان به شادي نه ڪندا هئا. حضرت ابوبڪر کي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن پنهنجو ڀاءُ سمجهندا هئا انڪري بيبي خوله بنت حڪيم سلميه

رضي الله تعاليٰ عنها کي چيائين تہ: عائشہ تہ سندن ڀائٽي آهي ان سان سندن نڪاح ٿي سگهي ٿو؟ بيبي خوله سڳوريءَ موٽي اچي رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کان اهو مسئلو پڇيو تہ پاڻ فرمايائون: ابوبڪر منهنجو ديني ڀاءُ آهي (نسبي نہ آهي) ان جي نياڻيءَ سان منهنجو نڪاح جائز آهي. عروه کان روايت آهي تہ: رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ابوبڪر ڏانهن عائشه سان نڪاح ڪرڻ لاءِ پيغام موڪليو ان عرض ڪيو تہ: اِنَّمَا اَنَا اَخُوْکَ: مان تہ اوهان جو ڀاءُ آهيان (ڇا منهنجي نياڻي اوهان لاءِ حلال آهي؟) پاڻ فرمايائون تہ: "اَنْتَ اَخِيْ فِيْ دِيْنِ اللّٰهِ وَکِتَابِهٖ وَهِيَ لِيْ حَلَالٌ" (١) تون منهنجو الله جي دين ۽ ڪتاب جي لحاظ سان ڀاءُ آهين ۽ اها (تنهنجي نياڻي) مون لاءِ حلال آهي.

ٻيو تہ حضرت عائشه ان کان اڳ ۾ مطعم بن عديءَ جي پٽ جبير جي نالي ٿي چڪي هئي ان جي ڪري انهن کان پڇڻ ۽ انهن جو راضي هجڻ بہ ضروري هو. ڇو تہ حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه ڪڏهن بہ وعدي برخلافي نہ ڪندو هو. پوءِ حضرت ابوبڪر مطعم وٽ هلي آيو تہ ان جي گهرواري، جبير جي ماءُ بہ ان وقت ان وٽ موجود هئي. حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه جبير کان پڇيو تہ: اوهان منهنجي نياڻي عائشه پنهنجي پٽ مطعم جي نالي ڪئي هئي اها وٺندؤ يا نہ؟ جبير پنهنجي گهر واريءَ کان پڇيو پر ان جو خاندان جڏهن تہ

(١) بخاري شريف ص٧٦٠ جلد٢ باب تزويج الصغارمن الكبار

اجان اسلام سان مشرف نہ ٿيو هو. ان ڪري سندس گهرواريءَ چيو تہ: اها ڇوڪري اسان کي نہ کپي ڇوتہ جيڪڏهن اها اسان جي پٽ وٽ آئي تہ ان کي اسلام تي آڻي وجهندي. حضرت ابوبڪر وري بہ جبير ڏانهن نهاري فرمايو تہ هيءَ ڇا ٿي چوي؟ جواب ڏنائين تہ جيڪو ٻُڌوَ. پوءِ حضرت ابوبڪر کي خوشي حاصل ٿي ڇو تہ ٻئي رڪاوٽون ختم ٿي ويون. موٽي گهر آيو ۽ خوله کي چيائين تہ: رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کي وٺي اَءُ. اها حبيب اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کي وٺي آئي ۽ حضرت عائشه رضي الله تعاليٰ عنها حضور صلي الله عليه وسلم جن جي نالي مبارڪ سان منسوب ٿي.

الله تعاليٰ جي طرفان اطلاع

حديث مبارڪ ۾ آيو آهي تہ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها سان نڪاح ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کي الله تعاليٰ ملائڪ سڳوري جي هٿان سائڻ جي صورت مبارڪ موڪلي ڪين خوشخبري ڏني هئي تہ هيءَ اوهان جي ڪنواري اهليہ آهي. (تفصيل اڳتي فضائل جي ذڪر ۾ ايندو. انشاءَ الله تعاليٰ) جنهن مان معلوم ٿو ٿئي تہ سائڻ ايتري تہ الله جل شانه کي پياري هئي جو اڳ ۾ ئي پنهنجي محبوب عليه الصلواة والسلام کي مبارڪون ٿي عطا ڪيائين. پوءِ اهي ماڻهون اللهجل شانه جي بارگاه ۾ڪهڙو جواب ڏيندا جيڪي ان سائڻ سان دشمني، بغض ۽ ڪينو رکندا آهن.

نبوت ۽ خلافت جي تعلقات جي مضبوطي

الله تعاليٰ جي پياري رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جن کي هن رشتي ۽ مِٽيءَ سان گهڻي خوشي حاصل ٿي هئي ڇو تہ ان سان سندس ذات بابرڪات ۽ سندس پياري صحابيءَ رضي الله عنه جي وچ ۾ سهري ۽ نياٽي وارا تعلقات پيدا ٿيا. جڏهن سيده عائشه جو نڪاح محبوبن ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن سان ٿيو هو تہ ان وقت سائڻ جي عمر مبارڪ ڇهہ سال هئي ان ننڍيءَ عمر واريءَ، صديق اڪبررضي الله تعاليٰ عنه جي نياٽيءَ سان نڪاح ڪرڻ جو اصل مقصد ۽ منشا نبوت ۽ خلافت جي وچ ۾ تعلقات جي مضبوطي ۽ استحڪام هو.

ننڍيءَ عمر واريءَ سان نڪاح ڪرڻ

حضرت ام المؤمنين عائشه رضي الله عنها ننڍيءَ عمر واريءَ سان نڪاح ڪرڻ ۾ بہ ڪو عيب نہ هو. ٻن وجهن جي ڪري.

١- هڪ تہ خود عرب جي آب هوا گرم هجڻ جي ڪري اتي جي عورتن ۾ عام معمول کان وڌيڪ جلد وڌڻ ۽ وڏي ٿيڻ جي طبعي صلاحيت هوندي هئي.

٢- ٻيو تہ اڪثر ڪري هيءُ بہ ڏٺو ويو آهي تہ جيئن ممتاز شخصيتن جي دماغ ۽ ذهني قوتن ۾ غيرمعمولي اُستعداد ۽ لياقت هوندي آهي تيئن انهن جي

قد، بت ۽ جسم ۾ بہ جلدي ۽ خاص واڌارو ٿيندو آهي. رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو سيده عائشه کي ان ننڍيءَ عمر ۾ شاديءَ لاءِ قبول ڪرڻ هن ڳالهہ جو دليل آهي تہ سائڻ ۾ بہ ننڍيءَ عمر کان ئي جلدي وڌڻ، وڌي ٿيڻ، ذهن جي تيزيءَ ۽ نڪتہ رسيءَ جا آثار ڪليءَ طرح ظاهر ۽ روشن هئا.

نڪاح پڙهڻ ۾ سادگي

حضرت بيبي عطيه رضي الله تعاليٰ عنها سيده عائشه صديقہ رضي الله عنها جي نڪاح ٿيڻ جو واقعو هن طرح بيان ڪيو آهي. تہ: سيده عائشه جي نڪاح ڪرڻ وقت ڪو خاص اهتمام ڪيل نہ هو. سائڻ پاڻ هڪ جيڏين ڇوڪرين سان گڏ راند ڪري رهي هئي تہ ڪيس وٺي گهر ۾ وهاريو ويو ۽ حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه اچي سندس نڪاح پڙهيو. (١)

تنبيهہ

هن واقعي مان انهن مسلمانن کي عبرت ۽ سبق وٺڻ گهرجي جيڪي نڪاحن جي تقريبن ۾ اجايا ۽ فضول خرچ ڪندا آهن ۽ اهو سراسر اسراف ۽ مشرڪن جي رسم ۽ رواج آهي ڪيترا تہ قرض ڪٽي بہ وڏا وڏا پروگرام ڪندا آهن پوءِ انهن لهڻيدارن کي رڙائيندا، انهن جون

(١) طبقات ابن سعد ص ٥٩ جلد ٨

بددعائون حاصل ڪندا ۽ الله تعاليٰ ۽ ان جي حبيب صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کي ناراض ڪرڻ سان گڏ دنيا ۾ ڪل، خواري ۽ آخرت جو عذاب وهائيندا آهن.

مهر ڪيترو هو

ابن سعد جي هڪ روايت ۾ آهي تہ سيده جو مهر ٻارهن اوقيون ۽ هڪ نش هو. (ان وقت جي سون جي حساب سان پنج سؤ درهم ۽ موجوده دور جا هڪ سؤ روپيا ٿيندا) ۽ ٻين روايتن مان ثابت آهي تہ سيدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم جن سيده عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها کي مهر ۾ هڪ گهر ڏنو هو، جنهن جي قيمت پنجاهه درهم هئي. (١) (جيڪي موجوده دور جا ڏهہ روپيا ٿيندا)

غور ڪرڻ جو مقام

مٿيون ذڪر ڪيل مهر ڪائنات جي سردار، يتيمن جي يار، غريبن جي غمخوار، حضورپرنور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي ان ڪنواريءَ گهرواري جو هو جنهنجو قبيلو،بنوتيم، ڪرم ، شجاعت، امانت ۽ راءِ جي صحيح هجڻ سان گڏ عورتن تي ڪي قدر نرمي ڪرڻ ۽ معاملي کي سهٽي ۽ صحيح رکڻ جي لحاظ سان عزت ۽

(١) طبقات ابن سعد ص ٦٠ جلد ٨

عظمت وارو هو. جنهن جو والد ماجد ان وقت بہ قريشن جي نسب جو وڏو علم رکندڙ، مرتبي ۽ مان وارو، مجيل شخصيت، تاجر، مالدار ۽ معزز هو، پر انهن سيني خوبين جي هوندي بہ پاڻ ان ٿوري مهر کي عيب نہ سمجهيو مگر هن وقت جي مسلمانن جي حالت تہ ڏسو جيکي پنهنجي نياڻيءَ جي لاءِ ٿورو مهر پنهنجي ذلت ۽ رسوائي سمجهندا آهن ڇا سندن نياڻيون سيده عائشه رضي الله تعاليٰ کان شان ۾ بلند ۽ بالا آهن يا سندن خاندان سائڻ جي خاندان کان ڀلو آهي. جڏهن نہ آهي تہ پوءِ ڇونہ ٿا حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي طريقي تي هلي دارين جي ڀلائي حاصل کن.

نڪاح ڪهڙي سال ۾ ٿيو هو

ان سال جي تعين ۾ بہ اختلاف آهي پر جمهور محققين جو قول هيءُ آهي تہ سيده خديجه رضي الله تعاليٰ عنها جي وفات واري سال، هجرت کان تقريبا ٽي سال پهريان، شوال المڪرم مهيني ۾سائڻ جو رسولِ اڪرم هاديِ عالم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن سان نڪاح ٿيو هو ۽ ان وقت سائڻ جي عمر ڇهہ سالن ڪن هئي. (١)

(١) الاستيعاب بهامش الاصابة ص٣٥٧ جلد ۴

هجرت

حضور صلي الله عليه وسلم جن سان نڪاح ڪرڻ ڪان پوءِ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها تقريبا ٽي سال مائٽن ۾ رهي. ٻه سال ۽ ٽي مهينا مڪي مڪرمه ۾ ۽ ست يا اٺ مهينا هجرت ڪان پوءِ مديني منوره ۾، محبوب،ڪريم، رؤف رحيم، صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن ۽ حضرت ابوبڪررضي الله تعاليٰ عنه جڏهن هجرت ڪري مديني منوره ۾ پهتا هئا ته نبوت جو چوڏهون سال ربيع الاول مهيني جي ٻارهين تاريخ هئي ۽ اتي ڪجهه وقت رهڻ ڪان پوءِ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن پنهنجي مڪي ۾ رهيل اهل عيال کي وٺڻ جي لاءِ زيد بن حارثه ۽ ابورافع غلام کي موڪليو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه به پنهنجي اهل ۽ عيال کي وٺڻ جي لاءِ پنهنجا ماڻهو موڪليا. حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه جو پٽ عبدالله پنهنجي ماءُ ۽ ٻنهي ڀينرن اسماء ۽ عائشه کي۽حضرت زيد بن حارثه ۽ ابورافع حضور صلي الله عليه وسلم جن جي ٻن نياڻين ام ڪلثوم ۽ فاطمه زهريٰ ۽ سندن گهرواريءَ ام المؤمنين سيده سوده بنت زمعه رضي الله تعاليٰ عنها کي وٺي روانا ٿيا زيد بن حارثه بيبي ام ايمن ۽ پنهنجي پٽ اسامه کي به ڪنيو ۽ طلحه بن عبيدالله به سفر ۾ سندن ساٿي ٿيو جڏهن سفر ڪري مديني منوره ۾ پهتا ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن ان ڏينهن مسجد

شريف ۽ ان جي چوڏاري پنهنجا گهر ٺهرائي رهيا هئا. حضرت عائشه ۽ ان جي ڀيڻ ۽ ڀاءُ. پنهنجي والد، حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي گهر ۾ ۽ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جون ٻه نياڻيون ۽ اهليه حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي گهر ۾ منزل نداز ٿيون. باقي حضور صلي الله عليه وسلم جن جي وڏي نياڻي حضرت بيبي زينب رضي الله تعاليٰ عنها سا مڪي مڪرمه ۾ پنهنجي مڙس ابوالعاص بن الربيع سان رهي ۽ سندن نياڻي رقيه رضي الله تعاليٰ عنها پنهنجي مڙس حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه سان گڏ اڳيئي مدينه منوره ۾ پهچي وئي هئي. (١)

ننڍيءَ عمر کان ئي پرڻ ۽ کي پياري

سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جو حضور صلي الله عليه وسلم جن جي دل ۾ پياري هجڻ لاءِ اهوئي دليل ڪافي هو جو اها حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي نياڻي هئي. پر پنهنجين ٻين صلاحيتن ذهن، ذڪاءَ، اخلاق ۽ عجيب، مزاج جي مالڪياڻي هجڻ جي ڪري به حضور صلي الله عليه وسلم جن سندس گهڻو خيال رکندا هئا ايتري قدر جو سندس والده ماجده ام رومان رضي الله تعاليٰ عنها کي چئي ڇڏيو هيائون ته "اي ام رومان! عائشه سان ڀلائي ڪجان ۽ ان جي منهنجي ڪري به حفاظت ڪجانءِ" ۽

(١) طبقات ابن سعد ص ٦٢ جلد ٨

جيكڏهن ڪڏهن حضرت بيبي ام رومان رضي الله تعاليٰ عنها سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کي ناراض ڪندي هئي ته پاڻ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن ان کي فرمائيندا هئا ته "ڇا مون توکي عائشه جي حفاظت لاءِ نه چيو آهي؟" (١)

سوال

حضور صلي الله عليه وسلم جن ان ننڍيءَ عمر واريءَ ڪنوار سان نڪاح ڇو ڪيو؟

جواب

ننڍيءَ عمر واريءَ ڪنوار سان نڪاح ڪرڻ اهو ان وقت عربن ۾ برو نه هو. عام رواج هو، عائشه سڳوري ته حضور پاڪ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کان اڳ ۾ ئي حضرت جبير بن مطعم جي نالي ڪيل هئي جيئن (اڳ ۾ بيان ٿي چڪو آهي) جيڪو ان وقت جي رواج هجڻ جو دليل آهي. جنهن ڏينهن حضور صلي الله عليه وسلم جن جي والد حضرت عبدالله جو آمنه بنت وهب سان نڪاح ٿيو هو ته عين ان ڏينهن حضرت عبدالمطلب وڏيءَ عمر واري حضرت بيبي آمنه جي سوٽ هاله سان شادي ڪئي هئي. حضرت عمر بن خطابؓ رضي الله تعاليٰ عنه حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه جي نياڻي ام ڪلثوم سان شادي ڪئي حالانڪ عمر ۾

(١) طبقات ابن سعد ص ٦٢ جلد ٨

تہ پاڻ تمام گهڻو وڏو هو[1] ڪي ڪي مؤرخ جن جي حضور صلي الله عليه وسلم جن ۽ سندن دين سان دلي عداوت آهي، اهي ان ڳالهہ ڪي اجايا رنگ ڏئي اعتراض ڪندا آهن حالانڪہ ننڍيءَ عمر واريءَ سان نڪاح ڪرڻ عربستان کان سواءِ مشرق وسطيٰ، اسپانيا، پرتغال بلڪ ولايات متحده، آمريڪا جي ڪن ڪن ڊويزنن ۽ پاڪستان، هندستان، وغيره ۾ اڄ بہ مروج ۽ عام آهي ۽ اتي ڪنهن ڪي اعتراض ئي ناهي.

پرڏو

جڏهن عائشه سڳوري رضي الله تعاليٰ عنها مدينه منوره ۾ پنهنجي ڀاءُ عبدالله ۽ ڀيڻ اسماءِ سان پهتي تہ بنوحارث بن خزرج جي محلي ۾ لٿي ۽ ستن اٺن مهينن تائين اتي پنهنجيءَ ماءُ سان گڏ رهي.

آب هوا جي تبديل ٿيڻ جي ڪري حضرت ابوبڪر جي طبعيت ناساز ٿي پئي تہ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها پنهنجي پيءُ جي خدمت ۾ مصروف رهندي هئي. سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها فرمايو آهي تہ "مان جڏهن والد ماجد جي خدمت ۾ حاضر ٿي خيريت جو پڇندي هيس، تہ پاڻ جواب ۾ هيءُ شعر پڙهندا هئا:

كُلُّ امْرَءٍ مُصْبِحٌ فِيْ اَهْلِهٖ
وَالْمَوْتُ اَدْنيٰ مِنْ شِرَاكِ نَعْلِهٖ

يعني هر مرد تي سندس اهل ۾ صبح جو تڪليفون اينديون آهن ۽ موت (ان ڪي) سندس جوتيءَ جي وڌيءَ کان بہ وڌيڪ ويجهو آهي

[1] مختلف ڪتب

سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي پنهنجي والد جي بيمار ٿيڻ جي ڳالهہ عرض ڪئي تہ پاڻ ان جي صحت لاءِ دعا فرمايائون. ان کان پوءِ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها پاڻ بيمار ٿي پيئي تہ حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه پنهنجي نياڻيءَ جي تيمارداري، ۽ طبع پرسي ڪندو رهندو هو. جڏهن سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي طبعيت صحيح ٿي ۽ هوڏانهن حضرت رسول مقبول صلي الله تعاليٰ عليه وسلم، جن مسجد شريف ۽ حجرن جي ناهڻ کان واندا ٿيا ۽ مسلمان بہ دارالهجرة مديني منوره ۾ دشمن کان محفوظ ۽ امن وارا ٿي قرار سان رهڻ لڳا تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ ويهي ڳالهيون ڪندي عرض ڪيو تہ يا رسول الله! اوهان پنهنجي نڪاح واريءَ کي هاڻي پاڻ وٽ آڻيو. پاڻ فرمايائون تہ ”هن وقت مون وٽ مهر ادا ڪرڻ لاءِ پئسا نہ آهن“ حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه عرض ڪيو تہ منهنجا پئسا قبول پون. پوءِ سيدنا رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن ٻارهن اوقيون ۽ هڪ نش (موجوده دور جو هڪ سؤ روپيو). حضرت ابوبڪر کان وٺي حضرت بيبي عائشه رضي الله تعاليٰ عنها ڏانهن مهر طور موڪليا. (١)

(١) طبقات ابن سعد باب النساء ص ٦٣ جلد ٨

تنبيهہ

هن روايت مان اهي ماٺهو سبق وٺن جيڪي پنهنجين زالن کي مهر نہ ڏيندا آهن. اهي ماٺهو الله تعاليٰ شانه جي بارگاه ۾ ڪهڙو جواب ڏيندا. مهر زالن جو حق آهي ۽ اهو ضرور ادا ڪرڻو آهي، ان ۾ سستي نہ ڪجي.

ان ڪان پوءِ مديني منوره جي انصارن سڳورن رضي الله تعاليٰ عنهم جون عورتون سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کي پرڻائڻ لاءِ سندن گهر آيون تہ سائڻ هڪ جيڏين سان راند ۾ مشغول هئي. سندس ماءُ حضرت ام رومان رضي الله تعاليٰ عنها کيس سڏ ڪيو. پاڻ ماءُ جو سڏ ٻڌي ادب سان سندس خدمت ۾ حاضر ٿي. ماءُ پنهنجي ڏيءُ کي هٿ مان وٺي دروازي تي آئي. سندس منهن مبارڪ ڌوئاري، واري سنواري، سينگاري، کيس ان ڪمري ۾ واريو، جنهن ۾ انصارن سڳورن جون عورتون اڳيئي ويٺيون هيون. جڏهن سائڻ اندر گهڙي تہ انهن عورتن "عَلَي الْخَيْرِ وَالْبَرْكَةِ وَعَليٰ خَيْرِطَائِرٍ" (تنهنجو اچڻ خير، برڪت ۽ چڱي فال آهي) چئي سندس آجيان ڪئي. اجان ڪنوار کي ٿوروگهڻو سينگار مس ڪرايائون تہ سيدالمرسلين صلي اللہتعاليٰ عليه وسلم جن تشريف فرما ٿيا ۽ سائڻ سندن خدمت جي حوالي ڪئي وئي. (١)

(١) صحيح مسلم شريف ص ٤٥٦ جلد ١

ڪنوار کي کير پيارڻ

گهوٽ جي هٿان ڪنوار کي کير پيارڻ سنت آهي حضور صلي الله عيله وسلم جن جڏهن سهري جي گهر ۾ اچي ويٺا ته سندن مهمانيءَ لاءِ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جي گهر ۾ کير جي هڪ پيالي کان سواءِ ڪجهه به موجود نه هو. جڏهن سندن خدمت ۾ اهو پيش ڪيو ويو ته پاڻ ان مان ٿورو پيئڻ کان پوءِ باقي کير سيده عائشه کي ڏيڻ لاءِ هٿ مبارڪ وڌايائون اسماءِ بنت عميس فرمايو آهي ته عائشه کير وٺڻ کان شرمائڻ لڳي ته مون ڪيس چيو ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو عطيو واپس نه ڪر. عائشه سائڻ شرمائيندي شرمائيندي اهو ورتو ۽ ٿورو کير پيئڻ کان پوءِ باقي رکي ڇڏيو، حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کيس فرمايو ته "اهوباقي رهيل کير پنهنجين سرتين کي ڏي." اسان عرض ڪيو ته: اسان کي اشتها نه آهي، پاڻ فرمايائون ته "بک ۽ ڪوڙ نه گڏيو." مون عرض ڪيو ته يا رسول الله! جيڪڏهن اسان مان ڪا هڪڙي ڪنهن شيءِ جي اشتها رکڻ جي باوجود چوي ته مون کي اشتها نه آهي ته ڇا اهو به ڪوڙ آهي؟ پاڻ فرمايائون ته "ڪوڙ لکيو ويندو آهي. ننڍو ڪوڙ ننڍو ڪري لکيو ويندو آهي." (١) ان کان پوءِ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها حضور صلي الله عليه وسلم جن جي گهر مبارڪ ڏانهن رواني ٿي.

(١) الفتح الرباني ص ١٥ جزء ٢١

فائدو

سيده سائڻ جي نڪاح، مهر، پرڻي جي طريقي ڪار پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ حضور صلي الله عليه وسلم جن پنهنجيءَشاديءَ کي ان نموني ملهائڻ سان عربن جي ڪيترين غلط رسمن جا دروازا بند ڪري ڇڏيا.

١- تہ عرب زباني پائرن جي اولاد سان شادي نہ ڪندا هئا.

٢- تہ شوال مهيني ۾ شادي ڪرڻ کي بدفال سمجهندا هئا.

٣- تہ ڪنوار جي اڳيان باهہ ٻاريندا هلندا هئا.

۴- تہ اٺ تي رکيل ڪجائي يا محفہ ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار ملاقات ڪندا هئا اهي سيئي رسمون اسلام بند ڪري ڇڏيون. سادگيءَ سان شادي ڪرڻ جو عمل الله تعاليٰ ۽ ان جي حبيب صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کي تمام گهڻو پسند ۽ پيارو آهي.

تعليم ۽ تربيت

تاريخ جي ورق گردانيءَ ۽ مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ عربن جي مردن ۾ ئي لکڻ پڙهڻ جو رواج ٿورو هو تہ عورتن ۾ تعليم جو معيار ڪهڙو هوندو؟ جڏهن اسلام آيو تہ قريشين جي سيني قبيلن مان صرف سترهن (١٧) ماڻهو لکي پڙهي سگهندا هئا انهن ۾ عورت صرف هڪ شفاء بنت عبدالله عدويه هئي پر هيءَ اسلام

جي برڪت آهي جو ان کي قبول ڪرڻ وارن ۾ آهستي آهستي لکڻ، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جو فن فروغ وٺندو ويو. بدر جي جنگ مان جيڪي ڪافر قيدي ٿي آيا هئا ۽ انهن وٽ پاڻ کي آزاد ڪرائڻ لاءِ مالي طاقت نہ هئي جو فديو ادا ڪري جان ڇڏائين تہ حضور صلي الله عليه وسلم جن انهن جو فديو هيءُ مقرر ڪيو هو تہ اهي مسلمانن کي لکڻ ۽ پڙهڻ سيکارين اصحاب صفه ۾ اندازن هڪ سئو (١٠٠) اصحابي سڳورا رضي الله تعاليٰ عنهم اهڙا هئا جن کي محمدي دين جي بنيادي ڳالهين سمجهائڻ سان گڏ لکڻ ۽ پڙهڻ بہ سيکاريو ويندو هو. حضرت بيبي عائشه رضي الله تعاليٰ عنها پرڻجڻ کان پوءِ پڙهڻ سکيو ۽ قرآن پاڪ ياد ڪرڻ سان گڏ ڏسي بہ پڙهندي هئي (١) اها تہ سندس ظاهري تعليم هئي سندس حقيقي تعليم ۽ تربيت جو معيار تہ ان کان ڪئين درجا بُلند ۽ بالا هو. انسانيت جي تڪميل، اخلاق جو تزڪيو، دين جي ضرورت کان واقفيت، شريعت جي اسرارن کان آگاهي، ڪلام الاهيءَ جي معرفت، نبوي احڪام جو علم ئي اعليٰ تعليم آهي ۽ حضرت بيبي عائشه رضي الله عنها ان تعليم کان ڪامل نموني بهرور هئي. ديني علوم کان سواءِ تاريخ، ادب ۽ طب جي علم ۾ بہ ڪيس وڏي دسترس هئي. ديني علوم جي تحصيل لاءِ سندس ڪو مخصوص وقت نہ هو پر ان وجهن جي ڪري، علمي بلنديءَ تي فائز ٿي هئي.

(١) بخاري باب تاليف القرآن ص ٧۴٧ جلد٢

١- هڪ ته شريعت جي علم جي معلم، حضور صلي الله عليه وسلم جن جي ذات بابرڪات سندس گهر ۾ تشريف فرما هوندا هئا ۽ ڪيس رات ڏينهن سندن صحبت ميسر ۽ حاصل هئي.

٢- ٻيو ته محبوب ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي تعليم ۽ ارشاد جون مجلسون روزانو نبوي مسجد ۾ منعقد ٿينديون هيون ۽ مسجد شريف سائڻ جي حجري کي گهٽو ويجهي هئي. نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عيله وسلم جن ماڻهن کي جيڪو اتي درس ڏيندا هئا سائڻ سڳوري اهو ٻڌي ياد ڪندي هئي پر اتاهين ٻڌڻ سان جيڪڏهن ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي هُيس ته جڏهن حبيب سهڻا صلي الله تعاليٰ عليه وسلم گهر ۾ تشريف فرماتيندا هئا ته ٻيو پيرو اها ڳالهه ڪانئن پڇي تشفي ۽ تسلي حاصل ڪندي هئي. رات ڏينهن ڪيترا مسئلا سندس مبارڪ ڪنن تي ايندا هئا پر اهي پڇڻ ۽ سمجهڻ ڪان سواءِ صبر نه ڪندي هئي.حديث شريف جي ڪتابن ۾ اهڙا ڪيترا مسئلا ايندا آهن جن بابت سائڻ رضي الله تعاليٰ عنها وري وري پڇي پڪ ڪئي آهي.

گهر سنڀالڻ

سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جنهن گهر ۾ اچي رهي هئي اهو انتهائي سادو نهيل هو. ڪابلند ۽ عاليشان عمارت نه هئي. بني نجار جي محله ۾ نبوي مسجد جي چئني پاسن ڪان ننڍا ننڍا ٻٺي حجرا نهيل هئا

انهن ۾ مسجد جي اوپر طرف واقع هڪ حجرو ام المؤمنين عائشه سائڻ رضي الله تعاليٰ عنها جي رهائش گاه هو جنهن جو هڪ دروازو اندر مسجد ڏانهن اولهه طرف هو گوياڪ مسجد نبوي ان جو صحن هئي. محبوب، ڪريم رؤف، رحيم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن ان دروازي کان مسجد ۾ تشريف فرماٿيندا هئا ۽ جڏهن اعتڪاف ۾ وهندا هئا ته ان دروازي کان ئي پنهنجو مٿو مبارڪ حضرت عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي حجري ۾ اندر داخل ڪندا هئا ۽ ام المؤمنين عائشه سڳوري رضي الله عنها سندن وارن مبارڪن کي ڦڻي ڏيندي هئي (١) پاڻ ڪڏهن ڪڏهن مسجد شريف ۾ ويٺي ويٺي پنهنجو هٿ مبارڪ ڊگهو ڪري ٻه ڪا شيءِ گهرندا هئا. اهو گهر سرن جو ٺهيل هو ان ۾ ڇت کجيءَ جي ڦرهن جي ۽ ان ۾ وچاٽو چمڙي جو پيل هو. جنهنجي اندران پراءَ ٽيل هوندو هو. (٢) انهيءَ گهر ۾ ئي سائڻ پنهنجي شاديءَ واري زندگي گذارڻ شروع ڪئي هئي. جيڪا اڄ تائين سيرت ۽ تاريخ جي ڪتابن جي زينت ۽ سينگار بنيل آهي ۽ سائڻ رضي الله تعاليٰ عنها جيتوڻيڪ عمر ۾ ننڍي هئي پر سندس وجود مسعود جو احساس سيني کي هو. سائڻ رضي الله تعاليٰ عنها نهايت ئي خوش نصيب هئي جيڪا ننڍيءَ عمر ۾ ئي الله تعاليٰ جي نبي صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي نگاهن ۾ رهي، روحاني تربيت حاصل

(١) صحيح بخاري ص ٢٧٢جلد ١
(٢) وفاءُ الوفاءِ ص ٤٥٩ جلد ٢

ڪندي، جوانيءَ کي پهتي هئي ۽ سيده سائڻ رضي الله تعاليٰ عنها جيتوڻيڪ بي اولاد هئي. پر ان هوندي بہ ننڍين ٻارن تي مائرن وانگر مهربان هوندي هئي. جڏهن سندس ڀاءُ عبدالرحمٰن رضي الله تعاليٰ عنه وفات ڪري ويو تہ ان جي پٽ قاسم ۽ ان جي نياڻيءَ کي سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها پاڻ وٽ رهايو ۽ پاليو هو. قاسم رضي الله تعاليٰ عنه جو فرمان اهي تہ : ”فما رايت والدة قط ابر منها (١) يعني مون ان کان وڌيڪ احسان ڪندڙ ڪا ماءُ نہ ڏٺي. حضور صلي الله عليه وسلم جن جي طرفان مسڪيني اختيار ڪرڻ جو هي جهان هو، جو چاليهہ چاليہ راتيون گذري وينديون هيون تہ گهر مبارڪ ۾ ڏيو بہ نہ ٻرندو هو ان حجري ۾ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها سان گڏ صرف حضور سرورِڪائنات صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن رهندا هئا. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ان حجري تي ۾ بريره نالي هڪ ٻانهي بہ رهائي وئي هئي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن هڪ رات سيده عائشه وٽ تہ هڪ رات پنهنجي ٻيءَ گهر واريءَ ام المؤمنين سوده رضي الله تعاليٰ عنها وٽ رهندا هئا جڏهن ٻيون ٻيبيون سڳوريون بہ حضور صلي الله عليه وسلم جن جي زوجيت (زال هجڻ) جي شرف سان مشرف ٿيون تہ پوءِ سيني جو وارو ۽ نمبر ٺاهيو ويو هو. حضرت ام المؤمنين سوده سڳوريءَ رضي الله تعاليٰ عنها عمر جي وڏي هجڻ جي ڪري جڏهن پنهنجو وارو ۽ نمبر حضرت ٻيبي عائشه

(١) سيدات بيت النبوة ص ٢٧٣

رضي الله تعاليٰ عنها جي حوالي ڪيو ته پوءِ حبيب سهڻا صلي الله تعاليٰ عليه وسلم سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها وٽ به راتيون رهندا هئا. گهرو ڪاروبار لاءِ گهٽي انتظام ۽ اهتمام جي ضرورت نه پوندي هئي ڪاڏي پچائڻ جي نوبت به گهٽ ايندي هئي. ام المؤمنين عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها فرمايو آهي ته "كُنَّا آلُ مُحَمَّدٍ نَمْكُثُ شَهْرًا مَا نَسْتَوْقِدُ بِنَارٍ" (١) يعني اسين محمد صلي الله عليه وسلم جا گهروارا مهينو، مهينو ائين رهندا هئاسين. ڪاڏي پچائڻ لاءِ باه نه ٻاريندا هئاسين صرف ڇوهارن ۽ پاڻيءَ تي گذر هوندو هو. صحابه ڪرام رضي اللهتعاليٰ عنهم محبت مان پنهنجي طرفان هديا ۽ تحفا عموما موڪليندا هئا ۽ خاص ڪري ان ڏينهن جنهن ڏينهن سندن رهڻ جو وارو سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي گهر ۾ هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن انصار سڳورا کير موڪليندا هئا ۽ انهيءَ جي پيئڻ سان گذارو ڪيو ويندو هو. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي رحلت جي قريبي دور ۾ جيتوڻيڪ سارو عرب مسخر ۽ زيرفرمان ٿي چڪو هو ۽ سيني علائقن مان بيت المال ۾ خزانن تي خزانا پيا ايندا هئا مگر ان هوندي به جڏهن پاڻ ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن ظاهري رحلت ڪئي ته سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي گهر مبارڪ ۾ هڪ ڏينهن جي گذاري جيترو سامان به نه هو جيئن حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي قال:

(١) جمع الوسائل ص ١٨٥- ١٨٦ جلد ٢

كَانَ النَّبِيُّ صَلَّي الله عَلَيْهِ وَسَلَّم لَايَدَّخِرُ شَيْئًا لِغَدٍ (١) يعني نبي كريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن ٻئي ڏينهن لاءِ ڪا شيءِ بچائي نہ رکندا هئا خيبر جي فتح کان پوءِ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ازواج مطهرات جي ساليانی خرچ لاءِ، چوهارن ۽ جَوَن مان جيکي وظيفا مقرر ڪيا هئا اهي سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي خلافت جي دور ۾ بہ سڀ ڪنهن کي دستور مطابق ملندا هئا ۽ حضرت اميرالمؤمنين سيدنا فاروق اعظم، عمر رضي الله تعاليٰ عنه جي دور ۾ اهي نقد جي صورت ۾ ادا ڪيا ويندا هئا ام المؤمنين سيده عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها کي خلافت فاروقيه ۾ ٻارهن (١٢) هزار ملندا هئا. (٢) هڪ روايت ۾ آهي تہ حضرت عمر رضي الله عنه پنهنجي خلافت جي زماني ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي سيني گهروارين کي اختيار ڏنو هو وٺين تہ اناج وٺن، وٺين تہ زمين وٺن سيده عائشه رضي الله عنها زمين ورتي هئي (٣) پر ان جي پيدائش جو گهڻو حصو سندس طرفان فقيرن ۽ مسڪين تي وقف هوندو هو. حضرت عثمان، حضرت علي، حضرت امام حسن ۽ حضرت معاويه رضي الله تعاليٰ عنهم جي دور ۾ بہ غالبا اهو طريقو رائج رهيو. حضرت عبدالله بن زبير رضي الله تعاليٰ عنہ امير معاويه رضي الله

(١) ترمذي ص ٦١ جلد ٢
(٢) مستدرک حاکم ذکر عائشه في الصحابيات
(٣) بخاري ص٣١٣ جلد ١ باب المزرعة بالشطر

تعاليٰ عنه کان پوءِ حجاز جي علائقي جو خليفو ٿيو ۽ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جو پاڻيجو هو. (جيئن اڳ ۾ لکي آيا آهيون) ۽ پنهنجيءَ ماسيءَ جي سيني خرچن جو سڀ حساب ڏيندو هو. مگر جنهن ڏينهن بيت المال مان مقرر ٿيل وظيفو سائڻ وٽ پهچندو هو ته ان ئي ڏينهن سمورو خيرات ڪري ويندو هو. ۽ پاڻ شام جو گهر ۾ بک تي رهندا هئا.

گهوٽ سان زندگي گذارڻ

ڄاڻڻ گهرجي ته حضرت ام المؤمنين عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي ازدواجي زندگي نوَ (٩) سال رهي پر ان پوريءَ مدت ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن ۽ سائڻ رضي الله عنها هڪ ٻئي سان لطف، محبت، باهمي همدرديءَ ۽ خلوص جو معاشرو قائم رکيو خاص ڪري، جڏهن ڏسجي ٿو ته نبوت جو خاندان ڪيڏن وڏن ۽ ڪَهڙن امتحان مان گذري رهيو هو. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن پنهنجي اهليه عائشه رضي الله تعاليٰ عنها سان نهايت گهڻو پيار ۽ محبت رکندا هئا ۽ اها خبر غالبا سيني اصحابن سڀني تائين پهتل هئي ان جي ڪري اصحابي سڀئي تحفا ۽ هديا به ان ڏينهن حضور صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ موڪليندا هئا. جنهن ڏينهن سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها وٽ سندن رهڻ جو وارو هوندو هو. سندن گهروارين کي اها ڳالهه ڳري ته لڳي پر حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم

جن جي خدمت ۾ ڳالهائي ڪير؟ نيٺ سيني گڏجي حضرت فاطمه زهريٰ رضي الله تعاليٰ عنها کي ان عرض ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ۽ اها سائڻ سيني جو اهو پيغام کڻي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت عاليه ۾ پهتي ۽ جڏهن اچي عرض ڪيائين ته پاڻ ڪيس فرمايائون ته "ڇا جنهن کي مان پسند ڪيان تون ان کي پسند نٿي ڪرين؟ سيدة نساءِ اهل الجنت فاطمه زهريٰ لاءِ اهو چوڻ ئي ڪافي هو. اها واپس هلي آئي. ازواج مطهرات ڪيس وري ٻيو پيرو موڪلڻ چاهيو پر پاڻ ان لاءِ راضي نه ٿي نيٺ حضرت ام المؤمنين بيبي ام سلمه رضي الله تعاليٰ عنها کي تيار ڪري موڪليائون اها سائڻ انتهائي داناء، سنجيده ۽ سياڻي هئي. آئي ۽ اچي موقعو وٺي باادب عرض ڪيائين. پاڻ ڪيس فرمايائون ته "ام سلمه! مون کي عائشه جي معاملي ۾ ڪجهه به نه چئو ڇو ته ان کان سواءِ ٻي ڪهڙيءَ به گهرواريءَ سان گڏ رهندي مون تي وحي نازل نه ٿيو آهي (١) حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه به ان جي ڪري ئي پنهنجي نياڻي ام المؤمنين حفصه سڳوريءَ رضي الله تعاليٰ عنها کي فرمايو هو ته "عائشه سان ريس نه ڪر ان سان حضور صلي الله عليه وسلم جن جي محبت آهي. (٢)

ان محبت جو اهو دليل به آهي جو پاڻ ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جڏهن هن دنيا مان

(١) مسند امام احمد بن حنبل ص ١٠١ جلد ٦

(٢) صحيح بخاري ص ٧٨٥ جلد١باب حب الرجل بعض نسائه

ظاهري انتقال تي فرمايو تہ ان وقت بہ سندن مٿو مبارڪ سيده عائشه صديقه رضي الله عنها جي گوڏي مبارڪ تي رکيل هو.

سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها سان ايتري محبت رکڻ جو وجه

مٿيون لکيل روايتون ڏسي عام ماڻهو سمجهندا تہ سائڻ رضي الله تعاليٰ عنها سان حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي اها ايتري محبت صرف ان جي حسن ۽ جمال جي ڪري هئي. پر اهو سمجهڻ بلڪل غلط آهي. مسلم شريف ۽ بخاري شريف حضرت ابوهريره رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ حضور صلي اللهتعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو: "تُنْكَحُ النِّسَاءُ لِاَرْبَعٍ لِمَالِهَا وَلِحَسَبِهَا وَلِجَمَالِهَا وَلِدِيْنِهَا فَاظْفُرْ بِذَاتِ الدِّيْنِ" (الحديث) (١) يعني عورتن سان نڪاح چئن وجهن جي ڪري ڪيو ويندو آهي:

١- انهن جي مال جي ڪري
٢- نسب ۾ بلند هجڻ جي ڪري
٣- حسن جي ڪري
۴- ۽ انهن جي دين جي ڪري.

پوءِ تون دينداز عورت سان ڪاميابي حاصل ڪر. جڏهن رسول الله تعاليٰ عليه وسلم جن پاڻ ڪي ئي دينداز عورت

(١) ابن ماجه ص١٣٥ ابواب النڪاح

سان شادي ڪرڻ جي تلقين ڪئي تہ پاڻ بہ اهائي ڳالهہ نگاهن ۾ رکي حضرت عائشه رضي الله تعاليٰ عنها سان محبت رکندا هئا. ڇوتہ سيده عائشه رضي اللہتعاليٰ عنها ديني مسئلا سمجهڻ، اجتهاد، فڪر ۽ شرعي احڪام ياد ڪرڻ ۾ ٻين ازواج مطهرات کان گهڻو وڌيڪ ۽ اڳتي هئي انهيءَ خوبين جي ڪري اها الله جل شانه جي پياري ۽ محبوب عليه الصلواة والسلام جي محبوبه هئي. سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنهاڪي بہ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن سان گهڻي محبت هئي. ڇوتہ حضور پرنور، شافع يوم النشور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن سان محبت رکڻ ايمان جو اصل، اساس ۽ بنياد آهي. ان محبت کان سواءِ ايمان ڪامل نہ ٿيندو آهي. هر مسلمان تي سندن محبت رکڻ فرض آهي جيئن صحيح مسلم شريف ۾ حضرت انس بن مالڪ رضي اللہتعاليٰ عنه کان روايت آهيتہ:رسول الله صلي اللہتعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو "لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّيٰ اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ وَّلَدِهٖ وَوَالِدِهٖ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ" (١)

يعني اوهان مان ڪو هڪ بہ تيستائين مؤمن نہ آهي جيستائين مان ان ڪي، ان جي اولاد، ان جي پيءُ ماءُ ۽ سيني ماڻهن کان وڌيڪ پيارو نہ هجان. ان محبت جي ميدان ۾ حضرت عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها پنهنجو مٽ پاڻ هئي. سرور ڪائنات مفخر موجودات حبيب اڪرم نورمجسم صلي الله عليه وسلم جن جي ذاتِ عالي صفات

(٢) مسلم شريف ص ٤٩ جلد ١

سان ڪيس نہ صرف معمولي محبت هئي پر بي حساب
شغف ۽ پيار بہ هو سندس محبت جي ڳالهہ جيڪڏهن ٻيو
ڪو اصحابي ڪري ها تہ بہ مڃڻي پوي ها پر حضور صلي
الله تعاليٰ عليہ وسلم جن جون ٻيون گهرواريون جن کي
سائڻ رضي الله تعاليٰ عنها سان ڪيتري ريس هوندي
هئي انهن بہ اها محبت تسليم ڪئي هئي ڪڏهن ڪڏهن
سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها رات جو جاڳندي هئي
۽ حبيب صلي الله عليہ وسلم جن کي جيڪڏهن پنهنجي
پاسي ۾ ستل نہ ڏسندي هئي تہ بيقرار ۽ بي چين ٿي
پوندي هئي هڪ ڀيري رات جو سندس اک کلي ۽ پنهنجي
پر ۾ محبوب صلي الله تعاليٰ عليہ وسلم جن کي نہ
ڏسي ڳولڻ لڳي نيٺ سندس هٿ حضور صلي الله عليہ
وسلم جن جي پير مبارڪ کي لڳو ڏٺائين تہ پاڻ سجدي
۾ متو مبارڪ رکيو مالڪ مٺي سان مناجات ۾ مصروف
هئا. ٻئي ڀيري بہ اهڙو واقعو پيش آيو ڪيس شڪ پيو تہ
متان ڪنهن ٻيءَ گهرواريءَ ڏي ويا هجن اٿي هيڏي هوڏي
نهارڻ لڳي جڏهن ڏٺائين تہ پاڻ صلي الله تعاليٰ عليہ
وسلم جن الله جل شانہ جي تسبيح ۽ تهليل ۾ مصروف
هئا تہ سائڻ پنهنجي ڀهريءَ سوچ (تہ متان ڪنهن ٻيءَ
گهرواريءَ ڏانهن ويا هجن) تي پشيمان ٿي عرض ڪيائين
تہ "منهنجا ماءُ ٻيءُ اوهان تان قربان! اوهان هڪڙي خيال
۾ آهيو ۽ مان ٻئي ۾." (١)

هڪ ڀيري سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کي

(١) نسائي باب الغيرة ص ٧٢ جزء ٧

متي ۾ سور تي پيو ۽ حضرت رسول مقبول صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي طبعيت مبارڪ بہ ناساز تي پئي، پاڻ ڪريمن صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن سيده عائشه صديقه کي مخاطب ٿي فرمايو تہ "جيڪڏهن تون منهنجي اڳيان وفات ڪرين ها تہ مان توکي پنهنجن هٿن سان غسل ڏياري ۽ پنهنجن هٿن سان تنهنجي ڪفن وغيره جو انتظام ڪري تولاءِ دعا ڪريان ها" سيده عرض ڪيو تہ "ڀا مان مران تہ اوهان هن حجري ۾ ٻيءَ بيبي کي اچي وهاريو "اهو ٻڌي رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن تبسم (مرڪڻ) فرمايو(١) المقصد تہ اهڙا ڪيترا واقعا سيرت ۽ احاديث جي ڪتابن مان ملن ٿا. جن مان ثابت آهي تہ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کي حضور صلي الله عليه وسلم جن سان تمام گهڻي محبت هئي.

خدمت ڪرڻ جو جذبو

سيده عائشه سڳوريءَ رضي الله تعاليٰ عنها جي گهر ۾ جيتوڻيڪ خادمه رکيا هوندي هئي پر تنهن هوندي بہ ساڻ پنهنجي گهر جو ڪم ڪار پاڻ ڪندي هئي. مانيءَ لاءِ اٽو پاڻ پيهندي، پاڻ ڳوهيندي ۽ پاڻ پچائيندي هئي بسترو بہ پاڻ وڇائيندي ۽ وضوءَ ڪرڻ لاءِ پاڻي بہ پاڻ ڪٽي رکندي هئي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي متي مبارڪ کي تيل پاڻ مالش ڪندي ۽

(١) سيدات بيت النبوة ص ٢٩٥

جسم اطهر کي خوشبوءِ پاڻ لڳائيندي هئي سندن ڪپڙا مبارڪ پنهنجن هٿن سان ڌوئيندي ۽ سمهڻ وقت ڏندڻ ۽ پاڻي مٿن ڪان رکندي ۽ محبوب عليه الصلواة والسلام جو ڏندڻ مبارڪ پاڻ ڌوئي صاف ڪندي هئي، گهر ۾ مهمان ايندو هو ته مهمان نوازيءَ جي خدمت به سرانجام ڏيندي هئي. (مختلف ڪتب الاحاديث)

اطاعت ۽ فرمانبرداري

جاڻڻ گهرجي ته زال جو سڀ کان وڏو جوهر مڙس جي اطاعت ۽ فرمانبرداري آهي. حضرت بيبي عائشه رضي الله تعاليٰ عنها نون (٩) سالن جي عمر ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي صحبت ۽ زوجيت ۾ رهڻ شروع ڪيو ۽ پين نون (٩) سالن جي ڊگهي صحبت ۾ ڪڏهن به سندن حڪم جي انحرافي يا مخالفت نه ڪئي بلڪ اشاري طور به جيڪڏهن ڪا ڳالهه حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي طبعيت مبارڪ تي ناگوارا سمجهندي هئي ته هڪدم ڇڏي ڏيندي هئي.

هڪ ڀيري سائڻ رضي الله تعاليٰ عنها پنهنجي گهر جي دروازي تي پردي لاءِ اهڙو ڪپڙو لڳايو جنهن ۾ تصويرون نهيل هيون. اهو ڪپڙو محبوب ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کي پسند نه آيو. پاڻ ان کي ڪٽي فرمايائون ته "اَشَدُّ النَّاسِ عَذَابًا يَوْمَ الْقِيَامَةِ الَّذِيْنَ يُضَاهُوْنَ بِخَلْقِ اللهِ (١)

(١) بخاري شريف ص٨٨٠ ج٢ ڪتاب اللباس باب التصاوير

يعني قيامت جي ڏينهن سخت عذاب ۾ اهي ماڻهو هوندا جيڪي الله سان پيدا ڪرڻ واريءَ صفت ۾ مشابهت تا ڪن. ان حديث مبارڪ تي بخاري شريف جي حاشيه نمبر۴ تي لکيل آهي ته سيده عائشه عرض ڪيو ته "مون توبه ڪئي. وري اهڙو ڪم نه ڪنديس." هڪ صحابيءَ ڪي وليمي جي دعوت ڪرڻي هئي پر غريب هجڻ جي ڪري سندس گهر ۾ ڪجهه به نه هو. پاڻ ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن ان کي فرمايو ته "عائشه کي چئو ته اناج جي ٽوڪري موڪلي" ان حضرت بيبي عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي خدمت ۾ اچي حبيب ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جو پيغام پهچايو ته ان وقت ئي حضرت عائشه رضي الله تعاليٰ عنها ان جي گهر ڏانهن پوري ٽوڪري ڏياري موڪلي.

الله تعاليٰ جي عبادت جو شوق

ام المؤمنين عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کي الله تعاليٰ جي پياري رسول مقبول صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کان وڏو فيض ۽ عرفان مليل هو. ان نبوي عطائن ۽ عنايتن جي صدقي ڪيس عبادت الاهيءَ جو شوق گهڻو رهندو هو هڪ ڀيري رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کان جهاد ڪرڻ جي لاءِ اجازت گهريائين پاڻ فرمايائون ته "عورتن جو جهاد مقبول پيل

حج آهي. (١) ان نبوي فرمان ٻڌڻ کان پوءِ امان سائڻ رضي الله تعاليٰ عنها اتفاقا ڪوسال حج کان خالي ڇڏيو هوندو نہ تہ هر سال حج ڪرڻ لاءِ تشريف فرماٿيندي هئي. هڪ ڀيري حج جي ڏينهن (نائين تاريخ ذوالحج مهيني جي) امان سائڻ عرفات جي ميدان ۾ روزي سان هئي ۽ گرمي ايتري سخت هئي جو مٿي تي پاڻيءَ جا ڇنڊا هنيا ٿي ويا ڪنهن ماڻهوءَ کيس مشورو ڏيندي عرض ڪيو تہ روزو ڪوليو پاڻ فرمايائين تہ "جڏهن مان رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن کان ٻڌي چڪي آهيان تہ "حج جي ڏينهن روزي رکڻ سان سڄي سال جا گناهہ معاف ٿيندا آهن." تہ مان روزو ڪيئن ٿي ڀڃي سگهان." (٢) امان سائڻ رضي الله تعاليٰ عنها حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وسلم جن کي ضحيٰ جي نماز پڙهندي ڏٺو هو تنهن جي ڪري پاڻ بہ ضحيٰ واري نماز پابنديءَ سان پڙهندي هئي (ضحيٰ سج جي مٿڀند تي پهچڻ کان پهريون وقت هوندو آهي.) ۽ فرمائيندي هئي تہ (بالفرض) جيڪڏهن منهنجا والدين سڳورا پنهنجين قبرن مبارڪن مان نڪري اچن ۽ مون کي هن کان روڪين تڏهن بہ مان اها نماز نہ ڇڏيندس. هڪ ڀيري هڪ عورت اچي سائڻ رضي الله تعاليٰ عنها کان پڇيو تہ اي ام المؤمنين! ميندي لڳائڻ ڪيئن آهي؟ ان کي جواب ڏيندي فرمايائين تہ

(١) بخاري شريف ص٢٠٦ جلد١ ڪتاب المناسڪ باب فضل الحج
(٢) مسند امام احمد ص ١٣٨ جلد ٦

”منهنجي محبوب (عليه الصلواة والسلام) کي ان جو رنگ پسند هو ان جي بوءِ پسند نہ هئي. اها حرام نہ آهي. جيڪڏهن تنهنجي دل چوي تہ پلي لڳاءِ. (١) سيده عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها جنهن گهر ۾ رهندي هئي اهو گهر اللهتعاليٰ جي محبوب نبي عليہ الصلواة والسلام جي خلوت ۾ رهڻ واري جاءِ هئي جتي نہ دنيا ۽ دولت جو سامان هو ۽ نہ ان جي سوچ يا پرواهہ هئي ان هوندي بہ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وسلم جن پنهنجي اهل عيال کي دنيا جي بي وفائي ٻڌائيندي حرص وهوا کان پري رکندا هئا. پاڻ سومهاڻيءَ جي نماز پڙهي پنهنجي حجري ۾ داخل ٿيندا هئا ڏندڻ ڪري هڪدم سمهي پوندا هئا ۽ پوئين پهر اٿي تهجد جا نفل پڙهندا هئا. جڏهن رات جو آخري حصو بچندو هو تہ حضرت عائشہ رضي اللهتعاليٰ عنها کي سجاڳ ڪندا هئا ۽ اها سجاڳ ٿي ساڻن گڏ عبادت ۾ شريڪ ٿيندي هئي، ۽ وتر بہ پڙهندي هئي. جڏهن صبح جي باک ڦٽندي هئي تہ پاڻ ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وسلم جن فجر جي سنت پڙهي ٿورو ليٽندا هئا ۽ حضرت عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها سان ڳالهائيندا رهندا هئا جڏهن فجر جي فرض پڙهائڻ جو وقت ٿيندو هو تہ پاڻ نماز پڙهائڻ لاءِ ٻاهر تشريف فرماٿيندا هئا ڪڏهن تہ سيده عائشہ سڄي سڄي رات حضور صلي اللهتعاليٰ عليہ وسلم جن

(١) مسند امام احمد بن حنبل ص ١٣٨ جلد ٦

سان عبادت ۾ بيٺي هوندي هئي. حضور صلي اللهتعاليٰ عليه وسلم جن امام هوندا هئا سائڻ سندن اقتداء ۾ نماز ادا ڪندي هئي. رسول الله صلي الله عليه وسلم جن نماز ۾ سورت بقره، سورة آل عمران، سورة النساءِ وغيرها وڏيون وڏيون سورتون پڙهندا هئا ۽ جتي عذاب جو ذڪر هوندو هو ته اللهتعاليٰ جي بارگاه ۾ ان ڪان پناه گهرندا هئا ۽ جتي رحمت ۽ بشارت جو ذڪر ايندو هو ته اتي اللهتعاليٰ ڪان رحمت ۽ ڀلائي گهرندا هئا. اهڙيءَ طرح سڄي رات جو اهو پر اثر روحاني منظر قائم رهندو هو غيرمعمولي اوقات ۾ مثلا سج گرهڻ وغيره جي حالات ۾ جڏهن پاڻ ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم نماز لاءِ اٿندا هئا ته ام المؤمنين رضي الله تعاليٰ عنها به اٿندي هئي ۽ محبوب عليه الصلواة والسلام سان گڏ بيهي الله تعاليٰ جي عبادت ڪندي هئي.

ٻين گهروارين سان سلوڪ

اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي ته هڪ ئي مڙس جي نڪاح ۾ رهڻ واريون به، ٽي يا چار زالون گهڻو ڪري هڪ ٻئي جي سخت خلاف هونديون آهن. مگر ام المؤمنين حضرت بيبي عائشه رضي الله تعاليٰ عنها پنهنجي پياري مڙس سيدنا رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي ٻين گهروارين سان به سنو ۽ سهڻو سلوڪ رکندي هئي ڪن اتفاقي واقعن ڪان سواءِ گهڻو

ڪري پاڻ ۾ خوش گذارينديون هيون حالانڪ طبعي طور تہ سيده عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کي ٻين عورتن سان شادي نہ ڪرڻ لاءِ عرض ڪري سگهي ٿي. جيئن سيده خديجه رضي الله تعاليٰ عنها جي هوندي حضور صلي اللهتعاليٰ عليه وسلم جن ٻيون شاديون نہ ڪيون هيون. پر سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کي اها خبر هئي تہ محبوب عليه الصلواة السلام جن جي پياري مان آهيان پاڻ ٻيون شاديون ڪنهن مصلحت ۽ حڪمت خاطر ٿا ڪن. ان جي ڪري سيده مطمئن رهي.

هڪ ڀيري ٻين گهروارين ڪن ڳالهين جي متعلق سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جون شڪايتون حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ جي لاءِ سندن گهرواريءَ سندن ڦڦيءَ جي ڌيءُ بيبي زينب بنت جحش رضي الله تعاليٰ عنها کي قاصد بنائي موڪليو. سيده زينب حضور صلي الله تعاليٰ عيله وسلم جن جي ڦڦاٽ خوددار ۽ تيزمزاج هئي ان اچي حضور پاڪ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن وٽ وڏي هوش منديءَ، قابليت ۽ دانائيءَ سان باادب ٻيهي سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي متعلق اعتراض بيان ڪيا ۽ سيده عائشه ماٺ ڪري اهي بيان ٻڌندي رهي جڏهن ان ڳالهائي ماٺ ڪئي تہ حضرت عائشه رضي الله تعاليٰ عنها حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي مرضيءَ سان انهيءَ جي اعتراضن جا اهڙا ماٺ ڪرائيندڙ، مفصل ۽ مدلل جواب ڏنا جو سيده زينب رضي الله تعاليٰ عنها

لاجواب ٿي وئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن مرڪندي فرمايو تہ "انها بنت ابي بڪر" بيشڪ اها ابوبڪر جي نياڻي آهي. (١) ان اعتراض ڪندڙ بيبيءَ سيده زينب رضي الله تعاليٰ عنها جي باري ۾ سيده عائشه اهڙا سهڻا الفاظ آندا آهن جو عقل حيران آهي. سائڻ فرمايو تہ "وَلَمْ اَرَ اِمْرَاَةً قَطُّ خَيْرًا فِي الدِّيْنِ مِنْ زَيْنَبَ وَاَتْقيٰ لِلّٰهِ وَاَصْدَقَ حَدِيْثًا وَاَوْصَلَ لِلرَّحْمِ وَاَعْظَمَ صَدَقَةً وَاَشَدَّ اِبْتِذَالًا لِنَفْسِهَا فِي الْعَمَلِ الَّذِيْ تَصَدَّقَ بِهٖ وَتَقَرَّبَ بِهٖ اِلَي اللّٰهِ (الحديث) (٢) "يعني مون زينب کان وڌيڪ دين ۾ ڀلاري، الله کان ڊڄڻ واري، ڳالهہ ۾ سچي، مائٽي ڳنڍيندڙ، وڏا صدقا ڏيندڙ ۽ الله ڏي ويجهو بنائيندڙ عمل ۾ جان خرچ ڪندڙ ڪابہ عورت نہ ڏٺي آ."

ڇا دل جي صفائي آهي جو جيڪا سائڻ سندس خلاف اعتراض ڪرڻ اچي ان جي ايتري تعريف ڪئي وڃي." هن روايت مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ ڀين گهرواريون جيڪي سيده عائشه جون شڪايتون ٿئي ڪيون اهي غلط فهميءَ جو نتيجو هيون جيڪي سمجهائڻ سان دور ٿيو ٿي ويون مگر سيده عائشه جا انهن سان خلوص ۽ سچائيءَ وارا تعلقات پوءِ بہ قائم رهيا.

تنبيهہ

سيني مسلمانن ڀائرن کي هيءَ ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ ڪڏهن ڪتابن ۾ اهڙيون روايتون

(١) صحيح مسلم ص٢٨٥ جلد٢ باب فضائل عائشه رضي الله عنها
(٢) ساڳيو حوالو

نظر اچن ٿيون جن جي ڪري نبوت جي مرڪز ۾ رهڻ وارين، مؤمنن جي مائرن جي مٿان اعتراض ٿين ٿا مگر تحقيق ڪرڻ سان خبر پوي ٿي تہ اهي ڪنهن سازش ذريعي مخالفن جي طرفان تيار ڪيل آهن، ان جي ڪري جن ڪمال وارين الله تعاليٰ جي ٻانهين کي مرسلن جي مهندار، سردارن جي سردار، يتيمن جي يار، محبوب، نبي، مختار، صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي گهروارين، هجڻ جوشرف ۽ شان مليو آهي. انهن جو ادب ڪندي، اعتراضن کي رد ڪري ڇڏجي نہ اهي ٻڌجن نہ ڪنهن کي ٻڌائجن.

حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي نياڻين سان پيار

دنيا جي اڪثر عورتن ۾ ڏنو ويو آهي تہ اهي مڙس جي ٻين گهروارين جي اولاد کي پيار گهٽ ڏينديون آهن انهن مان عيب ڪڍنديون ۽ انهن کي حقارت جي نگاه سان ڏسنديون آهن. مگر سيده عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها حضور صلي الله تعالي عليہ وسلم جن جي پياريءَ گهرواريءَ ام المؤمنين سيده خديجہ رضي الله تعالي عنها مان سندن ڄاول اولاد کي گهڻو پيار ڏيندي هئي ۽ جيڪي انهن جي شان ۾ ڪيس روايتون معلوم هيون اهي بيان ڪندي هئي.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جون نياڻيون

چار هيون اهو عدد قرآن ڪريم ۽ احاديث نبوي، سيرت جي ڪتابن ۽ اسلام جي تاريخن مان صراحت سان ثابت آهي.

١- هڪ زينب ٢- ٻي رقيه ٣- ٽين ام ڪلثوم ٤- چوٿين فاطمه- رضي الله تعاليٰ عنهن.

حضرت بيبي عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي پرڻجي اچڻ کان اڳ ۾ ئي سندن ٽي وڏيون نياڻيون ته پرڻجي ويون هيون باقي هڪ نياڻي حضرت فاطمه زهريٰ رضي الله تعاليٰ عنها رهيل هئي. حضرت بيبي رقيه رضي الله تعاليٰ عنها ته حضرت عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي پرڻجي اچڻ کان هڪ سال پوءِ دنيا تان انتقال ڪري وئي باقي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي ٽن نياڻين سان حضرت عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها جو ڪوبه اختلاف يا رنج نه هو ۽ نه ڪو اهڙو ناخشگوار واقعو ڪڏهن پيش آيو هو سيده زينب رضي الله تعاليٰ عنها جي فضيلت بيان ڪندي حضرت بيبي عائشه رضي الله تعاليٰ عنها روايت ڪئي آهي ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسم جن زينب لاءِ فرمايو ته "هِيَ اَفْضَلُ بَنَاتِيْ اُصِيْبَتْ فِيَّ" (١) اها منهنجا نياڻين ۾ ڀلي نياڻي آهي جيڪا منهنجي محبت ۾ ايذائي وئي هئي. حضرت سيده زينب رضي الله تعاليٰ عنها کي امامه نالي هڪ نياڻي هئي

(١) زرقاني شرح المواهب ص ١٩٥ جلد ٣

حضور سرور ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن ان سان بہ گهڻو پيار ڪندا هئا ان کي هنج ۾ کڻي مسجد شريف ڏانهن ويندا هئا ۽ نماز پڙهائيندي ان کي (بہ حسنين ڪريمين رضي الله تعاليٰ عنهما وانگر) ڪلهي مبارڪ تي کڻدا هئا (١) سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها ان امامه سڳوريءَ رضي الله تعاليٰ عنها جي پلائي بيان ڪندي فرمايو آهي تہ: حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کي امامه سان گهڻو پيار هوندو هو ڪٿان ڪو هار سندن خدمت ۾ آيو ڪيترن عورتن چيو تہ هيءُ عائشه کي ملندو پاڻ ڪريمن صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن اهو هار امامه کي عنايت ڪيو (٢) سيده فاطمه زهريٰ رضي الله تعاليٰ عنها سان بہ مؤمنن جي ماءُ عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها جا تعلقات نهايت سٺا ۽ صحيح هئا. خاتونِ جنت رضي الله تعاليٰ عنها جي شاديءَ جو سامان جن عورتن ناهيو هو انهن ۾ سيده عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها نہ صرف شامل هئي پرسيده الانبياءِ والمرسلين صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي دلي خواهش جي مطابق ان ڏانهن خصوصي طرح متوجهہ رهي ان جو وڏو اهتمام ڪرايو هيائين. جاءِ جو انتظام، ان ۾ بستري جو انتظام، پنهنجن هٿن مبارڪن سان وهاڻا ناهڻ، ڇوهارا ۽ صاف ٿيل ڪنتل دعوت ۾ پيش ڪرڻ، پاڻيءَ جي ڪليءَ ۽ ڪپڙن ٽنگڻ جي لاءِ ڪاٺ

(١) بخاري شريف ڪتاب الصلوٰة ص ٧٤ جلد ١

(٢) مسند امام احمد بن حنبل ١٠١ جلد ٦

جي ٽنگڻي تيار ڪرڻ سڀ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جون خدمتون هيون. سيده عائشه رضي الله عنها جو فرمان آهي تہ: ” فاطمه جي پرڻي جهڙو پرڻو مون ڪنهن جو بہ نہ ڏٺو.“ (١) پرڻجڻ کان پوءِ حضرت خاتون جنت رضي الله تعاليٰ عنها جنهن گهر ۾ رهندي هئي ان ۽ سيده عائشه جي گهر جي وچ ۾ صرف هڪ ڀت هوندي هئي ان ڀت ۾ دري ڇڏيل هئي جنهن مان هڪ ٻئي سان ڳالهائينديون هيون(٢) هتڙادو يا ڪوڙي روايت کو پيش ڪري تہ جدا ڳالهہ آهي. نہ تہ صحيح، مستند ۽ معتبر روايتن مان ڪابہ اهڙي روايت آيل نہ آهي، جنهن مان ثابت ٿئي تہ هنن ٻنهي ماءُ ڌيءُ ۾ ڪو اختلاف يا ناراضپو رهيو بلڪ ٻنهي پيارين جون دليون هڪ ٻئي لاءِ صاف رهنديون هيون حديثن مان اهو ثابت آهي تہ ٻنهي رب پاڪ جي پيارين پانهين۾ يڪجهتي، محبت، ميل، ميلاپ ۽ هڪ ٻئي سان همدردي هوندي هئي. ابن ابي ليليٰ حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ (حضرت بيبي) فاطمه (رضي الله تعاليٰ عنها) نبي صلي اللهتعاليٰ عليهوسلم جن جي خدمت ۾ پنهنجن هٿن ۾ جنڊ هلائڻ جي ڪري پيدا ٿيل تڪليف جي شڪايت ڪرڻ آئي. ڪيس خبر پئي هئي تہ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليهوسلم جن وٽ غلام آيو آهي (اهو غلام خدمت ڪرڻ جي لاءِ ونڊڻ آئي هئي) جڏهن گهر ۾ پهتي ۽ خبر

(١) ابن ماجه ص١٣٩ باب الوليمه

(٢) الباب الرابع خلاصة الوفا فصل چوٿون ص١٢٧

پيس تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن اجان مسجد کان نہ آيا آهن تہ پنهنجو احوال عائشه (سائڻ) سان ڪري واپس آئي (هن مان ثابت ٿيو تہ حضرت خاتون جنت رضي الله تعاليٰ عنها کي امان سائڻ تي اعتماد هو) جڏهن نبي پاڪ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن گهر ۾ آيا تہ عائشه ڪين اها خبر ٻڌائي حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو آهي تہ پوءِ نبي(ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم) جن پاڻ ان وقت اسان وٽ آيا جو اجان اسان پنهنجا بسترا وڇائي مس ستا هئاسين اسان اٿڻ جي ڪوشش ڪئي تہ پاڻ فرمايائون "پنهنجيءَ جاءِ تي رهو پاڻ منهنجي ۽ پنهنجي نياڻيءَ فاطمه جي وچ ۾ اهڙي نموني سان ويٺا جو سندن قدمن (مبارڪن) جي ٿڌڪار مون پنهنجي پيٽ (مبارڪ) تي محسوس ڪئي، پاڻ فرمايائون تہ "مان اوهان کي جيڪو (غلام) اوهان گهرڻ جي خواهش ظاهر ڪئي آهي. ان کان ڀلو ڏس نہ ڏيان؟ جنهن وقت اوهان ليٽڻ جي جاين (بسترن) تي ليٽو تہ ٽيٽيهہ ڀيرا سبحان الله ٽيٽيهہ ڀيرا الحمد لله ۽ چوٽيهہ ڀيرا الله اڪبر پڙهندا ڪيو اهو اوهان لاءِ خادم کان ڀلو آهي." (١) سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها فرمايو آهي تہ مون فاطمه کان سندس والد کان سواءِ ڪوبہ ڀلو نہ ڏٺو آهي. هڪ تابعيءَ کانئس پڇيو تہ رسول الله صلي الله تعاليٰ عيله وسلم جن کي وڌيڪ محبوب ڪير هو؟ فرمايائين تہ فاطمه. هڪ روايت ۾ هيئن آيو آهي. تہ

(١) بخاري شريف ص ٨٠٧ جلد ٢ باب عمل المرءة في بيت زوجها

: سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها فرمايو ته مون اٿڻ ويهڻ جي طور طريقي ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن سان زياده مشابهه فاطمه کان وڌيڪ کنهن کي نه ڏٺو جڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي خدمت ۾ فاطمه ايندي هئي ته پاڻ اٿي سندس پيشانيءَ کي چمندا هئا ۽ پنهنجي جاءِ تي وهاريندا هئا اهڙيءَ طرح جڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن فاطمه جي گهر ايندا هئا ته اهابه اٿي بيهندي هئي ۽ کين چمندي ۽ پنهنجيءَ جاءِ تي وهاريندي هئي (١) اها خاص حديث مبارڪ جنهن ۾ حضرت فاطمه رضي الله تعاليٰ عنها جو اهل بيت ۾ داخل هجڻ جو ذڪر آيو آهي اها به سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي روايت ڪيل آهي. (٢)

افڪ يعني بهتان وارو واقعو

مديني پاڪ ۾ پهچڻ کان پوءِ مسلمانن کي جن مصيبتن سان منهن ڏيڻو پيو هو اهي مڪي پاڪ کان بالڪل مختلف هيون. مديني منوره ۾ منافقن جو هڪ ٽولو پيدا ٿيو هو جيڪو هميشه اسلام جي خلاف سازشن ۾ مصروف رهندو هو. انسان جي لاءِ سڀ کان وڏي شيءِ ان جي عزت ۽ آبرو آهي ان تي حملو ڪرڻ وڏي دشمن ۽ ڪميٽي ماڻهوءَ جو ڪم آهي. مدينه منوره

(١) ترمذي باب المناقب ص ٢٢٦ جزءُ ٢
(٢) مسلم شريف ص ٢٩٠ جلد ٢ باب الفضائل

۾ جيئن اسلام کي مخلص، وفاشعار ۽ محبت وارا دوست، انصار سڳورا مليا هئا تيئن غدارن، مڪارن ۽ دشمنن جا سخت مقابلا بہ درپيش هئا جيڪي غلط هٿرادو، ڪوڙن، آبرو ۽عزت جي خلاف واقعن کي مشهور ڪري مسلمانن جي هڪ ٻئي جي خلاف ويڙهہ ۽ جهيڙي جو سامان مهيا ڪندا هئا مسلمانن سان جيڪڏهن الله جل شانہ جي توفيق شامل نہ هجي ها تہ انهن جون ظالمانہ ڪوششون شروعات ڪان ئي مسلمانن ۾ تفريق بلڪ خونريزي ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿين ها.

ذليل ڪان ذليل ڪوشش

انهن ظالمن جي نهايت ئي ڪريل ڪوشش سيده عائشه رضي الله عنها جهڙيءَ پاڪ دامن، محبوب عليه الصلواة والسلام جي پياريءَ ڪنوار تي بهتان هڻڻ ۽ ان جي مشهوري ڪرڻ هئي انهن ذليلن ۽ بدبختن جي وڏي دشمني حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي پيارن صحبن ۽ جان نثارن حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنهما سان بہ هوندي هئي ڇو تہ انهن ٻنهين هستين ۽ عظيم شخصيتن جون دين، اسلام ۽ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي لاءِ وڏيون خدمتون، بي مثال قربانيون ۽ بيحد جان نثاري انهن کي ڪري لڳندي هئي. ان جي ڪري نبوت جي حرم ۾ رهندڙ، ٻنهي پلارن جي صاف پاڪ دامن نياڻين سيده عائشه ۽ سيده حفصه رضي الله تعاليٰ عنهما جي مٿان ڪوڙ هڻي

انهن جي عزت ۽ شان کي ماٺهن جي دلين مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. الله تعاليٰ انهن منافقن کي هرجاءِ تي ذلت، رسوائيءَ ۽ خواريءَ ڏيڻ سان ظاهر ڪندو آيو. پر تڏهن به اهي انهن نازيبا حرڪتن کان باز نه آيا. عرب جي علائقي نجد جي ويجهو مُريسيع نالي پاڻيءَ جو هڪ چشمو هوجنهن وٽ بني مصطلق قبيلي جا ماڻهو آباد هوندا هئا. ماهه شعبان مهيني سنه ٥ هجريءَ ۾ ان چشمي وٽ مسلمانن جي انهن سان جنگ ٿي. جڏهن ته اندازو اهو هو ته اها وڏي ۽ خونريز جنگ نه هوندي ان جي ڪري زبان سان ڪلمو پڙهندڙن ۽ دل سان انڪار ڪندڙن منافقن به انهيءَ جنگ ۾ وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ابن سعد روايت آندي آهي ته: وخرج معه بشر كثير من المنافقين لم يخرجوا في غزاة قط مثلها (١) يعني ان سفر ۾ منافق ايترا گهڻا نڪتا هئا جو ايترا ٻيءَ ڪنهن جنگ ۾ نه نڪتا هئا. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن هن سفر ۾ پاڻ سان گڏ هڪ گهرواريءَ کي وٺي هلڻ لاءِ ڪڍو وجهرايو ته سيده عائشه جو نالو نڪتو ۽ اهائي هن سفر ۾ سندن ساٿياڻي رهي نڪرڻ وقت عائشه سڳوريءَ پنهنجيءَ ڀيڻ اسماء رضي الله تعاليٰ عنها کان هار عارضي طور پائڻ لاءِ ورتو جيڪو سندس ڳچيءَ مبارڪ ۾ پاتل هئو ان هار جا ڌاڳا ايترا ته ڪمزورهئا جو هلندي هلندي ٽٽي ٿي پيا ان وقت عائشه سائڻ رضي الله تعاليٰ عنها جي عمر مبارڪ ١۴ سال هئي سفر ۾ سائڻ

(١) طبقات ابن سعد ص ٦٣ جلد ٢ باب المغازي

پنهنجي ڪجاوي ۾ سوار هئي ۽ اٺ هلائڻ وارو جت ان ڪجاوي کي ڪٺي اٺ تي رکندو به هو ۽ لاهيندو به هو. ڇوته سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جو اينترو وڏو وزن نه هو جو لاهڻ واري کي تڪليف ڏي يا ڳرو محسوس ٿئي هن سفر مان موٽندي ئي منافقن جي ٽولي پنهنجيون شرارتون شروع ڪري ڇڏيون هيون مديني شريف جي اصلي رهاڪن انصارن سڳورن کي ڇوڻ لڳا ته اهي مسلمانن جي مالي مدد ڪرڻ بند ڪري ڇڏين. عبدالله بن ابي منافق جي قول کي قرآن ڪريم هيئن بيان ڪيو آهي (لَئِنْ رَّجَعْنَا اِلَي الْمَدِيْنَةِ لَيُخْرِجَنَّ الْاَعَزُّ مِنْهَا الْاَذَلَّ) (١) يعني جيڪڏهن مديني موٽي هلياسين ته (البت ضرور ڪڍندو وڏيءَ عزت وارو ان مان وڏي ذليل کي) الله تعاليٰ جي پياري نبي صلي الله تعاليٰ عليه وسلم انصارن سڳورن کي سڏي جڏهن عبدالله بن ابي جو مٿيون قول ٻڌايو ته انهن کي ان ڇوڻ جو وڏو ارمان، سخت صدمو ۽ ڏاڍو ڏک پهتو ۽ سيني ۾ عبدالله بن اُبي جي لاءِ تمام گهڻي نفرت پيدا ٿي.

رسول الله صلي الله عليه وسلم جن سان محبت جو ثبوت

عبدالله بن ابي جو پٽ اسلام جو مجاهد ۽ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جو سچو شيدائي ۽ پڪو عاشق هو. ان جڏهن ٻڌو ته سندس منافق پيءُ

---

(١) سورة المنافقون آيت ٨

حضور اڪرم نورمجسم، محبوب معظم صليٰ الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي شان ۾ گستاخي ڪندي "اذل" جو لفظ ڳالهايو آهي ته ان ڪي بيحد بي حساب ارمان ٿيو ۽ پنهنجي پيءُ عبدالله بن ابي جي گهوڙي جي لغام مان وٺي ڪيس چيائين ته "جيستائين تون هيءُ اقرار نه ڪندين ته تون وڏو ذليل ۽ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن وڏي عزت وارا آهن تيستائين توکي نه ڇڏيندس." (١) جنگ کان موٽندي رستي ۾ قافلي هڪ جاءِ تي منزل ڪئي ۽ شام جو وري روانگيءَ لاءِ تياري ڪيائون. سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها قضاءِ حاجت لاءِ قافلي کان پري ٿي وئي ۽ پردي جو سخت اهتمام ڪندي آڙ ۾ وينئي فارغ ٿيڻ کان پوءِ موٽندي ڳچيءَ مبارڪ تي هٿ جو هنيائين ته خبر پيس ته ڳچيءَ ۾ هار ته ڪونه آهي. هار پرائو اوڌاري طور ورتل هو سائڻ سخت پريشان ٿي اٿيئي هار جي ڳولها ۾ مصروف رهي ۽ سفر جي تجربي نه هجڻ جي ڪري سوچيائين ته جيستائين مان نه پهچنديس تيستائين قافلو روانو نه ٿيندو ۽ مان جلد هار ڳولهي پهچي وينديس ان جي ڪري نه ڪنهن ڪي ٻڌايائين ۽ نه پنهنجي لاءِ انتظار ڪرڻ جو چيائين سندس اٺ ڪي هلائڻ واري اصحابيءَ سڳوري رضي اللهتعاليٰ عنه بي خبريءَ ۾ سندس ڪجائو ڪٺي اٺ تي رکيو سمجهيائين ته شايد امان سائڻ رضي الله تعاليٰ عنها ان ڪجائي ۾ اندر آهي. قافلي وارا روانا ٿيا سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها

(١) طبقات ابن سعد ص ٦٥ جلد ٢ جزءُ مغازي

ٿوري دير کان پوءِ هار تہ لڌو پر جڏهن قافلي جي جاءِ تي پهتي تہ قافلو روانو ٿي چڪو هو پاڻ قافلي کي اتي نہ ڏسي مجبور ٿي چادر ويڙهي اتيئي سمهي رهي ۽ دل ۾ چيائين تہ "مون کي قافلي ۾ نہ ڏسي ضرور موٽندا هوڏانهن قانون هوندو هو تہ قافلي مان رهجي ويل يا پوئتي پيل شيءِ کي جاچڻ لاءِهڪ ماڻهومقررڪيل هوندو آهي. جنهن کي ساقه (ريڊگارڊ) سڏيندا آهن هن قافلي ۾ اها ذميداري حضرت صفوان بن معطل سلميءَ رضي الله تعاليٰ عنه تي رکيل هئي. اهو جڏهن صبح جو قافلي جي منزل ڪرڻ واريءَ جاءِ تي پهتو تہ پري کان ڪيس هڪ ماڻهو نظر آيو. پردي جي حڪم نازل ٿيڻ کان اڳ ۾ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها ڪيس ڏٺل هئي سڃاڻي ويجهو آيو ۽ "انا لله وانا اليه راجعون" پڙهيائين تہ سيده ان جو آواز ٻڌي سجاڳ ٿي صفوان سندس آڏو اٺ کي وهاريو ام المؤمنين رضي الله تعاليٰ عنها ان تي سوار ٿي تہ اهو اٺ جي مهار هٿ ۾ وٺي اڳيئين منزل ڏانهن روانو ٿيو. جڏهن قافلي وارن ٻن پهرن جو هلي هڪ جاءِ تي منزل ڪئي تہ ڪين پويان ايندي حضرت صفوان رضي الله تعاليٰ عنه جي اٺ تي سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها نظر آئي جيڪي اچي خير سان قافلي کي پهتا.

سمجهڻ گهرجي تہ هيءَ هڪ عام رواجي ڳالهہ هئي جيڪا گهڻو ڪري سفرن ۾ پيش ايندي آهي. هن هلندڙ دور ۾ ريل گاڏيءَ ۾ سفر ڪندڙن کي بہ اهڙا واقعا پيش ايندا رهندا آهن. پر منافقن جي سردار عبدالله بن

ابي ان واقعي کي غلط رنگ ڏئي اهڙو مشهور ڪيو جو سچن مسلمانن مان ٻه ٽي شخص ان شڪ ۾ مبتلا ٿي پيا. هوڏانهن سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کي اها بالڪل خبر ڪانه هئي جڏهن ڪيس اها ڳالهه ڪنن تي پهتي تہ بيهوش ٿي ڪري پئي ۽ هوش ۾ اچڻ کان پوءِ بہ ان صدمي جي ڪري سخت بيمار ٿي پئي. ٻئي طرف رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کي خبر هئي تہ سندن اهليه صاف ۽ پاڪدامن آهي پر ان هوندي بہ ان خيال جي ڪري تہ منان ماڻهو سمجهن تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن پنهنجيءَ گهرواريءَ جو طرف ٿا وٺن، تحقيق ڪرائيندا رهيا. مديني وارن سيني کي سيده جي تقويٰ پردي داري، پرهيزگاري ۽ صالح هجڻ جو تجربو، مشاهدو ۽ يقين هو ان جي ڪري چيائون تہ سيده عائشه سڳوري بالڪل صاف ۽ پاڪ آهي.

منافقن جا مقصد

هن واقعي کي ڪٽڻ، مشهور ڪرڻ ۽ ان تي زور ڏيڻ مان منافقن جا هي ٽي مقصد هيا.

هڪ سيدنا رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي توهين ۽ خواري.

ٻيو نبوي گهراڻي ۾ تفريق.

ٽيون مسلمانن جي برادرانه اتحاد ۽ اجتماعي قوت ۾ رخنو وجهڻ ظاهر ۾ منافق اهي مقصد ماٽي

چڪا هئا پر نيٺ غيبي جهان ڳالهايو ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن تي وحي جي ڪيفيت طاري ٿي. ان ڪان پوءِ پاڻ مرڪندي اٿيا ان حال ۾ جو سندن پاڪ پيشانيءَ تي سندن پگهر مبارڪ جا ڦڙا موتين وانگر چمڪي ۽ هلي رهيا هئا ۽ پاڻ "اَلَّذِيْنَ جَاؤُا بِالْاِفْكِ عُصْبَةٌ مِّنْكُمْ" ڪان وٺي "وَاللهُ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ" تائين ۽ "اَلَّذِيْنَ يَرْمُوْنَ الْمُحْصَنٰتِ" ڪان وٺي "بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ" تائين قرآن پاڪ جو آيتون تلاوت فرمايائون جنهن مان ثابت ٿيو تہ سيده رضي الله تعاليٰ عنها بي قصور هئي ان ڪان پوءِ انهن ٽن مسلمانن کي جيڪي ان بهتان جي مشهور ڪرڻ ۾ شريڪ ٿيا هئا بهتان ۽ قذف (گار ڏيڻ) جي حد اسي (٨٠) اسي (٨٠) ديڙا هٽايائون.

جاڻڻ گهرجي تہ اسلام جي نالي ڪان نفرت ڪندڙن، دين جي دشمن يهودين، عيسائين يا ٻين ڪافرن، ڪتابن جي لکندڙن هن واقعي کي لکندي وڏيون زيادتيون ڪيون آهن ۽ بيجا اعتراض اٿاريندي اهڙا وڏا وڏا ڪوڙ هنيا اٿن جو ڪوبہ غيرت مند مسلمان اُهي نہ ٻڌڻ لاءِ تيار ٿيندو ۽ نہ ٻڌڻ تي راضي ٿيندو پر ڪڏهن ڪڏهن ڪوڙو بہ سچ ڳالهائي وهندو آهي ان لحاظ سان سر وليم ميور پنهنجي ڪتاب لائف آف محمد (صلي الله تعاليٰ عيه وسلم) ۾ لکيو آهي تہ حضرت عائشه جي ان واقعي ڪان اڳ واري ۽ پوءِ واري زندگي ٻڌائي ٿي تہ اها هن گناه ڪان بالڪل پاڪ هئي (١)

(١) سيرتِ عائشه ص ٩٧

عائشه جي صدقي مهرباني ۽ تيمم جي حڪم جو نزول

اهڙيءَ طرح ٻئي سفر ۾ به سائڻ رضي الله تعاليٰ عنها حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن سان گڏهئي جڏهن قافلو ذات الجيش نالي مقام تي پهتو ته اهوئي هار ام المؤمنين رضي الله تعاليٰ عنها جي ڳچيءَ مبارڪ مان ڇڃي ڪري پيو بيبي سائڻ کي اڳئين واقعي مان سبق مليل هو سو بنا دير جي رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي خدمت ۾ اطلاع عرض ڪيائين صبح جو وقت ويجهو هو پاڻ اتيئي منزل انداز رهيا ۽ هڪ ماڻهوءَ کي موڪليائون ته اهو هار ڳولي اچي اتفاقا جتي قافلي وارن منزل ڪئي هئي اتي پاڻي موجود نه هو نماز جي وقت اچڻ جي ڪري ماڻهو گهبرائيندا رهيا ڪي انهن مان حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه وٽ آيا ته عائشه اسلامي فوج کي پريشان ڪري مصيبت ۾ وجهي ڇڏيو آهي. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه ڪاوڙجي سڌو حضرت عائشه رضي الله تعاليٰ عنها وٽ آيو عين ان وقت حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن پنهنجو مٿو مبارڪ سيده رضي الله تعاليٰ عنها جي گوڏي مبارڪ تي رکيو آرام فرما هئا. حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه پنهنجيءَ نياڻيءَ کي سخت انداز ۾ مخاطب ٿي فرمايو ته ”تون ماڻهن کي مصيبتن ۾ ڇو ڦاسايو ويني آهين. ؟“ ۽ ڪاوڙ مان پنهنجيءَ نياڻي کي ٺونشا به

هنيائين پر اها حبيب ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي آرام جو لحاظ رکندي چُري به ڪا نه حضور عليه الصلواة والسلام جن پنهنجي خيال سان جيئن جو سجاڳ ٿيا ته ڪين پاڻيءَ جي نه هجڻ جو عرض ڪيو ويو اسلام جي اها به خصوصيت آهي ته ان جا احڪام هميشه ڪنهن نه ڪنهن واقعي جي مناسبت سان لهندا آيا آهن پاڻيءَ جو نه ملڻ ته ٻين مقامن تي به پيش آيو ٿي مگر هتي وضوءَ لاءِ پاڻي نه ملڻ جي ڪري الله تعاليٰ مسلمانن جي پريشاني دور ڪندي حڪم فرمايو ته "وَاِنْ كُنْتُمْ مَرْضيٰ اَوْ عَليٰ سَفَرٍ اَوْجَآءَ اَحَدٌ مِّنْكُمْ مِّنَ الْغَآئِطِ اَوْ لٰمَسْتُمُ النِّسَآءَ فَلَمْ تَجِدُوْا مَآءً فَتَيَمَّمُوْا صَعِيْدًا طَيِّبًا فَامْسَحُوْا بِوُجُوْهِكُمْ وَاَيْدِيْكُمْ اِنَّ اللهَ كَانَ عَفُوًّا غَفُوْرًا" (١) يعني جيڪڏهن بيمار آهيو يا مسافر يا آيو هڪڙو اوهان مان قضاءِ حاجت پوري ڪرڻ واريءَ جاءِ ڪان يا عورتن سان جماع ڪيُوَ پوءِ نه لڌُوَ پاڻي ته پوءِ قصد ڪيو پاڪ مٽيءَ جو پوءِ مک ڪيو پنهنجن منهن ۽ هٿن جي. بيشڪ الله معاف ڪندڙ، بخشيندڙ آهي. جڏهن اها آيت نازل ٿي ته اسلام جي مجاهدن مان اهي جوش وارا لشڪري جيڪي ان مصيبت ۾ مبتلا پريشان ۽ سيده تي ناراض هئا هن رحمت واري وسندڙ ڪڪر ڪي ڏسي مسرت ۽ خوشيءَ ۾ پرجي ويا حضرت اسيد بن حضير رضي الله تعاليٰ عنه سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کي عرض ڪرڻ لڳو ته "جَزَاكِ اللهُ خَيْرًا فَوَاللهِ مَانَزَلَ بِكِ اَمْرً

(١) سورة النسآءِ آيت ٤٣

تَكْرَهِيْنَهُ اِلَّاجَعَلَ اللهُ ذَالِكَ لَكِ وَلِلْمُسْلِمِيْنَ فِيْهِ خَيْرًا" يعني الله تعاليٰ توکي سهڻي جزا عطا ڪري توکي ڪو بہ اهڙو امر درپيش ايندو آهي جو تون ان کي ناپسند ڪرين تہ الله ان ۾ تنهنجي لاءِ فائدو ڪندو آهي ۽ مسلمانن لاءِ بہ ان ۾ ڀلائي هوندي آهي. ٻيءَ روايت ۾ آهي تہ حضرت اسيد بن حضير رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو تہ "مَاهِيَ بِاَوَّلِ بَرْكَتِكُمْ يَا آلِ اَبِي بكر (١) يعني اي ابوبڪر جي گهراڻي وارؤ! هي اوهان جي پهرين برڪت نہ آهي (اڳ ۾ اهڙيون ٻيون بہ اوهان جي ڪري برڪتون ملنديون رهيون آهن) ان کان پوءِ حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه جيڪو اڃان پنهنجيءَ نياڻيءَ کي گهٽي ۽ سخت تنبيهہ ڪرڻ جي سوچ ۾ هو فخر سان پنهنجيءَ صاحبزاديءَ کي چوڻ لڳو تہ "اي منهنجي جان! مون کي اهڙي خبر نہ هئي تہ تون ايتري قدر برڪت واري آهين جو تنهنجي ذريعي الله تعاليٰ مسلمانن تان هميشه لاءِ تڪليف لاهي ڇڏي آهي." (٢) ان کان پوءِ جڏهن اتاهين رواني ٿيڻ لاءِ اٺن کي اٿاريو ويو تہ اهو گم ٿيل هار سائڻ جي سواريءَ واري اٺ جي هيٺان پيو هو (٣)

(١) بخاري شريف ص ٤٨ جلد ١ باب التميم
(٢) مسند امام احمد بن حنبل ص٣٧٣ جلد ٦
(٣) بخاري شريف ص ٤٨ جلد ١ باب التميم

محبوب عليه الصلواة والسلام جي دنيا تان ظاهري رحلت ڪرڻ ڪان پوءِ

سرور ڪونين عليه الصلواة والسلام جن جي دنيا تان ظاهري رحلت ڪرڻ وقت ام المؤمنين عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي عمر مبارڪ ارڙهن (١٨) سال هئي سنه ١١ هجريءَ ماه صفر المظفر مهيني جو پويون ڏهاڪو هو حضرت حبيب ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن پنهنجي محبوبه اهليه سيده صديقه بنت الصديق رضي الله تعاليٰ عنها جي حجري مبارڪ ۾ جلوه افروز ٿيا ته سائڻ مٿي ۾ سخت سور هجڻ جي ڪري هاءِ هاءِ ڪري رهي هئي پاڻ ڪريمن صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن ڪيس مخاطب ٿيندي ارشاد فرمايو ته ”لَوْ مِتِّ قَبْلِيْ فَقُمْتُ عَلَيْكِ وَكَفَّنْتُكِ وَصَلَّيْتُ عَلَيْكِ“ يعني جيڪڏهن تون مون کان اڳ ۾ وفات ڪرين ها ته مان بيهي تنهنجو انتظام ڪيان ها پنهنجن هٿن (مبارڪن) سان توکي ڪفن ڍڪايان ها ۽ تنهنجي جنازي جي نماز پڙهايان ها. جڏهن ته سائڻ رضي الله تعاليٰ عنها کي پنهنجي آقا صلي الله تعاليٰ عليه وسلم سان بي حساب محبت هئي تڏهن سندن خدمت،عالي مرتبت ۾ بي تڪلفانه انداز سان عرض گذار ٿي ته ”يا رسول الله! اهو پلي پين جو حصو ٿئي اوهان ائين شايد ان لاءِ ٿا فرمايو ته هن حجري ۾ بي ڪا گهرواري وٺي اچي وهاريو“ حبيب اڪرم صلي الله

تعاليٰ عليه وسلم جن کي به مٿي مبارڪ ۾ سور جي تڪليف هئي پاڻ به پنهنجي مٿي مبارڪ تي هٿ رکي ان سور جو اظهار فرمايائون ۽ ام المؤمنين ميمونه رضي الله تعاليٰ عنها جي حجري مبارڪ ۾ اچي سمهي رهيا.

ازواج مطهرات سان عدل وارو برتاءُ

ان جي باوجود جو ڪين جسماني طرح طبيعت مبارڪ ۾ تڪليف هئي پاڻ سيني گهروارين سڳورين سان انصاف ۽ عدل برقرار رکندي هرهڪ وٽ هڪ ڏينهن ته رهندا هئا پر پڇندا هئا ته "صبحاڻي رهڻ جو وارو ڪنهن وٽ آهي" بيون گهرواريون ان راز کي سمجهي ويون ته پاڻ ان لاءِ ٿا پڇن ته عائشه وٽ رهڻ جو وارو ڪڏهن ايندو ۽ سندن خواهش اها آهي ته ان وٽ رهن. سيني هڪ صلاح ٿي سندن خدمت مبارڪ ۾ عرض ڪيو ته اوهان ڀلي عائشه جي حجري ۾ رهو اسان مان ڪنهن کي به ان تي اعتراض نه آهي. پاڻ انهن سيني جي عرض ڪرڻ ۽ اجازت ڏيڻ سان ظاهري ۽ دنيوي زندگيءَ جا باقي ڏينهن سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي گهر مبارڪ ۾ رهيا ۽ سائڻ سندن خدمت ڪندي رهي.

غور جو مقام

دنيوي لذتن جا خواهشمند، نفس جا پوڄاري ظاهربين ماڻهو سمجهندا ته حبيب خدا صلي الله تعاليٰ

عليه وسلم جن کي سيده رضي الله تعاليٰ عنها سان محبت هئي پاڻ صرف ان جي ڪري ٿي اتي رهيا مگر نُڪتا سوچيندڙ الله جل شانه جا پلا پانها فرمائن ٿا ته سيده عائشه ۾ فطري ڪمال، عقل، حافظي جي قوت ڳالهه سمجهڻ جي تيزي ۽ فڪري اجتهاد قدرتي طرح رکيل هو ان جي ڪري عجب نه آهي ته سندن مقصد اهو هجي ته سندن اقوال، افعال ۽ ارشادات جو هر هڪ حرف محفوظ رهي اهوئي سبب آهي جو سندن رحلت جا اڪثر احوال امت تائين سيده عائشه جي ذريعي پهتل آهن محبوب پاڪ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کي روزبروز سور جي سختي وڌندي ٿي وئي

ع سور سختيون سالڪن ڏي محب مهمانيون مُڪيون.

ايتري قدر جو پاڻ امامت ڪراڻ لاءِ مسجد شريف ۾ به نه ايندا هئا سندن گهرواريون سندن خدمت ۾ مشغول رهنديون هيون ۽ جيڪي دعائون پاڻ ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن بيبن تي پڙهندا هئا حضرت عائشه رضي الله تعاليٰ عنها اهي دعائون سندن ئي هٿ مبارڪ کي سندن جسم مبارڪ تي هلائي سندن مٿان پڙهندي هئي. (١) صبح جي نماز ۾ ماڻهو سندن منتظر هئا پاڻ حڪم ڪيائون ته "ابوبڪر کي چئو ته امامت جا فرائض سرانجام ڏي" سيده عائشه فرمايو ته مون خيال ڪيو ته ماڻهو الاءِ ڇا چوندا ان جي ڪري سندن خدمت ۾ عرض ڪرڻ لڳيس ته " يا رسول الله! ابوبڪر گهڻو نرم

(١) بخاري شريف ص ٦٣٩ ج ٢

دل آهي. ان کان اهو امامت وارو ڪم نہ ٿيندو روئي ڏيندو. ڪنهن ٻئي کي فرمايو" (واقعي هئي بہ ڳالهہ ائين حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه هونءَ بہ خداتعاليٰ جي خوف کان نماز ۾ گهڻو ڪري روئندو رهندو هو) هيءُ تہ موقعو ئي اهڙو هو جنهن ۾ ڪيس بي اختيار روئڻ اچڻ جو وڏو امڪان هو. پاڻ ٻيو ڀيرو فرمايائون تہ "ابوبڪر کي چئو تہ ماڻهن کي نماز پڙهائي" حضرت عائشه سڳوريءَ بيبي حفصه سڳوريءَ کي چيو تہ هاڻي تون ڪين اهو عرض ڪر. ان عرض ڪيو تہ پاڻ فرمايائون "اوهان عورتون ئي تہ حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) جي صحبت ڪندڙن مان آهيو ابوبڪر کي چئو تہ امامت ڪري" پوءِ اهو حڪم حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه جي خدمت ۾ پهچايو ويو ۽ ان پنهنجي آقا جي حڪم کي نظر ۾ رکندي پنهنجي دل کي مضبوط ڪندي روئڻ کي روڪي امامت جا فرائض سرانجام ڏنا.

سندن گهر مبارڪ، عائشه سائڻ جي حجري ۾ ڪجهہ سونيون اشرفيون پيل هيون تہ پاڻ حڪم ڪري اهي ان وقت ئي خيرات ڪرايائون (١) هاڻي سندن دنيوي تعلقات جو آخري وقت هو. عائشه سائڻ تي ٽيڪ ڏيئي وينا هئا تہ عائشه سائڻ جو ڀاءُ عبدالرحمان ڏندڻ هٿ ۾ کڻي اندر آيو پاڻ ڏندڻ ڏانهن نيڻ مبارڪ کڻي نهاريائون سائڻ سمجهي وئي تہ پاڻ ڏندڻ ڪرڻ ٿا گهرن هڪدم ڀاءُ

(١) مسند امام احمد بن حنبل ص ١٢٦ جلد ٦

ڪان ڏندڻ وٺي پنهنجن ڏندن سان چٻاڙي نرم ڪري ڪين ڏنائين تہ پاڻ مڪمل صحتمند ماڻهوءَ وانگر اهو استعمال ڪيائون سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها پنهنجين انهن خدمتن ۽ محبوب آقا صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي طرفان سندن خدمتن کي قبول ڪرڻ کي فخر طور بيان ڪندي هئي. سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها محبوب پاڪ عليه الصلواة والسلام جي هٿ مبارڪ کي پنهنجي هٿ سان ملائي ان هٿ مبارڪ جي وسيلي سان سندن صحت لاءِ دعا گهري رهي هئي. تہ پاڻ پنهنجو هٿ مبارڪ ان جي هٿ مان ڪڍي فرمايائون "اَللّٰهُمَّ الرَّفِيْقَ الْاَعْلٰي" اي الله مٿاهين رفيق کي تو پسند ڪيان.

ام المؤمنين رضي الله تعاليٰ عنها فرمايو تہ پاڻ تندرستيءَ وقت فرمائيندا هئا تہ "الله تعاليٰ جي نبي کي دنيا مان رحلت ڪرڻ وقت اختيار ڏنو ويندو آهي تہ دنيويءَ ۽ اخرويءَ زندگيءَ مان هڪ کي اختيار ڪري" سندن زبان مبارڪ مان مٿيان الفاظ ٻڌي مون سمجهيو تہ پاڻ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن اخروي زندگي قبول فرمائي رهيا آهن ان جي هوندي بہ جڏهن تہ سائڻ ننڍيءَ عمر واري هئي ۽ هن ڪان اڳ ۾ سندس سامهون ڪنهن جو بہ انتقال نہ ٿيو هو. ڪانئن پڇڻ لڳي تہ يارسول الله! اوهان کي تڪليف گهٽي آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ "تڪليف جيترو ثواب بہ هوندو آهي." اجان تائين سيده بي فڪر هئي تہ اوچتو سندن جسم مبارڪ کيس ڳرو محسوس ٿيو ۽ سندن اکين مبارڪن مان روانگيءَ جا آثار ظاهر ٿي

چڪا هئا سيده سڳوريءَ آهستي آهستي ڪري سندن مٿو مبارڪ وهاڻي تي رکيو اکين مان ڳوڙها وهائڻ لڳي ۽ سندن رحلت کان پوءِ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جو حجرو سندن مدفن، مزار بنيو. ان کان اڳ ۾ ام المؤمنين رضي الله تعاليٰ عنها خواب ۾ ڏٺو هو ته سندس حجري ۾ ٽي٣- چنڊ لٿا آهن ۽ ان خواب جو ذڪر پنهنجي والد ماجد سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه سان ڪيو هيائين. جڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن ان حجري ۾ آرامي ٿيا ته حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه کيس فرمايو ته انهن ٽنهي چنڊن مان هڪ ۽ انهن ٽنهي مان پلو هيءُ آهي (١) هن کان پوءِ انهيءَ حجري مبارڪ ۾ حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر رضي الله عنهما دفن ڪيا ويا جنهن مان ثابت ٿيو ته باقي ٻه چنڊ اهي هئا. سيده عائشه سندن رحلت کان پوءِ سندن مزار مبارڪ جي پر ۾ سمهندي هئي هڪ ڏينهن ڪين خواب ۾ مزار کان ٻاهر ڏٺائين ان ڏينهن کان پوءِ اتي سمهڻ بند ڪري ڇڏيائين. (٢) تيرهن سال سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ۽ پنهنجي والد ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي زيارت ڪرڻ لاءِ پردي ڪانسواءِ ايندي هئي

(١) موطا امام مالڪ مع شرح الزرقاني ص ٢٨ ج ٢ باب ماجاءَ في دفن الميت

(٢) طبقات ابن سعد ص ٣١٣ ج ٢

جڏهن حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه کي اتي دفن ڪيو ويو تہ سائڻ فرمايو تہ "عمر ڪان حيا ٿو اچي" ان جي ڪري پردي سان ايندي هئي. (١)

فائده

حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلويءَ عليه الرحمة هن روايت جي شرح ڪندي لکيو آهي تہ: درين حديث دليلے واضح است برحيات ميت وعلم وے و آنکہ واجب است احترام ميت نزد زيارت وے خصوصا صالحان ومراعات ادب برقدر مراتب ايشان چنانچہ درحالت حيات ايشان بود زيراکہ صالحان را مدد بليغ است مر زيارت کنند گان خودرا بر اند ازه ادب ايشان کذا في شرح الشيخ (٢) يعني هن حديث شريف ۾ ميت جي حيات هجڻ ۽ ان جي علم جو روشن ۽ واضح دليل آهي ۽ واجب آهي تہ زيارت ڪرڻ وقت خاص ڪري صالحن جو احترام ڪجي ۽ انهن جي مرتبي آهر انهن جو ادب ائين ڪجي جيئن سندن حياتيءَ ۾ ڪيو ويندو هو. ڇوتہ صالحن جي طرفان زيارت ڪندڙ لاءِ انهن جي ادب ڪرڻ آهر خاص طرح مدد ڪئي ويندي آهي. هن عبارت ۾ اولياءِ ڪرام جي حياتي، علم، فيوض وبرڪات ۽ مدد ڪرڻ جا منڪر غور ڪري پنهنجي غلط ۽ گمراه ڪندڙ عقيدي ڪان توبه ڪن تہ ڀلو آهي. علامه قطب الدين

(١) مشڪواة المصابيح ص١٥۴

(٢) اشعة اللمعات ص ٧٢٧ ج ١

صاحب هن حديث مبارڪ جي اردو شرح ۾ لکيو آهي تہ:
مري ويلن جو جيئرن وانگر ادب ڪرڻ گهرجي شرح الصدور ۾ روايت آهي تہ حضرت عقبہ بن عامر صحابيءَ رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو تہ جيڪڏهن مان باہ ۾ هلان يا تکيءَ تلوار تي پنهنجو پير رکان تان جو اهو ڪنهن جي قبر تي پير ڏئي، هلان ۽ ماڻهن جي روبرو ڪلي طرح بازار ۾ پيشاب ۽ پائخانو ڪرڻ ۽ قبرن جي وچ ۾ ويهي ڪرڻ مون وٽ برابر آهي (يعني جيئن جيئرا ڏسن ٿا ۽ انهن کان حياءُ ڪجي ٿو تيئن مئل بہ ڏسن ٿا انهن کان بہ حياءُ ڪجي) ۽ ابن ابي الدنيا سليم بن عفير کان روايت ڪئي آهي تہ اهو هڪ قبرستان کان سوار ٿي لنگهيو ان حال ۾ جو ڪيس پيشاب سخت زور پريو بيٺو هو ماڻهن چيس تہ لهي اتيئي پيشاب ڪر فرمايائين تہ سبحان الله الله تعاليٰ جو قسم آهي تہ مان مري ويلن کان ائين حياءُ ٿو ڪيان جيئن جيئرن کان. (١)

هن ڀلارن ۾ تہ ايترو حياءُ هو پر اڄ ڪالهہ جي مسلمانن جي حالت نهاريو تہ قبرون ڊاهيو مٿان گهر، پيشاب ۽ پائخاني جون جايون ٺاهيو وينا آهن. ڪيترا تہ بزرگن جي مزارن تي خاص ڪري ويندا ئي گناهن جي ارادي سان آهن عورتن ۾ بي پردگي ۽ بيحيائي وڌي وئي آهي. ڪليل منهن سان مردن جي اڳيان هار، سينگار ڪري زيارت جي بهاني سان اچي ٿيون ويهن اهو سراسر

(١) مظاهر حق ص ٨٢ ج ٢

گناهہ آهي محبوب ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي ازواج مطهرات کي سندن رحلت کان پوءِ ٻئي ڪنهن سان شادي ڪرڻ جي اجازت نہ هئي جيئن رب العزة جل شانه جو فرمان آهي: "مَا كَانَ لَكُمْ اَنْ تُؤْذُوْا رَسُوْلَ اللهِ وَلَا اَنْ تَنْكِحُوْا اَزْوَاجَهٗ مِنْ بَعْدِهٖ اَبَدًا اِنَّ ذَالِكُمْ كَانَ عِنْدَاللهِ عَظِيْمًا" (١) يعني اوهان کي (مناسب) نہ آهي تہ الله جي رسول (صلي الله عليه وسلم) کي ايذايو ۽ نہ هيءُ (مناسب) آهي جو ان کان پوءِ هميشه لاءِ ان جي گهروارين سان نڪاح ڪيو بيشڪ اها ڳالهہ الله وٽ وڏي آهي. ٻيءَ آيت ۾ ارشاد رباني آهي تہ "اَلنَّبِيُّ اَوْلٰي بِالْمُؤْمِنِيْنَ مِنْ اَنْفُسِهِمْ وَاَزْوَاجُهٗ اُمَّهَاتُهُمْ" (٢) يعني نبي (صلي الله عليه وسلم) مؤمنن کي سندن ساه کان وڌيڪ ويجهو آهي. ۽ ان جون گهرواريون سندن مائرون آهن.

فائدو: محبوب عليه الصلواة والسلام جي گهروارين سان ٻين جو نڪاح ڪرڻ ديني، دنيوي مصلحتن ۽ شان نبوت جي خلاف هو ان جي ڪري ان کان روڪيو ويو. ازواج مطهرات جيڪي ڪنهن وقت تائين خاتم النبيين صلي اللهتعاليٰ عليه وسلم جن جي اسرار کان واقف، رازن جو مرڪز ۽ سندن حال محرم هيون انهن جي باقي رهيل زندگي صرف ۽ صرف ان لاءِ هئي تہ اهي پنهنجي دلبر، ڪائنات جي سردار، يتيمن جي يار، محبوب پروردگار آقاءِ نامدار صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي

(١) سورة الاحزاب آيت ٥٣ (٢) سورة الاحزاب آيت ٦

تعليمات ۽ عملي زندگي ٻين کي پنهنجيءَ پوريءَ حياتيءَ ۾ بار بار سمجهائيندڙيون رهن ۽ سندن زندگيءَ مبارڪ جو هر لمحو بس ان ئي فرض جي بجاآوريءَ ۾ گذري ۽ انهن کي مؤمنن جون مائرون سڏڻ ۾ اهو راز به آهي ته جيئن جڻڻ واري ماءُ پنهنجي ٻچي جي هر قسم جي تربيت ڪندي آهي. تيئن هي ڀلاريون به پنهنجن روحاني ٻچن مردن ۽ عورتن جي تعليم ۽ تربيت ڪندي انهن اڳيان سيد السادات مفخر موجودات، باعث وجودِ ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي اسوه حسنه کي پيش ڪن. الله تعاليٰ جو پيارو فرمان آهي. ”وَقَرْنَ فِيْ بُيُوْتِكُنَّ وَلَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰي وَاَقِمْنَ الصَّلٰوةَ وَآتِيْنَ الزَّكٰوةَ وَاَطِعْنَ اللهَ وَرَسُوْلَهٗ“ (١) يعني پنهنجن گهرن ۾ قرار سان رهو ۽ پهرينءَ جاهليت وانگر سينگار جي گهرن مان نه نڪرو ۽ نماز قائم ڪريو ۽ زڪواة ڏيو ۽ الله ۽ ان جي رسول (صلي الله تعاليٰ عليه وسلم) جي تابعداري ڪيو. ان جي ڪري سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها پنهنجي باقي زندگي الله جل شانه جي راضي ڪرڻ لاءِ تعليم، تربيت، حق جي ڪلمي چوڻ ۽ دين کي بلند ڪندي گذاري سندس حياتي مبارڪ قرآني آيات ۽ نبوي احاديث ۽ ارشادات جو عملي تفسير هئي.

خلافت راشده جي دور واري زندگي

الله جل شانه جي مشيت، گهر ۽ حبيب ڪريم

(١) سورة الاحزاب آيت ٣٣

رؤف رِحيم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي رضا مطابقَ صحابه ڪرام جي اتفاق سان حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي رحلت کان پوءِ خلافت جي مسند حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي حوالي ڪئي وئي ۽ جڏهن پاڻ خلافت جا امور سنڀالڻ شروع ڪيائون تہ ازواج مطهرات رضي الله تعاليٰ عنهن خيال ڪيو تہ سيدنا عثمان غني محبوب عليه الصلواة والسلام جي نياڻي سڳوري کي پنهنجي طرفان قاصد بنائي رسول اڪرم، محبوب معظم، سيد عرب وعجم صلي الله تعاليٰ عليه وسلمجن جي سچي، برحق ۽ بلا فصل خليفي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي خدمت اقدس ۾ موڪلين تہ سندن لاءِ ورثي جي گهر ڪري. جڏهن اهو پروگرام تيار ڪيائون تہ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کين رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو فرمان مقدس ياد ڏياريو جو پاڻ فرمايو هيائون تہ "منهنجو ڪوبہ ورثو ناهي مون جيڪي ڇڏيو آهي اهو صدقو آهي" اهو فرمان ياد ڪري سڀ چپ ٿي ويون (۽ وري گُهر نہ ڪيائون.) (١)

ضروري وضاحت

هن روايت مان اهو سمجهڻ نہ گهرجي تہ پاڻ کو مال ملڪيت گڏ ڪري رکيو هيائون جنهنجي ورثي طور گهر ٿي رهي هئي. پاڻ نہ دنيا جا سازوسامان گڏ ڪرڻ

(١) بخاري شريف ص٩٩٦ جلد٢ ڪتاب الفرائض

آيا هئا نہ سندن ورثي ۾ سون، چاندي درهم، دينار، چوپايو مال، ٻانهيون ۽ غلام رهيا هئا پر مختلف ديني اغراض ومقاصد جي لاءِ مجاهدن جي جهادن جي ذريعي هٿ آيل ٻني باغ پنهنجي تصرف ۾ رکياهيائون انهن کي ورثو سمجهي ازواج مطهرات ۽ سيده فاطمه زهريٰ رضي الله تعاليٰ عنهن گُهر ڪئي يا گهرڻ لاءِ سوچيو هو. مگر آقاءِ نامدار عليه افضل التحيات واڪمل التسليمات جو فرمان جيڪو پاڻ اڳ ۾ ٻڌي چڪيون هيون ياد ڏيارڻ شرط چپ ٿي ويون ۽ خلفاءِ راشدين رضي الله تعاليٰ عنهم انهن باغن فدڪ وغيره جي آمدنيءَ مان انهن ئي مصارف ۽ ضروريات ۾ خرچ ڪندا رهيا جن ۾ پاڻ ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن خرچ ڪندا هئا. پوري خلافت راشده جي دور ۾ بعينه ان ئي حيثيت سان هي سلسلو جاري رهيو.

والد ماجد جي جدائي

خلافت راشده مان پنهنجي لاءِ مقرر ٿيل قدرتي وقت کي پورو ڪندي شاه مدينه، سرور قلب وسينه صلي اللهٰ تعاليٰ عليه وسلم جي سچي صحابيءَ ۽ وفادار، يارغار، جان نثار حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جڏهن دنيا تان رحلت ٿي ڪئي تہ ان وقت سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها سندس مٿان موجود هئي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه ڪائنس پڇيو تہ الله تعاليٰ جي پياري رسول مقبول صلي الله تعاليٰ

عليه وسلم جن جي ڪفن مبارڪ ۾ ڪيترا ڪپڙا هئا. عرض ڪيائين ته ٽي اڇا ڪپڙا هئا. پڇيائين ته "ڏينهن ڪهڙو هئو؟" عرض ڪيائين ته سومر جو. فرمايائين ته "اڄ ڪهڙو ڏينهن آهي؟" عرض ڪيائين ته سومر جو. فرمايائين ته اڄ منهنجي به دنيا مان روانگي آهي ان کان پوءِ پنهنجي چادر مبارڪ ڏي نهاري فرمايائين ته هن ۾ زعفران جي رنگ جا نشان آهن اها ڌوئي مٿان ڏجو باقي ڪٽل ٽڪرا پورا ڪري ڪفن ڊڪائجو. سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها عرض ڪيو ته هيءَ چادر ته پراڻي آهي فرمايائين ته "نئين ڪپڙي جي مئلن کان وڌيڪ جيئرن کي ضرورت آهي." پوءِ انهيءَ ڏينهن شام جو پاڻ وفات ڪيائون "انا لله وانا اليه راجعون" ۽ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي حجري مبارڪ ۾ حضرت آقاءِ نامدار صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي پير ۾ ادب کي لحاظ ۾ رکندي سندن ڪلهي مبارڪ جي برابر کين دفن ڪيو ويو ۽ ان حجري مقدس ۾ ٻيو چنڊ به لهي آيو حضور پاڪ، سياح افلاڪ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي دنيا مان رحلت واري صدمي کان پوءِ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي لاءِ هيءُ صدمو تمام وڏو هو مگر پاڻ صبر ڪندي "اِنَّا لِلهِ واِنَّا اِلَيهِ رَاجِعُوْنَ" پڙهندي "اُولَآئِکَ عَلَيْهِمْ صَلَوَاتٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَرَحْمَةٌ" جو اعزاز حاصل ڪيائين.

فاروقي دور

سرورِ ڪائنات مفخر موجودات حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي پياري، حق ۽ ناحق ۾ فرق وجهندڙ، فاروق اعظم، حضرت اميرالمؤمنين عمر بن خطاب رضي الله تعاليٰ عنه جن جي خلافت جو دور انتظامي لحاظ سان تمام گهڻو بلند ۽ بالا هو پاڻ سيني مستحقين جا وظيفا نقد ادائيگيءَ جي صورت ۾ مقرر ڪيا هيائون ازواج مطهرات مان هر هڪ جي لاءِ ٻارهن ٻارهن هزار سالانه ڏنا ويندا هئا حاڪم جي روايت ۾ (جيڪا بخاريءَ ۽ مسلم جي روايت جي برابر آهي) آيو آهي ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي ٻين گهر وارين کي ڏهه (١٠) ڏهه (١٠) هزار سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کي انهن کان ٻه هزار وڌائي ٻارهن هزار ڪري ڏنا ويندا هئا حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه پنهنجيءَ نياڻيءَ سيده حفصه سڳوريءَ رضي الله تعاليٰ عنها کان (جيڪا خود محبوب عليه الصلواة والسلام جن جي ڪنوار هئي) به جڏهن سيده عائشه کي وڌائي ڏنا ته ان جو سبب پڇيو ويو، پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته عائشه حضور عليه الصلواة والسلام جن کي سيني کان وڌيڪ پياري هئي ان جي ڪري ان جي دلجوئي ڪئي وئي آهي. ازواج مطهرات رضي الله تعاليٰ عنهن جي تعداد مطابق حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه ڪاڏي پيتي جا پيالا به جدا نهرائي رکيا هئا ته جيڪڏهن ڪا به شيءِ

سندس خدمت ۾ اچي تہ سيني کي ان مان حصو موڪليو وڃي. هڪ ڀيري عراق جي فتوحات مان موتين سان ڀريل هڪ دٻي هٿ آئي غنيمت جي ٻئي مال سان اها بہ حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه جي بارگاه خلافت ۾ موڪلي وئي جڏهن پهتي تہ اها دٻي سيني مجاهدن کي ورهائي ڏيڻ مشڪل ڪم هوپاڻ سيني کي فرمايائين تہ "اجازت ڏيو تہ هيءَ موتين سان ڀريل دٻي ام المؤمنين عائشه کي موڪليان ڇو تہ اها الله تعاليٰ جي رسول مقبول صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کي گهڻي پياري هئي." سيني اجازت ڏني جڏهن اها دٻي سائڻ جي خدمت ۾ موڪلي وئي تہ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها اها کولي ڏسي فرمايو تہ الله جل شانه جي رسول صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کان پوءِ ابن خطاب مون تي وڏا وڏا احسان ڪيا آهن (١) حضرت عمر بن خطاب رضي الله تعاليٰ عنه جي دلي تمنا ۽ خواهش هئي تہ پاڻ بہ ان ئي حجري مبارڪ ۾ رسول اڪرم، نور مجسم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن سان گڏ دفن ٿئي تنهنجي ڪري پنهنجي صاحبزادي کي اهو عرض ڪرڻ جي لاءِ سيده عائشه جي خدمت عاليه ۾ موڪليائين. جنهن اچي عرض ڪيو تہ: والد صاحب سلام عرض ڪيا آهن ۽ سندن خواهش آهي تہ پاڻ حضورعليه الصلواة والسلام جن ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه سان گڏ سندن پاسي ۾ دفن ٿين. سيده عائشه فرمايو تہ "اها

(١) مستدرڪ حاڪم ص

جاءِ تہ مون پنھنجي لاءِ رکي ھئي پر ان ھوندي بہ ايثار ڪندي ڪين اجازت ڏيان" ان اجازت جي ھوندي بہ حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه وفات ڪرڻ وقت وصيت ڪئي ھئي تہ مون کي رحلت ڪرڻ کان پوءِ غسل ڏئي ڪفن ڍڪائي جنازي جي نماز پڙھائي سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنھا جي دروازي تي ڪٽي ھلجو جيڪڏھن وري بہ اجازت ڏي تہ حجري شريف ۾ دفن ڪجو نہ تہ عام مسلمانن سان گڏ جنت البقيع ۾ دفن ڪجو پوءِ سندن وفات کان پوءِ ائين ڪيو ويو ۽ جڏھن حضرت بيبي سائڻ رضي الله تعاليٰ عنھا ٻيو ڀيرو بہ اجازت ڏني تڏھن ڪين حجري مبارڪ ۾ اندرحضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي پير ۾ دفن ڪيو ويو (١) نيٺ ان ئي حجري مبارڪ ۾ ٽيون چنڊ بہ لٿو.

عثماني خلافت وارو زمانو

الله جل شانه جي حبيب عليه الصلواة والسلام جن جي نياٽي، سخاوت جي صاحب، مجاهدن جي مالي امداد ڪندڙ، حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي خلافت ٻارھن(١٢) سال ھئي جنھن مان اڌ وقت سڪون ۽ اطمينان سان گذريو ھو ۽ ھوڏانھن حضرت عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنھا کي عام مسلمانن ۾ وڏي مقبوليت حاصل ھئي ڇوتہ قرآن پاڪ جي حڪم مطابق سيني ايمان وارن جي ماءُ آھي حجاز، شام، عراق، مصر

(١) بخاري شريف ص١٨٦ جلد ١ ڪتاب الجنائز

۽ ٻين علائقن ۾ سندس وڏو احترام ڪيو ويندو هو سيدنا عثمان بن عفان رضي الله تعاليٰ عنه جي لاءِ ٻه سائڻ سڳوريءَ کي وڏي عزت، گهڻو ادب ۽ احترام هو. جن روايتن ۾ آيو آهي ته حضرت عثمان رضي الله تعاليٰ عنه جي شهيد ڪرائڻ ۾ سيده عائشه سڳوريءَ جو هٿ هو اهي اعتبار جي قابل نه آهن سيده سڳوري پاڻ انهن کي رد ڪري چڪي آهي. (١)

سيدنا علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنه جي خلافت جو دور

سيدنا عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه جڏهن مديني منوره جي سرزمين تي شهيد ٿيو ته ان کان پوءِ شير خدا حضرت علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنه جي خلافت جو دور آيو ان دور خلافت ۾ سيده عائشه ۽ سيدنا علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنها جا اختلاف رهيا ۽ پاڻ ۾ جنگيون به ٿيون هيون جيئن تاريخ جي مطالعي ڪندڙن جي اڳيان واضح آهي مگر حضرت شاهه عبدالعزيز محدث دهلويءَ عليه الرحمة لکيو آهي ته انهن اختلافن ۽ جنگين تي سيده عائشه ۽ حضرت علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنهما ٻنهي کي پشيماني هئي ٻئي هستيون ان کي ٺيڪ نه سمجهنديون هيون. (٢) ان جي ڪري اسان کي

(١) بخاري شريف ص جزء خلق افعال العباد

(٢) تحفه اثنا عشريه ص ٥٢٣

ٻنهي پيارن جي شان ۾ گستاخيءَ ڪرڻ کان هرطرح، هروقت بچڻ، ٻنهي پيارن جي عزت ڪرڻ لازمي آهي ڇو ته هڪ طرف محبوب ڪريم عليه الصلواة والسلام جي گهرواري ۽ ننگ آهي ۽ ڪوبہ ماڻهو پنهنجي ننگ جي خلاف ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هوندو آهي. ايماندارن جي امان آهي ۽ ٻئي طرف حضرت علي المرتضيٰ دين جو مجاهد ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جو سوٽ آهي. ٻنهي هستين جو شان قرآن مجيد ۽ حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جي حديثن مان ثابت آهي ان جي ڪري احتياط ڪندي ٻنهي شاندارن جي شان کي لحاظ ۾ رکي سندن معاملات جي فيصلن کي الله جل شانه جي حوالي ڪرڻ گهرجي اهي سازشون يهودين جون هيون اهي جڏهن ڏسندا آهن ته مسلمانن سان ٻئي ڪنهن طريقي سان مقابلو ڪري نٿو سگهجي ته اهي مسلمان سڏائي، پاڻ کي مسلمانن جو خيرخواه ظاهر ڪري انهن کي پاڻ ۾ ويڙهائيندا ۽ انهن جي قوت ۽ طاقت ٽوڙيندا ۽ ختم ڪندا هئا سيدنا عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه جي دور خلافت کان وٺي انهن يهودين جي ايجنٽ عبدالله بن سبا ملعون جون اهي سازشون شروع ٿي چڪيون هيون ۽ هن هلندڙ دور ۾ بہ ان ظالم جو بڇڙو نسل ساڳيو ڪردار ادا ڪندو ٿو اچي. ڪي سيدنا علي رضي الله عنہ جون تہ ڪي سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جون گلاتون ڪندا ٿا اچن ٻنهي جي شان ۾ توهين ۽ تنقيص آميز الفاظ ڳالهائي پنهنجا تہ ٻئي جهان برباد ڪن ٿا پر

ٻين پڪن سُني مسلمانن جي عقيدن کي بہ مذبذب ڪري، ڦيرائي تباهہ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهن. مسلمانن کي سوچي انهن بدمذهبن جي صحبت کان پري رهڻ گهرجي. اهڙيون ڪيتريون روايتون آهن جن ۾ حضرت عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها کان حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه جو شان بيان ٿيل آهي. هڪ روايت ۾ آهي تہ سائڻ کان پڇيو ويو تہ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کي سڀني کان وڌيڪ پيارو ڪير هو؟ فرمايائين تہ "فاطمه" پڇندڙ عرض ڪيو تہ مردن مان فرمايائين تہ "ان جو مڙس جيتري مون کي ڄاڻ آهي تہ گهڻي نماز پڙهندڙ، گهڻو روزي دار هو." (١) ڪيترا ڀيرا ائين بہ ٿيو جو ماڻهو امان سائڻ کان فتويٰ پڇڻ لاءِ ايندا هُيا تہ پاڻ انهن کي حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه جي خدمت ۾ وڃڻ لاءِ حڪم ڏيندي هئي (٢) جڏهن حضرت علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنه جي شهيد ٿيڻ جي خبر ٻڌائين تہ سخت ڏک ۽ ارمان جو اظهار ڪندي فرمايائين تہ "الله تعاليٰ علي تي رحمت ڪري ان کي جڏهن ڪا ڳالهہ پسند ايندي هئي تہ چوندو هو: "صدق الله ورسوله" (٣) يعني الله ۽ ان جي رسول (صلي الله تعاليٰ عليه وسلم) سچ فرمايو آهي.

---

(١) ترمذي ص٢٢٦ج٢ ابواب المناقب باب ماجاءَ في فضل فاطمه
(٢) مسند امام احمد ص ١٥٥ ج ٦
(٣) مسند امام احمد ص ٨٦-٨٧ ج ١

سيدنا امام حسن رضي الله تعاليٰ عنه کي دفن ڪرڻ وارو واقعو

سيدنا رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي ذات جي پياري ڏوهٽي سيدنا امام حسن رضي الله تعاليٰ عنه کي جڏهن زهر ڏنو ويو ۽ پاڻ دارالبقاءِ ڏانهن وڃڻ جي تياريءَ ۾ هئا تہ عين ان وقت اها وصيت ڪيائون تہ مون کي رسول مکرم، محبوب معظم، سيد عالم نور مجسم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي مزار سان گڏ دفن ڪجو ۾ جيڪڏهن ڪو اعتراض ڪري تہ جهيڙو نہ ڪجو ۽ مونکي عام مسلمانن سان گڏ (جنت البقيع ۾) دفن ڪجو. حضرت سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کان جڏهن موڪل گهري وئي تہ پاڻ خوشيءَ سان موڪل ڏنائين جيئن ابن عبد البرالاستيعاب ۾ ۽ ابن الاثير اسد الغابه ۾ ۽ جلال الدين سيوطيءَ تاريخ الخلفاءِ ۾ لکيو آهي. مگر مروان ظالم ان تي اعتراض ڪيو ۽ جهيڙي جو امڪان هو پر حضرت ابوهريرة رضي الله تعاليٰ عنه ان فساد کي دفع ڪرايو. مگر عجب آهي انهن ماڻهن تي جن هڪ ڪوڙي روايت ٺاهي تاريخ جي ورقن کي ڪارو ڪيو آهي تہ حضرت امام حسن رضي الله تعاليٰ عنه کي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن سان گڏ دفن ڪرڻ ۾ عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها رڪاوٽ وڌي هئي بلڪ ايترو ڪوڙ هنيائون تہ سيده عائشه پاڻ سان ڪجهہ

سپاهي وٺي هڪ اچي خچر تي سوار ٿي آئي هئي ۽ حضرت امام حسن رضي الله تعاليٰ عنه کي اتي دفن ڪرڻ نہ ڏنائين. سيده عائشه جي سپاهين تير بہ هلايا هئا پر حضرت عائشه جو پاڻ آيو جنهن انهن کي روڪيو. هيءَ روايت تاريخ طبريءَ جي فارسي نسخي ۾ ملائي وئي آهي جيڪا اصل عربي نسخي ۾ ناهي بالڪل غيرمستند، غير معتبر ۽ ڪوڙي آهي. اهڙيءَ ڳالهہ تي ڪوبہ پڪو مسلمان ويساه نہ ڪري.

حليو ۽ لباس مبارڪ

رب العالمين جل شانه جيئن پنهنجي محبوب صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي ذات بابرڪات کي هر نعمت سان نوازيو بلڪ هر نعمت جي ملڻ ۽ عطا ٿيڻ جو مرڪز بنايو آهي جو سندن هٿان پين کي بہ نعمتون ملن ٿيون تيئن سندن گهروارين، مؤمنن جي مائرن رضي الله تعاليٰ عنهن کي بہ بي مثل عورتون هجڻ جو شرف ۽ امتيازي شان بخشيو آهي. سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها بہ الله تعاليٰ جي بارگاه ۾ مقبول ۽ پياري ٻانهي آهي. پاڻ انهن نوجوان نياڻين مان هئي جن جي جسماني، نشوونما جلد ترقي ڪندي آهي. پاڻ نَوِن (٩) سالن جي عمر مبارڪ ۾ بلوغت کي پهتي هئي. (١) ابتدا ۾ سنهيءَ باڊيءَ واري هئي.(٢) عمر مبارڪ وڌڻ جي ڪري

(١) بخاري شريف ص ٧٧٥ج ٢

(٢) بخاري شريف ص ٦٩٦ ج ٢ واقعة الافڪ

سندس جسم مبارڪ ۾ تولهه پيدا ٿي هئي (١) سندس جسم مبارڪ جو رنگ اڇو ۽ ڳاڙهاڻ ڏي مائل هو (٢) هي مؤمنن جي ماءُ سڳوري نهايت بااخلاق ۽ حسن، جمال واري هئي (٣)

زهد ۽ تقويٰ

سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها زهد ۽ تقويٰ ۾ بہ اعليٰ درجي تي پهتل هئي. پنهنجي جسم مبارڪ کي ڍڪڻ لاءِ صرف هڪ وڳو رکندي هئي ۽ ان کي ئي ڌوئي پائيندي هئي. سندس هڪ ڪڙتو هوندو هو جنهن جي قيمت پنجاه (٥٠) درهم هئي. ڪڏهن ڪڏهن زعفران سان رنگيل ڪپڙا بہ پائيندي هئي ڪڏهن ڪڏهن ڳچيءَ مبارڪ ۾ يمن جو هار ۽ آڱرين مبارڪن ۾ سونيون منڊيون پائيندي هئي. (٤)

اخلاق مبارڪ

ان شخصيت جا اخلاق، عادات ۽ هر ڪردار ڪيڏو نہ سهڻو هوندو جنهن ننڍيءَ عمر کان وٺي جوانيءَ تائين پنهنجي زندگي حبيب ڪريم، رؤف رحيم، صاحب

---

(١) ابودائود ص

(٢) مسند امام احمد ص ١٣٨ج ٦

(٣) بخاري شريف ص٦٩٧ ج٢ باب السبق واقعة الافڪ

(٤) بخاري شريف ص ٨٧٣ ج ٢ باب الخاتم للنساء

خلق عظيم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن سان گڏ گذاري هجي. سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها ان روحاني تربيت گاه، نبوت جي مرڪز ۾ اخلاق جي ان رتبي تائين پهتل هئي جيڪو انسان جي روحاني ترقيءَ جي آخري منزل آهي پاڻ سائڻ اخلاق حسنه جي مالڪياڻي، نهايت سنجيده، فياض، قناعت واري، عبادت گذار ۽ رحم دل هئي. عورت گهڻو ڪري قناعت پسند نه هوندي آهي بلڪ عورت ۽ قناعت ڇڻ هي ٻئي هڪ ٻي جي خلاف متضاد شيون آهن مگر سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها ۾ اهي ٻئي وصفون ڪٺي هيون. پاڻ حضرت نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي گهر مبارڪ ۾ جنهن مسڪينيءَ جي عالم ۾ رهي هئي اهو ته سيني جي اڳيان واضح ۽ روشن آهي مگر ڪڏهن به سندس زبان مبارڪ مان بي شڪريءَ جو اظهار نه ٿيو هو. ڳريءَ قيمت وارو لباس، عمدا زيور، عاليشان عمارت لذيذ ۽ رنگين کاڌا ڪڏهن به ڪيس حاصل نه هئا حالانڪ فتوحات جي ڪري دربار اقدس ۾ خزانا ايندا به هئا پر سيلاب جي وهڪري وانگر مسڪين ڏي وهي ويندا هئا. پاڻ ڪڏهن به نه انهن جي طلب ڪيائين ۽ نه هَوَس رکيائين. رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي رحلت کان پوءِ هڪ پيرو کاڌي جي طلب ڪيائين پوءِ فرمايائين ته "مون جڏهن به ڍؤ ڪري طعام کاڌو هوندو ته ان کان پوءِ رنو هوندم." هڪ شاگرد پڇيو ته ڇاجي ڪري؟ فرمايائين ته "مون کي اها حالت ياد ايندي آهي

جنهن ۾ سيدنا رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن هن جهان مان رحلت ڪئي هئي. الله جو قسم آهي ته پاڻ ڪڏهن به هڪ ڏينهن ۾ به پيرا ماني ۽ گوشت ڍؤ ڪري نه کاڌو هيائون" (١)

ڪيس اولاد ته ڪونه هو پر عام مسلمانن جي ٻچن خاص ڪري يتيمن کي پاليندي ۽ انهن جي سهڻي نموني سان تعليم ۽ تربيت ڪندي ۽ انهن جي شادين جا انتظام ڪرائيندي هئي. جڏهن ڪي عورتون رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي خدمت ۾ ڪو عرض ڪٽي ايندي هيون ته پاڻ انهن جي مدد ڪندي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن وٽ انهن لاءِ سفارش به ڪندي هئي، رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کيس دنيا جي محبت کان دور رکندي تاڪيد طور ارشاد فرمايو هو ته "يَاعَائِشَةُ! اِنْ اَرَدْتِ اللّحوقَ بِيْ فَلْيَكْفِيْكِ مِنَ الدُّنْيَا كَزَادِ الرَّاكِبِ وَاِيَّاكِ وَمُجَالَسَةَ الْاَغْنِيَاء وَلَاتَسْتَخْلِقِيْ ثَوْبًا حَتّيٰ تَرْقَعِيْهِ" (٢) يعني اي عائشه! جيڪڏهن (قيامت ۾) مون سان ملڻ ٿي گهرين ته دنيا مان تولاءِ ايترو ڪافي آهي جيترو (مسافر جو) ثمر هوندو آهي ۽ شاهوڪارن جي مجلس کان پاڻ کي بچائجان ۽ تيستائين ڪپڙي کي پراڻو نه سمجهجان جيستائين ان کي چتي نه لڳائين.

(١) ترمذي ص ٦١ ج ٢ باب الزهد

(٢) طبقات ابن سعد ص ٧٦ ج ٨

مڙس جي فرمانبرداري

هلندڙ دور ۾ مڙس جي فرمانبرداريءَ جو جذبو عورتن ۾ نہ هجڻ جي برابر آهي مشڪل سان ڪي عورتون ديندار، پرهيزگار ۽ مڙسن جون فرمانبردار هونديون سيده عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها پنهنجي پياري مڙس، سيدنا رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي اطاعت، فرمانبرداري، مسرت ۽ رضا طلبيءَ لاءِ وڏ ۾ وڏ ڪوشان رهندي هئي جيڪڏهن ڪنهن وقت حبيب پاڪ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي منهن مبارڪ تي ڏک، غم ۽ پريشاني محسوس ٿيندي هيس تہ پاڻ بہ بي چين ۽ بيقرار ٿي پوندي هئي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي قريبن ۽ اصحابن سڳورن جو احترام، ادب ۽ عزت ڪندي هئي ڪنهن جي بہ گلا يا بدي بيان نہ ڪندي هئي سندس روايت ڪيل حديثون هزارن جي تعداد ۾ آهن پر انهن ۾ هڪ حرف بہ نظر نٿو اچي جيڪو توهين لاءِ ڳالهايل هجي پنهنجي مڙس جي ٻين گهروارين جي گلا ڪرڻ تہ عورتن لاءِ عام رواجي ڳالهہ آهي مگر سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها انهن ڳالهين کان بہ بالڪل پري ۽ صاف هئي پاڻ انهن جون ڀلائيون ۽ فضيلتون روايت ڪندي هئي حتي الامڪان ڪنهن جو ٿورو ۽ احسان نہ کڻندي هئي پاڻ خوددار ضرور هوندي هئي پر ان خودداريءَ جي حالت ۾ بہ عدل، انصاف ۽ حق تي هلڻ جي ڪوشش ڪندي هئي

سخاوت

سخاوت ۽ همٿ جي ڪشادگي تہ سيده جون خاص صفتون هيون جيڪي بہ گهر ۾ هوندو هو الله تعاليٰ جي نالي تي ڏيڻ ۾ دير نہ ڪندي هئي حضرت عبدالله بن زبير رضي الله تعاليٰ عنه هڪ ڀيري هڪ لک درهم ٻن ٿيلهين ۾ وجهي موڪليا جيئن جو پهتا تہ پاڻ خيرات ڏيڻ شروع ڪيائين ۽ شام تائين سڀ خيرات ڪري ڇڏيائين ٻانهيءَ عرض ڪيو تہ: سائڻ اوهان روزي سان آهيو روزي کولڻ لاءِ تہ ڪجهہ رکو ها؟ فرمايائين تہ "ان وقت ياد ڏيارين ها" (١) عروة سڳوري فرمايو تہ مون سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کي ستر هزار (٧٠٠٠٠) درهم صدقو ڪندي ڏٺو آخر ۾ جنهن چادر ۾ ڪٽي آئي هئي ان کي چندي ڪنيائين ۽ ڪجهہ بہ نہ رهايائين (٢)

الله جل شانه جو خوف ۽ نرم دلي

مٿي مالڪ جي مقرب ٻانهن جي اها خصوصيت آهي تہ اهي سندس بي پرواه ذات جي اڳيان ڪڏهن سندس خوف کان تہ ڪڏهن سندس محبت ۾ بي اختيار ٻھجي روئندا رهندا آهن انهن جي دل الله جل شانه جي

(١) الاصابة ص٣٦١ جلد ٤
(٢) طبقات ابن سعد ص٦٦ جلد ٨

ذکر ۽ آخرت جي فڪر سان نرم هوندي آهي سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها ۾ اها صفت ڪامل ۽ پوري طرح موجود هئي سندس دل مبارڪ خوفِ خدا ۽ خشيت الٰهي سان ڀريل هئي تمام گهڻو نرم دل هجڻ جي ڪري جلد روئي ڏيندي هئي حجة الوداع جي موقعي تي جڏهن زالاڻيءَ مجبوريءَ جي ڪري حج جا بعضي احڪام ادا ڪري نہ سگهي تہ بي اختيار روئڻ لڳي ۽ جڏهن سيدنا رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن ڪيس تسلي ڏني تڏهن ڪيس قرار آيو (١) اهڙيءَ طرح جڏهن بہ ڪيس ڪا اهڙي ڳالهہ نظر ايندي هئي جنهن سان قلب ۾ رقت ۽ نرمي پيدا ٿئي تہ سندس اکين مبارڪن مان بي اختيار پاڻي وهي پوندو هو. هڪ ڀيري هڪ سائل عورت سندس خدمت ۾ آئي ۽ ان سان گڏ ان جا ٻہ ٻار بہ هيا ان وقت گهر ۾ صرف کجور جون ٽي ڳڙيون پيل هيون پاڻ اهي کڻي ان عورت کي ڏنائين ۽ ان پنهنجن ٻنهي ٻارن کي هڪ هڪ ڳڙي ڏني ۽ هڪ پنهنجي وات ۾ وڌي انهن ٻارڙن اهي ڪري جلدي جلدي کائي وري پنهنجيءَ ماءُ ڏي نهاريو. ماءُ جو روح نرم هوندو آهي ان اها هڪ ڳڙي بہ وات مان ڪڍي انهن ٻنهي ٻچڙن کي اڌو اڌ ڪري ڏني ۽ پاڻ نہ کاڌائين ماءُ جي محبت جو اهو حسرت ڀريو منظر ڏسي ان جي مسڪيني حالت کي ملاحظو ڪندي سيده سائڻ بي تاب ٿي وئي ۽ سندس اکين مبارڪن مان ڳوڙها جاري ٿي پيا.

(١) بخاري شريف ص ٢٤٠ ج ١ ڪتاب الحج

عبادت جو شوق

سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کي پنهنجي پروردگار پاڪ سان پيار ۽ ان جي عبادت ڪرڻ جو بي انتها شوق هوندو هو. فرضن واجبن جي ادا ڪرڻ سان گڏ نفلي عبادتن جي به سختيءَ سان پائبند هوندي هئي. ضحيٰ جا نفل هميشه پڙهندي هئي رات جو حضور سرور ڪونين صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن سان گڏ تهجد پڙهندي هئي. محبوبن ڪريمن صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي رحلت ڪان پوءِ به نفلن جي پائبند هوندي هئي. رمضان المبارڪ ۾ تراويح پڙهڻ جو خاص اهتمام ڪندي هئي نفلي روزا به گهڻا رکندي هئي. سعد بن ابراهيم ڪان روايت آهي ته پاڻ هميشه روزي سان رهندي هئي. (١)

اهڙيءَ طرح حج لاءِ به هميشه ڪوشش ڪندي هئي شرعي حڪمن جي ادا ڪرڻ جي سختيءَ سان پائبند هوندي هئي غلامن تي شفقت ۽ مسڪينن جي مدد ڪرڻ ۾ وڏي دلچسپي رکندي هئي پردي جو سخت اهتمام ڪندي هئي تان جو جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي مسئلو پڇڻو هوندو ته به پردي ڪان ٻاهران اچي عرض ڪري پڇندو هو.

(١) طبقات ابن سعد ص ٦٨ ، ٨

وفات حسرت آيات

حضرت امير معاويه رضي الله تعاليٰ عنه جي دور جو آخري حصو سيده عائشه جي زندگيءَ جو آخري وقت هو سنه ٥٨ هه رمضان المبارڪ مهيني ۾ سائين بيمار ٿي پئي ۽ ڪجهه ڏينهن بيمار رهي. جيڪي ماڻهو طبع پرسيءَ لاءِ ايندا هئا ۽ سندس فضائل بيان ڪندا هئا ته پاڻ انهن کي روڪيندي هئي سيدنا عبدالله ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما سندس طبع پرسيءَ لاءِ آيو ۽ فرمايائين ته "تنهنجو ازل کان ام المؤمنين لقب هو، تون حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي تمام پياري گهرواري آهين الله تعاليٰ تنهنجي ذريعي تيمم جي اجازت عنايت ڪئي تنهن جي شان ۾ قرآن ڪريم جون آيتون نازل ٿيون جيڪي هر محراب ۾، هر منبر تي رات ۽ ڏينهن پڙهيون وينديون آهن" پاڻ حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما کي فرمايائين ته "منهنجي تعريف نه ڪيو"

پاڻ وصيت ڪئي هيائين ته "مون کي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي ٻين گهروارين سان گڏ دفن ڪجو. ان کان پوءِ سترهين تاريخ رمضان شريف جي سنه ٥٨ هه مطابق ١٣ جون ٦٧٨ ۾ نماز وتر کان پوءِ وفات ڪيائين (١) سندس عمر مبارڪ ٦٧ سال هئي.

راتئون رات سندن وفات جي خبر پوري مديني

(١) الاصابة ص٣٦١ جلد ٤

منوره ۾ پنجي وئي جنازه جي نماز لاءِ تمام گهڻا ماڻهو گڏ ٿيا هئا سندس جنازي جي نماز حضرت ابوهريرة رضي الله تعاليٰ عنه پڙهائي سندس ڀائٽين قاسم بن محمد بن ابي بکر ۽ عبدالله بن عبدالرحمٰن بن ابي بکر ۽ سندس ڀاڻيجن عروه بن زبير ۽ عبدالله بن زبير سندس وصيت موجب کيس جنت البقيع ۾ سندس قبر مبارڪ ۾ لاٿو ۽ دفن ڪيو. "انا لله وانا اليه راجعون"

سيده جون فضيلتون ۽ ڀلائيون

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته جنهن عورت کي مرسلين جي مهندار، يتيمن جي يار حضور سيد المرسلين صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن سان نڪاح ڪرڻ ۽ گڏ رهڻ جو شرف ۽ شان نصيب ٿئي جيڪا رات، ڏينهن ڪائنات جي آقا ۽ مولىٰ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي خدمت ۾ گذاري ان جي شان، شرف، برتريءَ ۽ بلنديءَ ۾ ڪي مسلمان کي ڪوبه شڪ ۽ شبهو نه آهي. قرآن ڪريم ۽ حديث شريف جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته ام المؤمنين سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها پنهنجو مثال پاڻ هئي، ايمان وارين عورتن ۾ (الاماشاءالله تعاليٰ) سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها اهم مقام تي فائز هئي الله تعاليٰ، جيڪڏهن ڪنهن کي تعصب جي نگاه کان ۽ سرور ڪونين صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن ۽ سندن نهايت ئي شاندار ۽ پرديدار اهليه سيده عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها جي عداوت ۽ دشمنيءَ کان محفوظ رکيو آهي ته ان کي سائڻ رضي الله تعاليٰ عنها

جو شان گهٽي کان گهٽو نظر ايندو مگر جن کي عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها ۽ سندس والد حضرت ابوبکر صديق رضي الله تعاليٰ عنه سان عداوت، بغض ۽ کينو آهي اهي اصل نہ مڃيندا بلڪ حضرت ابوبکر صديق رضي الله تعاليٰ عنه سان دشمنيءَ جي ڪري محبوب عليه الصلواة والسلام جن جو شرم بہ نہ ڪندا جيئن ڪافرن تاريخدانن اندروني خباثت ظاهر ڪندي سيده سائڻ تي گند اڇلايو آهي. هي بہ ائين ڪندا آهن سچن مسلمانن کي هميشه انهن بدعقيدن ماڻهن کان بچندي سيده جا فضائل بيان ڪرڻ گهرجن جيئن مون عاجز سائڻ جون ڪجهہ فضيلتون هتي لکيون آهن.

سيده جا فضائل قرآن پاڪ مان

آيت ١

پاڪدامن، گناهہ کان بي خبر، ڪامل ايمان واري

الله جل شانه جو فرمان آهي: "اِنَّ الَّذِيْنَ يَرْمُوْنَ الْمُحْصَنٰتِ الْغَافِلَاتِ الْمُؤْمِنَاتِ لُعِنُوْا فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ (١) يعني بيشڪ اهي ماڻهو جو تهمت تا هڻن پاڪدامن، بي خبر، ايمان وارين تي لعنت ڪيا ويا دنيا ۽ آخرت ۾ ۽ انهن لاءِ وڏو عذاب آهي.

ابن ابي حاتم، حاڪم، ابن مردويه، حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهماکانءِ طبرانيءَ ضحاڪ رضي

(١) سورة النور آيت ٢٣

الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ هيءَ آيت خاص سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي باري ۾ نازل ٿي هئي. (١)

سعيد بن منصور ۽ ابن جرير روايت ڪئي آهي تہ حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما هن آيت جو تفسير بيان ڪندي فرمايو تہ "جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن ٻيءَ عورت کي گار ڏي يا ان تي تهمت ٿو لڳائي تہ ان جي توبه قبول آهي مگر حضور عليه الصلواة والسلام جن جي گهروارين کي برو چوندڙ جي توبه ئي قبول ناهي ڇو تہ الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ "جيڪي عورتون هر طرح پاڪ، برائيءَ کان صفا بي خبر، جو انهن کي خبرئي نہ هجي تہ زنا ڇا آهي؟ نہ ڪڏهن اهڙو شبهو سندن دلين ۾ آيو هجي، نهايت ئي ڪمال ۽ نزاهت وارين، ايمان جي صفت سان اهڙيءَ طرح موصوف رهندڙين، جوهر ايمان واريءَ ڳالهہ تي چاهي اهي ڪرڻ واجب آهن يا ڇڏڻ ضروري آهن ايمان ڪامل ۽ تفصيلي رکن. جيڪي ماڻهو انهن کي برو ٿا چون اهي دنيا ۽ آخرت ۾ ملعون آهن."

اهو تفسير حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما نائين تاريخ ذوالحج جي ڏينهن بصره جي شهر ۾ بيان ڪيو(٢) ۽ جڏهن حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما مٿيون تفسير بيان ڪري بس ڪئي تہ ان محفل ۾ موجود صحابن ۽ تابعن ان تفسير کي سهڻو سمجهي

(١) الدر المنثور ص ١٦٤ ج ٦
(٢) التفسير الكبير ص ١٩٣ جزءُ ٢٣

جذبات مان اٿي سندس مٿي مبارڪ کي چميو (١) مفسر قرآن علامه بيضاويءِ عليه الرحمة فرمايو آهي ته: جيڪڏهن قرآن پاڪ وارا سخت عذاب جا ڪيل وعدا جاچي ڏسجن ته اهڙو سخت عذاب جو وعدو ڪنهن لاءِ به ناهي جهڙو سيده عائشه تي بهتان هتندڙن جي لاءِ آهي.

هڪ عجيب نڪتو

الله تعاليٰ چئن جي پاڪائي چئن ڪان بيان ڪرائي آهي.

١- حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جي پاڪائي زليخا سائڻ جي خاندان مان ننڍي ٻار ڪان.

٢- حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام جي پاڪائي يهودين جي طرفان لڳايل الزام ڪان ان پٿر سان جيڪو سندس ڪپڙا ڪٽي هليو ويو هو.

٣- حضرت بيبي مريم سڳوريءَ رضي الله تعاليٰ عنها جي پاڪ دامني سندس پٽ جي زبان مبارڪ کولڻ سان.

٤- سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي پاڪدامني قرآن ڪريم جي آيتن نازل ڪرڻ ۽ تاڪيدي ڪلمات سان. ۽ اهو سڀ سيدنا رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي منصب کي ظاهر ڪرڻ ۽ مرتبي بلند ڪرڻ جي لاءِ هو. (٢)

(١) الدر المنثور ص ١٢٥ ج ٦
(٢) تفسير بيضاوي ص ٤٦٦

سوال

قرآن پاڪ جي هن آيت مان جيڪڏهن سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها مراد آهي تہ اها تہ هڪڙي آهي پوءِ المحصنٰت الغافلات المؤمنات جمع جا صيغا ڇو آيا؟

جواب

جمع جو صيغو ان لحاظ سان آندو ويو آهي تہ خبر پوي تہ ان هڪڙيءَ کي برو چوڻ ڄڻ حضور عليه الصلواة والسلام جي سڀني گهروارين کي برو چوڻ آهي ڇو تہ سڀني ۾ پاڪدامني ۽ نزاهت حضور عليه الصلواة والسلام جن جي نسبت سان آهي. جيئن قرآن ڪريم ۾ ٻيءَ جاءِ تي آهي. "كَذَّبَتْ قَوْمُ نُوحٍ الْمُرْسَلِيْنَ" (١) يعني (حضرت) نوح (عليه الصلواة والسلام) جي قوم مرسلن کي ڪوڙو چيو هتي بہ المرسلين جمع جو صيغو آندو ويو آهي حالانڪ انهن تہ صرف هڪڙي حضرت نوح عليه الصلواة والسلام کي نہ مڃيو هو پر جڏهن تہ هڪ نبي عليه الصلواة والسلام کي نہ مڃڻ ڄڻ سڀني جو نہ مڃڻ آهي ان جي ڪري جمع جو صيغو آندو ويو آهي.

فائدو: امام رازيءَ جي ڪتاب الاشارات کان نقل ڪندي علامه اسماعيل حقيءَ عليه الرحمة لکيو آهي تہ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها تي بهتان لڳڻ کان پوءِ

(١) سورة الشعرآء آيت ١٠٥

سيدنا رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن گھڙو
وقت گهرمبارڪ ۾ ويهندا هئا سندن زيارت فيض بشارت
لاءِ حضرت عمر بن خطاب رضي الله تعاليٰ عنه سندن
خدمت مبارڪ ۾ آيو پاڻ ان کان ان بهتان جي باري ۾
پڇيائون ته "تون ڇاٿو سمجهين؟" عرض ڪيائين ته مان
يقين سان ٿو چوان ته "سيده عائشه پاڪ آهي ۽ منافق
ڪوڙ ٿا هڻن ۽ مون وٽ ان جو پڪو دليل اهو آهي ته
قدرت واري جي طرفان گندگي تي ويهڻ واريءَ مک کي به
اوهان جي جسم اطهر کي ويجهو اچڻ جي اجازت نه آهي
جيڪڏهن عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها به گندي ۽
ناپاڪ هجي ها ته الله تعاليٰ اوهان کي ان سان شادي
ڪرڻ کان روڪي ها. حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه کان
پوءِ حضرت عثمان رضي الله تعاليٰ عنه سندن خدمت
اقدس ۾ حاضر ٿيو ۽ سلام عرض ڪري وينو ته سيدنا
رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن ان سان مخاطب
ٿيندي ڪيس ان بهتان جي باري ۾ فرمايو ته "تون ڇا ٿو
سمجهين؟" ان ادب سان عرض ڪيو ته يارسول الله!
عائشه رضي الله تعاليٰ عنها پاڪدامن آهي ۽ مون وٽ ان
جو دليل هيءُ آهي ته الله تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان
اوهان جو پاڇو سج ۽ چنڊ جي روشنيءَ ۾ پٽ تي نه
پوندو آهي ته متان ان کي ڪير لتاڙي جڏهن اوهان جي
پاڇي پاڪ کي لتاڙڻ الله تعاليٰ کي پسند نه آهي ته اوهان
جي ننگ، زوجه مطهره رضي الله تعاليٰ عنها کي ڪير
ڪيئن لتاڙي سگهندو. ان کان پوءِ سيدنا علي المرتضيٰ
رضي الله تعاليٰ عنه دربار اقدس ۾ پهتو پاڻ ان کان ان

معاملي جي متعلق پڇيائون تہ "اهو ڪيئن آهي؟ ان بہ عرض ڪيو تہ يا رسول الله! عائشه بالڪل پاڪ ۽ صاف آهي ۽ مون وٽ ان لاءِ هيءُ دليل آهي تہ هڪ ڀيري اسان اوهان جي پٺيان نماز ٿي پڙهي تہ اوچتو اوهان پنهنجي جتي مبارڪ لاهي اڇلائي. اوهان کي ڏسي اسان بہ جتيون لاهڻ جو ارادو ڪيو تہ اوهان اسان کي منع ڪندي فرمايو تہ "مون کي جبريل ٻڌايو آهي تہ جُتيءَ ۾ پليدي لڳل آهي لاهي اڇلايو." جڏهن الله تعاليٰ اوهان جي جتيءَ ۾ پليدي لڳڻ پسند نہ ٿو فرمائي تہ اوهان جي اهل ۾ پليدي ڪيئن برداشت ڪندو. پوءِ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن خوش ٿيا ۽ الله تعاليٰ آيت مبارڪ "ان الذين جآؤا بالافڪ" الآية نازل فرمائي سندن تصديق ڪئي ۽ منافق گهٽوخوارٿيا (١) هن آيت مبارڪ مان هي فائدا حاصل ٿيا.

فائدو١

علماءِ ڪرام ڪولي ڪولي لکيو آهي تہ هن آيتن جي نازل ٿيڻ کان پوءِ جيڪو سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها يا ٻين ازواج مطهرات جي خلاف بڪ ڪندو يا تهمتون هڻندو اهو ڪافر، قرآن ڪريم کي ڪوڙو چوندڙ ۽ اسلام جي دائري کان خارج آهي. طبرانيءَ شريف ۾ حضرت حذيفه رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي "قذف المحصنة تهدم عمل مائة سنة" يعني پاڪدامن

(١) روح البيان ص ١٢٥ ج ٦

عورت تي تهمت هڻڻ سؤسالن جي عمل کي ختم ڪري
ڇڏيندو آهي مفتي شفيع ديوبندي صاحب لکيو آهي ته
پاڪدامنيءَ جي ذڪروارين آيتن جي نازل ٿيڻ کان پوءِ
جيڪو شخص حضرت صديقه عائشه تي تهمت لڳائي اهو
بلاشبهه ڪافر، قرآن جو منڪر آهي جيئن مسلمان
سڏائيندڙن مان بعضي فرقا ۽ بعضي فرد ان ۾ گرفتار
ٿيل آهن انهن جي ڪافر هجڻ ۾ ڪو شڪ نه آهي۽ شڪ
ڪرڻ جي گنجائش ئي ناهي. اجماع امت جي حڪم
مطابق اهي ڪافر آهن (١)

آيت ٢

پاڪ نبي (عليه الصلواة والسلام) جي پاڪ گهرواري

"اَلْخَبِيْثٰتُ لِلْخَبِيْثِيْنَ وَالْخَبِيْثُوْنَ لِلْخَبِيْثٰتِ وَالطَّيِّبٰتُ لِلطَّيِّبِيْنَ وَالطَّيِّبُوْنَ لِلطَّيِّبٰتِ اُولٰٓئِكَ مُبَرَّءُوْنَ مِمَّا يَقُوْلُوْنَ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ" (٢) يعني پليد عورتون پليد مردن لاءِ ۽ پليد مرد پليد عورتن لاءِ ۽ پاڪ عورتون پاڪ مردن لاءِ ۽ پاڪ مرد پاڪ عورتن لاءِ (لائق) آهن اهي پاڪ آهن ان (بهتان) کان جو چون ٿا انهن لاءِ بخشش ۽ رزق ڀلو آهي.

ابن جرير، ابن ابي حاتم ۽ طبراني ابن زيدؓ روايت
ڪئي آهي ته هيءَ آيت سيده عاشه رضي الله تعاليٰ عنها

(١) معارف القرآن ص ٣٨٢ ج ٦ (٢) سورة النور آيت ٢٦

جي باري ۾ نازل ٿي جڏهن عبدالله بن ابي منافق سائڻ تي بهتان هنيو. الله تعاليٰ سائڻ جي پاڪدامني بيان ڪندي فرمايو ته پليد عورتون پليدن لاءِ هوندين آهن پر حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن پاڻ پاڪ آهن ان جي ڪري سندن گهرواريون به پاڪ آهن اهڙيءَ طرح سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها مبراة (عيبن کان آزاد) ۽ طيبه (پاڪدامن) آهي. (١)

علامه اسماعيل حقيءَ عليه الرحمة لکيو آهي ته سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي پاڪدامن هجڻ جو ذڪر مٿس لڳايل بهتان کان ٣٧ راتيون پوءِ نازل ٿيو هو. (٢)

الخبيثٰت للخبيثين مان مراد آهي ته عبدالله بن ابي منافق ۽ سندس ٻيا ساٿي منافق پاڻ به خبيث آهن ته سندن زالون به خبيث آهن ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن پاڻ هر قسم جي عيب کان پاڪ، صاف آهن ته سندن گهرواريون به پاڪ آهن جيڪي الله تعاليٰ ڪين منتخب ڪري ڏنيون آهن.

ابن عساڪر هند بن ابي هاله رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت ڪئي آهي ته رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو: ”اِنَّ اللهَ اَبَي اَنْ اَتَزَوَّجَ اَوْ اُزَوِّجَ اِلاَّ اَهْلَ الْجَنَّةِ (٣) يعني الله تعاليٰ هن ڳالهه کان انڪار فرمايو آهي جو مان غيرجنتي عورتن سان شادي ڪيان يا غيرجنتي مردن کي پنهنجيون نياڻيون شادي ڪري ڏيان.

(١) الدرالمنثور ص ١٦٨ جلد ٦ (٢) روح البيان ص ١٢٤ ج ٦

(٣) تفسيرمظهري ص ٤٨٥ ج ٦

علي بن زيد بن جدعان پنهنجي ڏاڏي کان ۽ ان سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کان روايت آندي آهي ته سيده سڳوريءَ فرمايو ته مون کي نوَ (٩) نعمتون اهڙيون عطا ٿيون جيڪي ٻيءَ ڪنهن به عورت کي نه مليون.

١- ته جبريل منهنجي صورت کڻي رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي خدمت ۾ آيو ۽ اچي عرض ڪيائين ته هن سان شادي ڪجو.

٢- ته مون کان سواءِ ڪنهن به ڪنواريءَ عورت سان پاڻ شادي نه ڪيائون.

٣- ته (پاڻ مون کي ايترو پيار ڏيندا هئا جو) دنيا مان رحلت ڪرڻ وقت به سندن مٿو مبارڪ منهنجي هنج ۾ هو.

٤- ته منهنجو گهر سندن مزار مبارڪ بڻيو.

٥- ته رحمت جا ملائڪ منهنجي گهر کي ويڙهيو بيٺا آهن.

٦- ته پاڻ پنهنجين ٻين گهروارين سان هوندا هئا ته لٿل وحي واپس ويندو هو پر مون سان گڏ هڪ بستري ۾ هوندا هئا ته به وحي جو نزول ٿيندو هو.

٧- ته مان سندن خليفي ۽ صديق جي نياڻي آهيان.

٨- ته منهنجي پاڪدامني آسمانن کان نازل ٿي مان پاڪ پيدا ڪيل ۽ پاڪ (محبوب عليه الصواة والسلام) وٽ آهيان.

٩- ته مون کي مغفرت ۽ ڀلي رزق جو وعدو ڏنو ويو آهي. ان مان مراد الله تعاليٰ جو فرمان "لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ

وَرِزۡقٌ كَرِيمٌ" آهي ۽ اها نعمت جنت آهي. (١)

قاسم بن محمد سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کان روايت آندي آهي سائڻ رضي الله تعاليٰ عنها فرمايو تہ "مان نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي ٻين گهروارين کان ڏهن فضيلتن سان وڌيڪ نوازيل آهيان" عرض ڪيو ويو تہ مؤمنن جي ماءُ! اهي ڪهڙيون آهن؟ فرمايائين تہ

١- تہ مون کان سواءِ ٻيءَ ڪنواريءَ عورت سان حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن نڪاح نہ ڪيو هو.

٢- تہ مون کان سواءِ ڪنهن بہ اهڙيءَ ٻيءَ عورت سان نڪاح نہ ڪيو هيائون جنهن جا پيءُ ۽ ماءُ ٻئي مهاجر هجن.

٣- تہ الله تعاليٰ منهنجي پاڪدامني آسمان کان نازل ڪئي.

۴- تہ جبريل منهنجي صورت آسمان کان ريشمي ڪپڙي ۾ کڻي آيو ۽ کين عرض ڪيائين تہ هن سان شادي ڪيو اها اوهان جي گهرواري آهي.

۵- تہ مان ۽ پاڻ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن هڪ ٿانوَ مان وهجندا هئاسين ۽ ٻيءَ ڪنهن بہ گهرواريءَ سان ائين نہ هوندا هئا.

٦- تہ مان سندن اڳيان ليٽيل هوندي هيس تہ بہ پاڻ نماز پڙهندا رهندا هئا ۽ ائين ٻيءَ ڪنهن بہ گهرواريءَ سان روا نہ رکندا هئا.

---

(١) تفسير القرطبي ص ٢١٢ ج ١٢

٧- تہ پاڻ مون سان گڏ هوندا هئا تہ مٿن وحي نازل ٿيندو هو ۽ ٻيءَ ڪنهن سان هوندا هئا تہ وحي نہ لهندو هو.

٨- تہ الله تعاليٰ سندن روح مبارڪ کي جڏهن پاڻ ڏانهن گهرايو تہ ان وقت بہ پاڻ منهنجي سيني سان گڏ هئا.

٩- سندن رحلت ان رات ٿي جنهن رات سندن مون وٽ رهڻ جو وارو هو ۽ سندن آخري صحبت جو موقعو مون کي مليو.

١٠- تہ پاڻ منهنجي گهر ۾ رکيا ويا. (١) ۽ انهن ڳالهين ۾ مون سان ڪابہ عورت برابر نہ آهي." (٢)

آيت ٣

الله تعاليٰ جي طرفان تطهير (پاڪ ڪرڻ) جو تحفو

"إِنَّمَا يُرِيْدُ اللهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَيُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا" (٣) تحقيق ارادو ٿو فرمائي الله تانت وڃائي اوهان مان پليدي اي نبي جي گهر ۾ رهڻ وارؤ! ۽ پاڪ صاف ڪري اوهان کي.

هن آيت مبارڪ ۾ بہ سيده عائشہ صديقہ رضي الله تعاليٰ عنها جو شان شامل آهي ڇو تہ گهروارن ۾ اول اول سندن ازواج مطهرات آهن. عربي محاوري ۾ اهل

(١) طبقات ابن سعد ص٦٤ ج ٨ (٢) تفسير ڪبير ص١٩٢ ج ٢٣

(٣) سورة الاحزاب آيت ٦

بيت گهرواربن کي سڏيو ويندو آهي. علامه آلوسيءَ بغدادي عليه الرحمة لکيو آهي تہ والظاهر ان المراد به بيت الطين والخشب لا بيت القرابة والنسب يعني هن گهر مان مراد سندن رهڻ وارو گهر آهي قرابت ۽ نسب مراد نہ آهي اڳتي لکيو اٿس تہ فالمراد باهله نساءه صلي الله تعاليٰ عليه وسلم المطهرات للقرآئن الدالة عليه من الآيات السابقة (١) يعني هن آيت سڄوريءَ ۾ اهلبيت مان مراد حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جون پاک گهرواريون آهن ڇوتہ اڳين آيتن جا قرينا ان معنيٰ تي دلالت ڪندڙ آهن. سعيد بن جبير حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما کان اهائي مراد روايت ڪئي آهي ۽ حضرت عڪرمة ۽ مقاتل جو فرمان بہ اهو آهي. (٢)

سوال

حديث مبارک ۾ آيو آهي تہ جڏهن قرآن پاک جي اها آيت نازل ٿي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن حضرت علي، حضرت حسن، حضرت حسين ۽ فاطمه زهراءِ رضي الله تعاليٰ عنها وعنهم کي سڏي پنهنجي چادر مبارک جي هيٺان آڻي دعا ڪئي تہ "اَللّٰهُمَّ هٰؤُلَاۤءِ اَهْلُ بَيْتِيْ فَطَهِّرْهُمْ تَطْهِيْرًا" اي الله ! هي منهنجا اهل بيت آهن انهن کي پاک صاف بناءِ. پوءِ ڪيئن ٿا چئو تہ ان مان مراد سندن گهرواريون آهن.

(١) تفسير روح المعاني ص ١٣ جزء ٢٢ (٢) تفسير خازن ٢١٣ ج ٥

جوابـ

ان دعا سان پاڻ ڪريمن صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن انهن شخصيتن کي بہ اهلبيت ۾ داخل ڪرڻ فرمايو چو تہ اصل اهلبيت تہ سندن گهرواريون آهن جيڪذهن هي اڳ ۾ داخل هجن ها تہ وري انهن لاءِ ائين چوڻ جي ڪا ضرورت نہ هئي ۽ انهن لفظن جي اڳيان ۽ پويان آيل خطاب جا ضمير ڏسو ان ڪنتن- تردن- فتعالين، امتعڪن، اسرحڪن، واطعن- اهي سيئي صيغا ۽ ضميرمؤنث جا آهن جن مان ثابت آهي تہ اهي سيئي احڪام ۽ فضائل حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي گهروارين لاءِ آيل آهن ۽ انهن حڪمن کي ادا ڪرڻ جي برڪت ٻڌائيندي چيو ويو تہ "انما يريد الله الآية. هن ڪان پوءِ چا حڪم آهي ان ۾ غور ڪيو "وَاذْكُرْنَ مَايُتْلٰي فِيْ بُيُوْتِكُنَّ" ۽ جيڪي اوهان جي گهرن ۾ تلاوت ٿو ڪيو وڃي اهو ياد ڪيو. واذڪرن- في بيوتڪن ۾ صيغو ۽ ضمير جمع مؤنث حاضر جا آهن. اهو بہ سندن گهروارين لاءِ ارشاد آهي ۽ ٻين مفسرن سڳورن بہ لکيو آهي تہ هم نسآءَ النبي صلي الله تعاليٰ عليه وسلم لانهن في بيته (١) اراد باهل لبيت نسآءَ النبي صلي الله تعاليٰ عليه وسلم (٢) ٻنهي عبارتن جو مطلب آهي تہ آيت مبارڪ ۾ اهل بيت مان مراد حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جون گهرواريون آهن.

---

(١) تفسير خازن ص ٢١٣ جزءُ ٥ مطبوعہ مصر

(٢) معالم التنزيل مطبوعہ مصر ص ٢١٣ جزءُ ٥

سوال

ليذهب عنكم، ويطهركم ۾ كم جمع مذكر مخاطب جو ضمير آهي اتي حضور عليه الصلواة والسلام جن جون گهرواريون مراد كيئن آهن؟ هتي ته مراد مذكر ونو.

جواب

اهو مذكر جو ضمير اهل جي لفظ کي نظر ۾ رکندي آندو ويو آهي جيڪو لفظي مؤنث نه آهي جيئن الله تعالي قرآن ڪريم جي ٻيءَ آيت مبارڪ ۾ ارشاد فرمايو ته "اَتَعْجَبِيْنَ مِنْ اَمْرِاللهِ رَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ عَلَيْكُمْ اَهْلَ الْبَيْتِ اِنَّهٗ حَمِيْدٌ مَجِيْدٌ (١) يعني ڇا تون عجب ٿي ڪرين اللهجي امر کان الله جي رحمت آهي اوهان تي اي اهلبيت! بيشڪ اهو (الله) تعريف ڪيل، بزرگيءَ وارو آهي.

حضرت موسىٰ عليه الصلواة والسلام جن جڏهن پنهنجيءَ گهرواريءَ کي ونيو ٿي ويا ۽ رستي ۾ کين طور جبل تي نور جي تجلي نظر آئي ته پاڻ پنهنجيءَ گهرواريءَ کي جيڪو ارشاد فرمايائون ان کي قرآن ڪريم هنن لفظن سان بيان ڪيو آهي "فَقَالَ لِاَهْلِهِ امْكُثُوْا" (٢) يعني پنهنجي گهروارن کي فرمايائين ته گهڙي ڪن ويهو. هتي امكثوا جمع مذكر امر حاضر جو صيغو آهي حالانڪ سندن خطاب ته سندن گهرواريءَ سان هو جنهن لاءِ مؤنث جو صيغو اچڻ کپي ها پر جيئن ته هتي اهل جو لفظ

(١) سورة هود آيت٧٣ (٢) سوره طه آيت ١٠

مذكر آهي ان جي كري امكثوا جمع مذكر جو صيغو آيو تيئن "ليذهب عنكم" ۽ "يطهركم" ۾ بہ مذكر مخاطب جو ضمير آندو ويو آهي. سني ڀائرن كي هي سوال ۽ جواب چڱيءَ طرح ذهن نشين كرڻ گهرجن.

سيده جا فضائل حديثن مباركن مان

الله تعاليٰ جي حبيب صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن پنهنجيءَ صحبت ۾ رهڻ واريءَ ۽ زندگي گڏ گذارڻ واري عائشه رضي الله تعاليٰ عنها كي چڱيءَ طرح ڏٺو هو ۽ ان سان كئين سال گڏ رهڻ مان كين پوري پوري خبر هئي تہ عائشه رضي الله تعاليٰ عنها كيتن ۽ كهڙي مرتبي واري، الله تعاليٰ جي پياري آهي. پاڻ صلي لله تعاليٰ عليه وسلم جن پنهنجي زبان فيض ترجمان سان سائڻ جون كيتريون ڀلائيون بيان كيون اتن جيكي حديث شريف جي كتابن ۾ لكيون پيون آهن هتي انهن حديثن پاكن مان كجهہ حديثون لكجن ٿيون اميد تہ پڙهندڙ حضرات پڙهي محظوظ ٿيندا ۽ سائڻ رضي الله تعاليٰ عنها ڏانهن عقيدو صاف ركندا.

حديث ١

عائشه رضي الله تعاليٰ عنها قرآن سان گڏ آهي

ترمذي شريف حضرت زيد بن ارقم رضي الله تعاليٰ عنه كان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله

تعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو: اِنِّيْ تَارِكٌ فِيْكُمْ مَّآ اِنْ تَمَسَّكْتُمْ بِهٖ لَنْ تَضِلُّوْا بَعْدِيْ اَحَدُهُمَا اَعْظَمُ مِنَ الْآخَرِ كِتَابُ اللهِ حَبْلٌ مَّمْدُوْدٌ مِّنَ السَّمَآءِ اِلَي الْاَرْضِ وَعِتْرَتِيْ اَهْلُ بَيْتِيْ وَلَنْ يَتَفَرَّقَا حَتّيٰ يَرِدَا عَلَيَّ الْحَوْضَ فَانْظُرُوْا كَيْفَ تَخْلُفُوْنِيْ فِيْهِمَا (١) يعني مان اوهان ۾ اهي (ٻه شيون) ڇڏيو ٿو وڃان جو جيڪڏهن انهن کي مضبوطيءَ سان وٺندؤ ته مون کان پوءِ اصل گمراه نه ٿيندؤ. انهن ٻنهي مان هڪڙو ٻئي کان تمام گهڻو وڏو آهي (۽ اهو) الله جو ڪتاب (قرآن ڪريم) آهي جيڪو آسمان کان زمين ڏانهن ڊگهو ڪيل رسو آهي ۽ (ٻيا) منهنجي عترت اهل بيت آهن ۽ اهي ٻئي (قرآن ۽ اهل بيت) هڪ ٻئي کان اصل جدا نه ٿيندا تانجو مون وٽ حوض (ڪوثر) تي گڏجي ايندا پوءِ ڏسو ته مون کان پوءِ انهن سان ڪيئن ٿا پيش اچو.

وضاحت

هن حديث شريف ۾ آيل لفظ "اهل بيت" مان مراد حضرت بيبي عائشه رضي الله عنها به آهي جيئن مشڪواة شريف جي صفحه ٥٦٩ تي حاشيه ١٠ تي لکيو اٿس ته عترتي جي وضاحت اهل بيتيءَ سان ان جي ڪري ڪئي وئي آهي تانت خبر پوي ته ان مان مراد حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جا ويجها مائٽ ۽ سندن ازواج مطهرات (گهر واريون) آهن.

---

(١) مشڪواة المصابيح ص ٥٦٩

قرآن ڪريم جيتوڻيڪ بيان جي سهوليت جي لحاظ سان هر عملي مثال کان بي نياز آهي پر ان هوندي بہ هميشه اهڙين شخصيتن جي ضرورت رهندي آهي جيڪي ان جي اسرار ۽ رموز کي حل ڪري سگهن الله تعالي جي حبيب عليه الصلواة والسلام جن جي رحلت کان پوءِ قرآن ڪريم جي علمي ۽ عملي تعبير ٻڌائڻ لاءِ سندن اهل بيت ۾ اهڙيون شخصيتون ڳولڻيون پونديون ۽ انهن اهم شخصيتن مان حضرت سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها بہ هڪ وڏي ۽ اهم شخصيت آهي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن وٽان تعليم، تربيت ۽ صحبت جيڪا کيس حاصل هئي ۽ ان فطري جوهر ۽ صلاحيت جي لحاظ سان جيڪا کيس قادر مطلق عطا ڪئي هئي ان ڳالهہ کان انڪار ڪري نٿو سگهجي تہ نبوي اهلبيت ۾ حضرت عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کي وڏو مقام ۽ مرتبو حاصل آهي ان جي ڪري قرآن ڪريم جو ترجمان، رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي سنت مبارڪ جو تعبير ڪندڙ ۽ اسلامي احڪام جو معلم، ان کان وڌيڪ ڪير ٿو ٿي سگهي؟ ٻيا ماڻهو صرف کليءَ طرح ٻاهروهڻ ۾ سندن ديدار ڪندا هئا مگر سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کلي وهڻ سان گڏ خلوت ۾ بہ سندن ديدار ڪرڻ جي دولت حاصل ڪندي هئي.

حديث ٢

سيده عورتن ۾ ثريد کاڌي وانگر شاندار آهي

حضرت انس بن مالڪ رضي الله تعالي عنه کان روايت آهي ته سيدنا رسول الله صلي الله تعالي عليه وسلم جن فرمايو "فَضْلُ عَائِشَةَ عَلَي النِّسَآءِ كَفَضْلِ الثَّرِيْدِ عَلَيٰ سَآئِرِ الطَّعَامِ" (١) يعني عائشه جي ٻلائي ٻين عورتن کان ائين وڌيڪ آهي جيئن ثريد (هڪ کاڌي جو نالو) ٻين کاڌن کان ڀلو آهي.

حديث ٣

سيده خديجه رضي الله تعاليٰ عنها جي اخلاق واري

عروه جي غلام حبيب کان روايت آهي ته جڏهن سيده خديجه رضي الله تعاليٰ عنها وفات ڪئي ته رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کي ان جي جدائيءَ جو سخت ڏک رهندو هو. پوءِ الله تعاليٰ جبريل (عليه السلام) کي موڪليو جنهن عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کي (جيڪا اجا پينگهي ۾ هئي) سندن خدمت ۾ آڻي عرض ڪيو ته يا رسول الله! هيءَ اوهان جا ڏک لاهيندي هن ۾ خديجه رضي الله تعاليٰ عنها وارا اخلاق آهن (ائين چئي موٽائي ڪٺي ويو) ان کان پوءِ رسول الله صلي الله

(١) صحيح بخاري مناقب عائشه ص ٥٢٢ ج ١

تعاليٰ عليه وسلم جن روزانو حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه جي گهر ايندا هئا ۽ حضرت ابوبڪر جي گهرواريءَ ام رومان کي فرمائيندا هئا ته "عائشه جو خيال رکجان ۽ منهنجي ڪري ان جي حفاظت ڪندي رهجان" (١)

ان جي ڪري سيده عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها جو سندس خاندان ۾ به وڏو مرتبو هوندو پر انهن کي سندس حق ۾ الله تعاليٰ جي هن امر جي خبر نه هئي هڪ ڀيري روزانه جي دستور مطابق حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن حضرت ابوبڪر جي گهر تشريف فرما ٿيا ته سيده عائشه دروازي جي پر ۾ روئي رهي هئي پاڻ ڪانئس روئڻ جو سبب پڇيائون ته ان پنهجي ماءُ جي مٿان دانهن ڏني ته ان مونکي روئاريو آهي. اهو ٻڌي سندن اکين مبارڪن ۾ پاڻي اچي ويو. پاڻ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي ماءُ ام رومان رضي الله تعاليٰ عنها وٽ ويا ۽ ان کي فرمايائون ته "مون توکي چيو نه هو ته عائشه جي حفاظت ڪجانءِ" ان عرض ڪيو ته يارسول الله! عائشه پنهنجي پيءُ ابوبڪر کي منهنجي شڪايت پهچائي مون تي ڪاوڙايو آهي. پاڻ فرمايائون ته "اها هاڻي ڪجهه به ڪري، ته به نه ايذائيوس" ام رومان رضي الله تعاليٰ عنها عرض ڪيو ته هاڻي مان عائشه کي اصل نه ايذائينديس. (٢)

(١) طبقات ابن سعد ص ٧٨ ج ٨

(٢) خصائص ڪبريٰ ص ٤٤٩ ج ١

حديث ۴

جبرئيل عليه السلام جا سلام پيش ڪرڻ

ابو سلمه سڳوري سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کان روايت ڪئي آهي ته سيدنا رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو "يَا عَائِشَةُ! هٰذَا جِبْرِيْلُ وَهُوَ يَقْرَءُ عَلَيْكِ السَّلَامَ قَالَتْ: قُلْتُ وَعَلَيْهِ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهُ تَرٰي مَالَا نَرٰي" (١) يعني اي عائشه! هيءُ جبريل آهي جيڪو توتي سلام پڙهي رهيو آهي (عائشه) عرض ڪيو ته ان تي به سلام ۽ الله جي رحمت ۽ ان جون برڪتون آهن اوهان اهو ڪجهه ڏسو ٿا جيڪو اسين ڪونه ٿا ڏسون.

وضاحت

جنهن مؤمنن جي ماءُ تي ملائڪن جو سردار، نبين سڳورن عليهم السلام جي خدمت ۾ وحي پهچائيندڙ الروح الامين سلام پڙهي نيازمنديءَ جو اظهار ڪري ۽ اها سلام جي خبر نبين جو سرتاج، صاحب معراج، الله تعاليٰ جو محبوب، نبي، عليه الصلواة والسلام بيان ڪري ته نه ڪنهن کان ان جي شان جو بيان ٿي سگهندو ۽ نه ڪنهن کي ان جي عظمت ۽ عزت جو مثال ملي سگهندو.

---

(١) ترمذي شريف ص ٢٢٦ جزءُ ٢

حديث ٥

سيده عائشه حضور عليه الصلواة والسلام جن جي دنيا ۾ تہ ڪنوار آهي پر آخرت ۾ بہ ڪنوار آهي

ابن ابي مليڪه سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کان روايت ڪئي آهي تہ "جبرئيل سندس صورت سائي ريشم ۾ ڪٽي نبي صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪيائون تہ "اِنَّ هٰذِهٖ زَوْجَتُکَ فِي الدُّنْيَا وَالآخِرَةِ" (١) يعني هيءَ اوهان جي دنيا ۽ آخرت ۾ گهرواري آهي.

وضاحت

هن حديث شريف مان ثابت ٿيو تہ سيده عائشه حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي نهايت ئي وفادار، حياتيءَ جي آخري لمحي تائين ديندار، تقويٰ واري ۽ تمام صالحہ هئي ۽ سندس خاتمو بہ ايمان ڪامل تي ٿيو تڏهن تہ ساڻن آخرت ۾ بہ گڏ هوندي. اهڙيءَ ڪامله صالحہ ۽ ديندار، الله تعاليٰ جي پياريءَ ٻانهيءَ جي گلا ۽ گستاخي ڪرڻ وارا وڏا بي ايمان، بي غيرت ۽ بيحياءَ آهن.

(١) ترمذي ص٢٢٦ جزء ٢

حديث ٦

حضور عيله الصلواة والسلام جن کي ٽي راتيون خواب ۾ ٻہ پيش ڪئي وئي

امام مسلم پنهنجي صحيح ۾ روايت آندي آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها کي مخاطب ٿيندي فرمايو تہ "تون مون کي ننڊ ۾ ٽي راتيون پيش ڪئي وئينءَ ملائڪ توکي ريشمي ڪپڙي ۾ ڪٽي ايندو هو ۽ مون کي چوندو هو تہ هيءَ اوهان جي گهرواري آهي پوءِ مون تنهنجي منهن تان ڪپڙو ڪوليو تہ تون ئي اها هئينءَ مون (دل ۾) چيو تہ جيڪڏهن هيءَ امر الله وٽان آهي تہ الله ان کي جاري ڪندو. (١)

حديث ٧

سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها وٽ رهڻ واريءَ رات ۾ هديا موڪلڻ

بخاري شريف ۽ مسلم شريف روايت ڪئي آهي تہ: اِنَّ النَّاسَ كَانُوْا يَتَحَرَّوْنَ بِهَدَايَاهُمْ يَوْمَ عَائِشَةَ يَبْتَغُوْنَ بِذَالِکَ مَرْضَاةَ رَسُوْلِ الله صَلَّي الله صلي الله عليه وسلم (٢) يعني ماڻهو (حضور عليه الصلواة والسلام جن جي

(١) صحيح مسلم ص ٢٥٨ ج ٢
(٢) مشكواة المصابيح ص ٥٧٣

خدمت ۾) پنهنجا هديا موڪلڻ جي لاءِ عائشه سائڻ وٽ (حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي) رهڻ واري ڏينهن کي جاچيندا هئا ۽ ان سان رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي رضا طلب ڪندا هئا.

وضاحت

هن حديث پاڪ کولي ٻڌايو آهي تہ اصحابي سڳورا اهو يقين رکندا هئا تہ عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي راضي ٿيڻ سان رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن راضي ٿين ٿا. ۽ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جنهن سان راضي ٿيا تہ الله تعاليٰ بہ انهن سان راضي آهي نتيجو اهو نڪتو تہ جنهن سان عائشه راضي ان سان الله تعاليٰ راضي آهي. هيءُ ڪيڏو نہ وڏو شرف آهي.

حديث ٨

سيدہ عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کان دين جو اڌ حاصل ڪيو

علامه ابن الاثير روايت آندي آهي تہ سيدنا رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو "خُذُوْا شَطْرَ دِيْنِكُمْ عَنْ حُمَيْرَآءَ (١) يعني پنهنجي دين جو اڌ حميراءِ (گوري، سيده عائشه جو لقب آهي) کان وٺو.

(١) النهاية ص ٤٣٠ ج ٢

وضاحت

هن روايت ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي طرفان سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کي لقب سان ياد ڪرڻ جو ذڪر آهي ۽ اهوبہ ارشاد آهي تہ دين جي علم ۽ ڄاڻ جو سراسر اڌ اوهان کي عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کان وٺڻو پوندو اهائي اهڙي علم جي ڄاڻ رکندڙ ۽ دين واري آهي. هن ارشاد ۾ پاڻ سيده عائشه لاءِ ديندار هجڻ ۽ دين جو علم رکڻ ٻڌائي ڇڏيائون ان جي ڪري سيده کان نفرت ڪندڙ بي علم هجڻ سان گڏ بي دين بہ ليکيو ويندو.

حديث ٩

حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کي وڌيڪ پياري

علامه ابن عبدالبر حضرت عمرو بن عاص رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ مون رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کي عرض ڪري پڇيو تہ "اَيُّ النَّاسِ اَحَبُّ اِلَيْکَ؟ " اوهان وٽ ماڻهن مان وڌيڪ پيارو ڪير آهي؟ فرمايائون تہ "عائشه" مون عرض ڪيو تہ مردن مان؟ فرمايائون تہ "ابوها " ان جو پيءُ (١)

(١) الاستيعاب بهامش الاصابه ص ٣٥٨ ج ٤

وضاحت

هن روايت ۾ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کي حضور عليه الصلواة والسلام جن جو سيني عورتن کان وڌيڪ پيارو قرار ڏنو ويو آهي. اهڙيءَ طرح مردن مان سندس والد حضرت ابوبکر صديق رضي الله تعاليٰ عنه کي وڌيڪ پيارو فرمايو اٿن. اها ساڳي ڳالهه ساڳين لفظن سان حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه به روايت ڪئي آهي. (١)

حديث ١٠

جنت ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن سان عائشه گڏ هوندي

ابومحمد کان روايت آهي ته مؤمنن جي ماءُ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت عاليه ۾ عرض ڪري پڇيو ته: مَنْ اَزْوَاجُکَ فِي الْجَنَّةِ؟ اوهان جون جنت ۾ زالون ڪير هونديون؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته "اَنْتِ مِنْهُنَّ" تون انهن مان آهين. (٢)

(١) ترمذي ص ٢٢٧ ج ٢

(٢) طبقات ابن سعد ص ٦٥ ج ٨

وضاحت

سبحان الله! ڇا شان آهي سيده عائشه سائڻ رضي الله تعاليٰ عنها جو. جيئن حضور عليه الصلواة والسلام جن عشره مبشره، سيده فاطمه زهراء، حسنين ڪريمين رضي الله تعاليٰ عنهم جي لاءِ بهشتي هجڻ جي بشارت ڏني اهڙيءَ طرح سيده عائشه سڳوريءَ رضي الله تعاليٰ عنها لاءِ بہ جنت ۾ سندن گھرواري هجڻ جي بشارت عنايت فرمايائون. پوءِ جيڪو ماڻهو ٻين جي جنتي هجڻ جو يقين ڪري ۽ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کي جنتي نہ مڃي اهو نبي مڪرم، محبوب معظم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي شاهديءَ ۽ زبان مبارڪ کي معاذ الله ڪوڙو ڪري رهيو آهي ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جڏهن تہ ڪوڙ هڻڻ کان هر طرح پاڪ آهن تہ نتيجو اهو ٿو نڪري تہ اهو نہ مڃڻ وارو پاڻ ڪوڙو آهي ۽ ڪوڙي تي قرآن ڪريم ۾ الله تعاليٰ لعنت ڪئي آهي ان جي ڪري سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي جنتي هجڻ کي نہ مڃيندڙ ملعون آهن.

حديث ١١

حضور عليه الصلواة والسلام جن کي جنت ۾ عائشه جي صورت ڏيکارڻ

مصعب بن اسحاق بن طلحة کان روايت آهي تہ

رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو "لَقَدْ أُرِيْتُهَا فِي الْجَنَّةِ لِيُهَوِّن بِذَالِکَ عَلَيَّ مَوْتِيْ کَاَنِّيْ اَرَي كَفَّيْهَا" يعني عائشة (١) يعني مون کي اها (عائشه) جنت ۾ بہ ڏيکاري وئي تانت ان سان مون لاءِ دنيا تان رحلت ڪرڻ آسان ڪئي وڃي جڏهن تہ مان ان جي هٿن جون ترريون پيو ڏسان. هن حديث شريف جهڙي ئيءَ روايت جوشرح ڪندي الفتح الربانيءَ واري لکيو آهي تہ وهذا دليل عليٰ شدة محبته عليه السلام لعائشة رضي الله تعاليٰ عنها (٢) يعني هيءَ ڳالهہ عائشه سان حضور عليه الصلواه والسلام جن جي گهڻي محبت جو دليل آهي.

وضاحت

اللهتعاليٰ جي پياري حبيب عليه الصلواة والسلام جن جي سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها سان ايتري محبت ۽ شفقت هئي جو الله تعاليٰ کين دنيا تان رحلت ڪرڻ وقت بہ عائشه سڳوري جنت ۾ ڏيکاري ٻڌايو تہ اها اوهان جي گهرواري اوهان سان جنت ۾ بہ گڏ هوندي. مقصد تہ هيءَ سائڻ الله تعاليٰ جي بارگاهہ جي برگزيده، شاندار ٻانهي، جنتي راڻي آهي جيڪا محبوب عليه الصلواة والسلام جن جي محبوبه ڪنوار آهي.

(١) طبقات ابن سعد ص ٦٥ ج ٨
(٢) الفتح الرباني ص ١٥ ج ٢١

حديث ١٢

سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي خلاف چوڻ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي ايذائڻ جي برابر آهي

حضرت ام سلمه رضي الله تعاليٰ عنها ٻه ٽي ڀيرا حضور عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ پنهنجي طرفان ۽ ٻين امهات المؤمنين جي طرفان عرض ڪيو ته "ماڻهو پنهنجا هديا ان ڏينهن ۾ ٿا موڪلين جنهن ڏينهن اوهان عائشه وٽ آهيو. انهن کي حڪم ڪيو ته اهي هديا ٻين ڏينهن ۾ موڪلين." پاڻ ڪيس مخاطب ٿي فرمايائون ته "يَا اُمّ سَلَمَةَ! لَاتُؤْذِيْنِيْ فِيْ عَائِشَةَ فَاِنَّهٗ مَا اُنْزِلَ عَلَيَّ الْوَحْيُ وَاَنَا فِيْ لِحَافِ اِمْرَءَةٍ مِّنْكُنَّ غَيْرِهَا" (١) يعني اي ام سلمه! مون کي عائشه جي باري ۾ نه ايذاءِ. ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته مون تي ان کان سواءِ اوهان مان ڪنهن به گهرواريءَ جي بستري ۾ هوندي وحي نه لٿو آهي.

وضاحت

هن حديث شريف مان ثابت ٿيو ته سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها تقويٰ ۽ پاڪدامنيءَ ۾ اعليٰ مقام تي

(١) ترمذي شريف ص ٢٢٦ جزءِ ٢

آهي. حضور عليه الصلواة والسلام جن جون سيئي گهرواريون پاڪ، صاف هيون مگر عائشه صديقه پنهنجي مٽس، الله تعاليٰ جي پياري نبي عليه الصلواة ولسلام جن وٽان اجان ڪجھ وڌيڪ حاصل ڪيو هو.

حديث ١٣

سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي مخالفن ۾ ان تي تهمت هڻندڙن جي لاءِ قيامت ۾ سزا

طبرانيءَ حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو: قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ ڪليل نموني انهن ماڻهن کي اسي، اسي دُرا هڻائيندو جن عائشه کي گهٽ وڌ ڳالهايو هوندو (۽ جڏهن ته انهن ۾ ڪي مهاجر اصحابي سڳورا به غلط فهميءَ جي ڪري شامل ٿي ويا هئا) پوءِ الله تعاليٰ مون کي انهن کي بخش ڪرڻ لاءِ چوندو "فَاَسْتَامِرُکِ يَا عَائِشَةُ!" پوءِ اي عائشه! مان توکان صلاح پڇندس. عائشه سائڻ اها ڳالھ ٻڌي روئي ڏنو. ۽ عرض ڪيائين ته "وَالَّذِيْ بَعَثَکَ بِالْحَقِّ نَبِيًّا لَسُرُوْرُکَ اَحَبُّ اِلَيَّ مِنْ سُرُوْرِيْ" يعني ان ذات جو قسم آهي جنهن اوهان کي حق وارو نبي ڪري موڪليو آهي ته اوهان جي خوشي مون کي پنهنجيءَ خوشيءَ کان وڌيڪ پياري آهي پوءِ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن مرڪندي کلي ڏنو. ۽ فرمايائون ته بيشڪ اها پنهنجي

ٻيءَ جي (سچي) نياڻي آهي. (١)

وضاحت

هن حديث مبارڪ مان هي فائدا حاصل ٿيا:

فائدو١

ام المؤمنين سيده عائشه صديقہ رضي الله تعالىٰ عنها جي دشمن، ان تي ڪوڙ هڻندڙن، ان کي برو چوندڙن کي قيامت جي ڏينهن ڪلي ميدان سزا ڏئي خوار ڪيو ويندو ۽ محشر جي ميدان وارن کي جتي اڳيان پويان سڀ گڏ ٿيندا ڏيکاريو ويندو تہ هي اهي بيعزت، بي حيا ۽ بيغيرت آهن جن کي پنهنجي نبيءَ عليه الصلواة والسلام جي ننگ جوبہ شرم نہ هو.

فائدو ٢

حضور عليه الصلواة والسلام جا اصحابي سڀورا رضي الله تعالىٰ عنهم الله تعالىٰ کي ايترا پيارا آهن جو جيڪي اصحابي حضرت عائشه صديقه رضي الله تعالىٰ عنها تي لڳايل غلط الزام ۾ غلط فهميءَ جي ڪري مبتلا ٿيا هئا انهن لاءِ الله تعالىٰ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي فرمائيندو تہ انهن کي عائشه رضي الله تعالىٰ عنها کان معافي وٺي ڏيو.

(١) الدرالمنثور ١٢٩ ج ٦

فائدو ٣

سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها الله تعاليٰ ۽ ان جي پياري حبيب عليه الصلواة والسلام جن کي ايتري پياري آهي جو جيستائين اها کنهن سان راضي نہ ٿي ٿئي تہ نہ ان سان الله تعاليٰ ٿو راضي ٿئي نہ الله جل شانه جو محبوب عليه الصلواة والسلام.

فائدو ٤

سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کي خوشي ان ۾ هئي تہ سندس دشمن کي سزا ملي پر پاڻ اها پنهنجي خوشي محبوب عليه الصلواة والسلام جي خوشي تان قربان کندي عرض ٿي کري تہ اوهان جي خوشي مون کي پنهنجي خوشيءَ کان وڌيک پياري آهي. محبوب عليه الصلواة والسلام جي رضا عائشه سائڻ جي رضا آهي.

فائدو ٥

سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جو اهو قول محبوب عليه الصلواة والسلام کي گهڻو پسند هو جو پاڻ خوش ٿي کليا ۽ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي پاڪدامن هجڻ سان گڏ سندس پاڪ نسب هجڻ جي بہ شاهدي ڏنائون تہ اها پنهنجي پيءُ جي حلالڻ نياڻي آهي. جيئن سندس پيءُ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه سندن محبت ۽ رضا طلبيءَ ۾ فنا هو هيءَ بہ ائين فنا آهي.

حديث ١٤

سيده عائشه کي بشارت

علامه زرقانيءَ عليه الرحمة روايت آندي آهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن دنيا مان ظاهري رحلت ڪرڻ وقت سيده سائڻ کي خطاب ڪندي فرمايو تہ "اَمَاتَرْضِيْنَ اَنْ تَكُوْنِيْ زَوْجَتِيْ فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ" (١) يعني ڇا تون راضي نہ آهين تہ منهنجي دنيا ۽ آخرت ۾ گهرواري هجين. ؟

وضاحت

حضور عليه الصلواة والسلام جن سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کي پنهنجي دنياوي ظاهري رحلت تي پريشان ڏسي ڪيس تسلي ڏيندي مٿيان الفاظ ارشاد فرمايا هئا تہ تون بيقرار نہ ٿي دنيا ۽ آخرت ۾ تون منهنجي ڪنوار آهين.

حديث ١٥

ابن عساڪر روايت آندي آهي تہ سيدنا رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو: مَا اُبَالِيْ بِالْمَوْتِ مُذْعَلِمْتُ اَنَّکِ زَوْجَتِيْ فِي الْجَنَّةِ" (٢) يعني جڏهن

(١) زرقاني شرح المواهب اللدنية ص ٢٣٣ ج ٣
(٢) زرقاني ص ٢٣٤ ج ٣

ڪانِ مون کي خبر پئي آهي تہ تون منهنجي جنت ۾ بہ گهرواري هونديءَ تہ مونکي دنيا تان رحلت ڪرڻ جي ڪابہ پرواه نہ آهي.

وضاحت

حضور عليه الصلواة والسلام جن کي جنت ۾ نوري حورون بہ ملنديون ۽ سندن ٻيون ازواج مطهرات بہ هونديون پر سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها سان سندن ايترو پيار هو جو ڪنهن سان نہ هو. مٿينءَ روايت ۾ اهوئي ٻڌايو ويو آهي تہ حضرت عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جو جنتي هجڻ يقيني آهي جيئن هڪ حديث پاڪ ۾ آيو آهي تہ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو "عَائِشَةُ زَوْجَتِيْ فِي الْجَنَّةِ" (١) يعني عائشه منهنجي جنت ۾ بہ گهرواري آهي.

حديث ١٦

سيده عائشه سان محبت جو مثال

ربيعة بن عثمان رضي الله تعاليٰ عنه ڪان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن حضرت عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کي فرمايو "لَاَنْتِ اَحَبُّ اِلَيَّ مِنْ زَبَدٍ بِتَمَرٍ" (٢) يعني تون مونکي ڪارڪن سان گڏ مکڻ کائڻ کان بہ وڌيڪ پياري آهين.

(١) الاصابة ص ٣٦٠ ج ۴
(٢) طبقات ابن سعد ص٧٩ جلد ٨

وضاحت

عربن ۾ ڪارڪون ڪائڻ نهايت ئي پسنديده شيءِ آهي خاص ڪري جڏهن ان کي مکڻ سان ملائي ڪائيندا آهن تہ وڏيڪ لذت واري غذا هوندي آهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن سيده سان پنهنجي محبت کي ان مثال سان پيش ڪندي فرمايو تہ ”تون مونکي اجان وڏيڪ پياري آهين.“ پوءِ جيڪا سائڻ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي وڏيڪ پياري آهي اها الله جل شانه جي بارگاه ۾ بہ زياده مقرب ۽ پياري آهي. الله تعاليٰ ان پياريءَ امان جو ادب، احترام ۽ تعظيم نصيب ڪري.

حديث ١٧

سيده خاتون جنت کي حڪم تہ عائشه صديقه سان محبت رک

امام احمد بن حنبل روايت آندي آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن حضرت فاطمه زهريٰ رضي الله تعاليٰ عنها کي خطاب ڪندي فرمايو تہ ”اي بُنَيَّةُ! اَلَسْتِ تُحِبِّيْنَ مَا اُحِبُّ؟ فَقَالَتْ بَلٰي فَقَالَ اَحِبِّيْ هٰذِهِ لِعَائِشَةَ“ (١) يعني اي ڌيئڙي! ڇا تون ان سان محبت نہ ٿي رکين؟ جنهن سان مان محبت رکان. عرض ڪيائين تہ هائو پوءِ پاڻ

(١) الفتح الرباني ص ٢٤١ ج ٩

عائشه ڏي اشارو ڪندي فرمايائون تہ هن سان محبت رک.

وضاحت

مسلمانو! متوجهہ ٿيو ۽ هرهڪ حديث مبارڪ پڙهي ڏسو تہ ڇا؟ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جو مقام ارفع ۽ اعليٰ نہ آهي. جو پاڻ ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن سيده فاطمه، جنتي عورتن جي سردار رضي الله تعاليٰ عنها کي بہ فرمائن ٿا تہ هن سان محبت رک.

حديث ١٨

جبريل سڳوري کي دحية ڪلبيءَ جي صورت ۾ ڏسڻ

امام احمد بن حنبل عليه الرحمة سيده عائشه کان روايت آندي آهي تہ مون ڏٺو تہ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن هڪ گهوڙي جي ڪنڌ تي هٿ مبارڪ رکي هڪ مڙس سان ڳالهائي رهيا هئا. پوءِ اهو سندن خدمت ۾ عرض ڪيم تہ پاڻ فرمايائون تہ: "تو ڏٺو هو؟" عرض ڪيم تہ هائو. فرمايائون تہ "اهو جبريل هو ۽ اهو توکي سلام عرض ڪري رهيو هو." سائڻ عرض ڪيو تہ ان تي بہ سلام، الله جي رحمت ۽ ان جون برڪتون آهن الله تعاليٰ ڪيس سٺو بدلو عطا ڪري سٺي

ساتيءَ ۽ سني مهمان جي حيثيت سان. اهو سنو ساتي ۽ سنو مهمان آهي. (١)

وضاحت

هن روايت مان ثابت ٿيو ته سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کي الله تعاليٰ جبريل سڳوري جي زيارت به ڪرائي ۽ ان جو نوراني گهوڙو به ڏنو هيائين.

مسلمان ڀائرو! غور ٿو ڪجي ته سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها ڪيترين خوبين جي مالڪياڻي آهي.

١- ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي اهليه هجڻ جي ڪري حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ٻين ازواجِ مطهرات کان سواءِ اهڙي ڪا به ٻي عورت نه آهي جيئن قرآن پاڪ ۾ آهي "لَسْتُنَّ كَاَحَدٍ مِّنَ النِّسآءِ." يعني اوهان ٻين عورتن جهڙيون ناهيو.

٢- ته شيطان جي اثر کان پاڪ آهي. جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي ته " ان عبادي ليس لک عليهم سلطان." بيشک منهنجي ٻانهن تي تنهنجو غلبو نه آهي.

٣- ته سيني مؤمنن جي مثلا حضرت علي، حضرت فاطمه زهريٰ حسنين ڪريمين وغيرهم جي به امان آهي جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي. "وازواجه امهاتهم" يعني ۽ نبي جون گهرواريون مؤمنن جون مائرون آهن.

---

(١) الفتح الرباني ص ١٢٥ جزء ٢٢

٤- تہ وڏي علم واري، وڏي فقيهہ هئي ۽ فقہ وارن جي شان ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو آهي. "مَنْ يُرِدِ اللهُ بِهٖ خَيْرًا يُفَقِّهْهُ فِي الدِّيْنِ" (١) الله تعاليٰ جنهن سان ڀلائيءَ جو ارادو ڪندو آهي ان کي دين جي سمجهہ عطا ڪندو آهي. اصحاب سڳورا رضي الله تعاليٰ عنهم جن مسئلن ۾ علمي ۽ تحقيقي اختلاف ڪندا هئا سائڻ رضي الله تعاليٰ عنها انهن جو اهڙو علمي فيصلو ڪندي هئي جو سڀ ان کي تسليم ڪندا هئا.

٥-سندس خدمت ۾ جبريل امين سلام عرض ڪرڻ ايندو هو.

٦- تہ سندس بستري ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن تشريف فرما هوندا هئا تہ بہ وحي جو نزول ٿيندو هو ٻيءَ ڪنهن بہ زوجه مطهره جي بستري ۾ هوندي مٿن وحي نازل نہ ٿيندو هو. جيئن هڪ عقيدتمند محبت جو اظهار فرمايو آهي

ان کے بستر مين وحي آئے رسول الله پر
اور سلامِ خادمانہ بهي کرين روح الامين

٧- سندس لقب رب العالمين جي محبوب عليه الصلواة والسلام جي محبوبه آهي.

٨- الله جل شانه جي پياري رسول مقبول صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن رحلت ڪرڻ وقت بہ

(١) مشكواة المصابيح ص٣٢

سندس جهولي ۾ رهڻ کي پسند فرمايو.

٩-سندس حجرو مبارڪ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جو آخري آرام گاه بڻيو جيئن محبت واري شاعر جو شعر آهي:

جن کا پهلو هو نبي کي آخري آرامگاه

جن کے حجره مين قيامت تک نبي هو جاگزين

١٠- ته جڏهن ماڻهن مٿس تهمت لڳائي ته سندس پاڪدامنيءَ بيان ڪرڻ جي لاءِ قرآن ڪريم جون آيتون سورة نور سڄوريءَ ۾ نازل ٿيون.

١١- ته پاڻ به ڪمال واري ته سندس والد به ڪمال وارو سندس ور محبوب عليه الصلواة والسلام جن به تمام وڏي شان وارا بلڪ دنيا جي هرصاحب ڪمال کي نوازڻ وارا. پاڻ ام المؤمنين، پيءُ اميرالمؤمنين مڙس خاتم النبيين صلي الله تعاليٰ عليه وسلم.

حديث ١٩

حضورصلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کي سائڻ کنهن سان راضي ڪندي هئي ته راضي ٿيندا هئا

سمية سڄوريءَ کان روايت آهي ته سيدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي اهليه ام المؤمنين صفيه بنت حيي رضي الله تعاليٰ عنها کان ناخوش ٿي پيا ان سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کي عرض ڪيو ته

مون کي رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن راضي
ڪري ڏيو ته حضور عليه الصلواة والسلام جن جو جيڪو
مون وٽ رهڻ جو وارو آهي اهو تنهنجي حوالي آهي سائڻ
فرمايو ته ٺيڪ آهي پوءِ زعفران سان رڱيل رئو ڏکي، ان
تي پاڻيءَ جاڇنڊا هڻي ته ان جي سرهاڻ ظاهر ٿئي حضور
ڪرم، نور مجسم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي
پاسي ۾ اچي ويٺي پاڻ فرمايائونس ته ."مون کان پري ٿي
ويهه اڄ تنهنجو وارو نه آهي." عرض ڪيائين ته اهو الله
جو فضل آهي جنهن کي عطا ڪري. ۽ سڄو احوال عرض
ڪيائين. پوءِ پاڻ سيده جي ڪري حضرت صفيه رضي الله
تعاليٰ عنها تي راضي ٿيا. (١)

حديث ٢٠

سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جو علم

محدث زهريءَ کان روايت آهي ته نبي ڪريم صلي
الله تعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو ته "جيڪڏهن هن امت
جي عورتن جو علم گڏ ڪيو وڃي پلي ان ۾ منهنجون
پيون گهرواريون به هجن ته انهن سڀني کان عائشه جو
علم گهڻو آهي." رواه الطبراني مرسلا ورجاله ثقات(٢)

(١) الفتح الرباني ١١٢ ج ٢٢

(٢) مجمع الزوائد ص ٢٤٣ ج ٩

حديث ٢١

سيده عائشه رضيـ الله تعاليٰ عنها لاءِ حضور عليه الصلواة والسلام جن جيـ خصوصيـ دعا

سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کان روايت آهي تہ جڏهن نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کي گهڻو خوش ڏسندي هيس تہ عرض ڪندي هيس. اُدْعُ اللهَ لِيْ- يعني مون لاءِ الله تعاليٰ کان دعا گهرو. پاڻ دعا ڪندي فرمائيندا هئا "اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِعَائِشَةَ" (١) يا الله! عائشه کي مغفرت عطا فرماءِ.

سيده عائشه رضيـ الله تعاليٰ عنها جيـ لاءِ اصحابن سڳورن جا ارشادات

سيدنا عمر بن خطاب رضيـ الله تعاليٰ عنه جو فرمان:

مصعب بن سعد کان روايت آهي تہ حضرت عمر سائين رضي الله تعاليٰ عنه حضور عليه الصلواة والسلام جن جي گهروارين مومنن جي مائرن جي خرچ لاءِ ڏهہ ڏهہ هزار درهم مقرر ڪري ۽ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي لاءِ ٻارهن هزار درهم مقرر ڪيا هئا ۽ فرمايائين تہ "اها الله تعاليٰ جي محبوب عليه الصلواة

(١) زرقاني ص ٢٣٥ ج ٣

والسلام جي پياري ڪنوار آهي.“ (١)

حضرت ابوموسيٰ اشعري رضي الله تعاليٰ عنه جو فرمان:

مٿي ذڪر ڪيل سائينءَ فرمايو آهي تہ اسان رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي اصحابن رضي الله تعاليٰ عنهم تي ڪابہ ڳالھہ منجهي پوندي آهي ۽ اسين عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کان ان جي باري ۾ پڇندا آهيون تہ ان جو حل ضرور ملندو آهي. (٢)

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله تعاليٰ عنه جو فرمان مبارڪ:

حضرت ذڪوان کان هڪ ڊگهي روايت ۾ آهي تہ حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي خدمت عاليه ۾ طبع پرسيءَ لاءِ حاضر ٿي عرض ڪيو تہ مومنن جي ماءُ! توکي بشارت آهي. پڇيائين تہ ڇاجي؟ فرمايائين تہ ”تنهنجي ۽ حضور عليه الصلواة والسلام ۽ ان جي پيارن سان ملاقات ۾ صرف تنهنجي روح مبارڪ جي تنهنجي جسم مان نڪرڻ جي دير آهي. تون رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي گهروارين مان ڪين سيني کان وڌيڪ پياري آهين

(١) طبقات ابن سعد ص٦٧ ج ٨
(٢) ترمذي مناقب عائشه ص٢٢٧ ج٢

۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جڏهن ته پاڪ شيءِ کي پيار ڪندا هئا ان جي ڪري تون به پاڪدامن آهين ۽ تنهنجو هار ابواء واريءَ رات ڪري پيو ته رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن ان لاءِ اها رات اتي رهي پيا صبح جو سندن ساٿين کي وضوءَ لاءِ پاڻي نه مليو ته اللہتعاليٰ تيمم جي آيت نازل ڪئي اها به تنهنجي برڪت هئي جو هن امت کي اها رحمت حاصل ٿي. تنهنجي پاڪدامني الله تعاليٰ ستن آسمانن کان مٿان نازل ڪرڻ فرمائي ۽ اهي آيتون روح الامين ڪتي آيو ۽ الله تعاليٰ جي مسجدن مان اهڙي ڪا به مسجد نه آهي جنهن ۾ الله جو ذڪر ڪيو ويندو هجي مگر اهي آيتون به ان ۾ رات، ڏينهن تلاوت ڪيون ويندي ون آهن (١)

حضرت عمار بن ياسر رضي الله تعاليٰ عنه جو بيان:

عبدالله بن زياد اسديءَ کان روايت آهي ته مون عمار بن ياسر رضي الله تعاليٰ عنه کان ٻڌو جو فرمائي رهيو هو ته عائشه رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪنوار آهي (٢) اهڙيءَ طرح حميد بن عُريب کان روايت آهي ته هڪ ماڻهو جمل جي لڙائيءَ وقت سيده عائشه جي خلاف بڪواس ڪئي ۽ ماڻهو گڏ ٿي ٻڌڻ لڳا حضرت عمار بن ياسر رضي الله تعاليٰ عنه ان کي روڪيندي فرمايو ته " اُسْكُتْ مَقْبُوحًا

(١) طبقات ابن سعد ص ٧٥ ج ٨

(٢) ترمذي باب مناقب عائشه ص ٢٢٧ ج ٢

مَنْبُوحًا اَتَقَعُ فِيْ حَبِيْبَةِ رَسُوْلِ الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم ؟ اِنَّهَا لَزَوْجَتُهٗ فِيْ الْجَنَّةِ" (١) يعني ماٺ ڪر. قبيح، بڇڙا! ڇا تون رسول الله صلي اللہتعاليٰ عليه وسلم جي پياريءَ ۽ جنت ۾ سندن ڪنوار جي خلاف ٿو ڳالهائين.

ام المؤمنين سيده ام سلمه رضي الله تعاليٰ عنها جو فرمان:

جڏهن سيده عائشه سائڻ رضي الله تعاليٰ عنها وفات ڪئي تہ سيده ام سلمه رضي الله تعاليٰ عنها فرمايو "اڄ دنيا مان رسول الله صلي اللہتعاليٰ عليه وسلم جن کي سيني کان وڌيڪ پياريءَ شخصيت وفات ڪئي آهي" ان کان پوءِ فرمايائين "اَسْتَغْفِرُاللهَ مِمَّا خَلَا اَبَاهَا" يعني الله تعاليٰ کان بخشش ٿي گهران جو مون ائين چيو (پياري آهي) پر سندس پيءُ کان سواءِ يعني ڪين حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه سڀن کان وڌيڪ پيارو هو ان کان پوءِ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها وڌيڪ پياري هئي.

تابعين ڪرام جا فرمودات

اصحاب ڪرام رضي الله تعاليٰ عنهم جي ڏسندڙن، صحبت ڪرڻ وارن مسلمانن کي تابع سڏيو ويندو آهي انهن مان معروف ۽ مشهور ٻئن ڀلارن جا سيده عائشه لاءِ ارشاد پڙهو.

(١) طبقات ابن سعد ص٦٥ ج ٨

مسروق سڳوري جو فرمان

علم ورثي ۾ ڪمال

حضرت مسروق کان ڪنهن ماڻهوءَ پڇيو ته: هَلْ كَانَتْ عَائِشَةُ تُحْسِنُ الْفَرَآئِضَ؟ ڇا عائشه علمِ ورثي کي سهڻي نموني ڄاڻندي هئي؟ جواب ڏنائين ته "وَالَّذِيْ نَفْسِيْ بِيَدِهٖ لَقَدْرَئِيتُ مَشِيْخَةَ اَصْحَابِ محمد صلي الله عليه وسلم يَسْئَلُوْنَهَا عَنِ الْفَرَآئِضِ (١) يعني الله جو قسم آهي ته مون رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي وڏن وڏن اصحابن کي ڏٺو جو سائڻ کان علم ورثي جي باري ۾ پڇندا هئا.

عروة سڳوري جو فرمان:

هن الله تعاليٰ جي ٻانهي فرمايو آهي ته "مون طب، فقه ۽ شعر ۾ عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کان وڌيڪ علم واري ڪابه عورت نه ڏٺي. رواهما الطبراني (٢)

سيده عائشه شعر به ناهيندي هئي

حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي هن پياري گهرواريءَ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي شان ۾ هي به شعر چيا هئا:

فَلَوْسَمِعُوْا فِيْ مصرَ اَوْصَافَ خَدِّهٖ
لَمَا بَذَلُوْا فِي سَومِ يُوسُفَ مِّنْ نَقَدٖ

(١) مجمع الزوائد ص٢٤٣ جزء ٩ (٢) ساڳيو حوالو

يعني جيڪڏهن مصر وارا (مراد سيده زليخا آهي) مصر ۾ حضورصلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي ڳل (مراد منهن مبارڪ آهي) جون وصفون ٻڌن ها ته (حضرت) يوسف عليه السلام جي خريد ڪرڻ لاءِ پئسا خرچ نه ڪن ها. بلڪ حضور عليه الصلواة والسلام جي محبت ۾ ئي فنا رهن ها.

"لَـوامِـيْ زُلَيْـخَا لَوْ رَئَيْـنَ جَبِيْنَـهٗ
لَآثَرْنِ بِالْقَطْعِ الْقُلُوْبَ عَلَي الْاَيْدِيْ" (١)

يعني زليخا کي ملامت ڪندڙ عورتون جيڪڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن جي پيشاني مبارڪ ڏسن ها ته هٿن وڍڻ جي بجاءِ دليون قربان ڪن ها. سبحان الله ڇا محبوب عليه الصلواة والسلام سان محبت جو اظهار ۽ ڇا سندن حسن ۽ جمال بيان ڪرڻ جو انداز آهي.

موسيٰ بن طلحه سڳوري جو فرمان:

ڪلام جي فصاحت

هن الله تعاليٰ جي ٻانهي فرمايو آهي ته "مون ڳالهائڻ ۾ عائشه کان وڌيڪ فصاحت وارو ڪنهن کي نه ڏٺو. (٢) امام احمد ڪتاب الزهد ۾ ۽ محدث حاڪم احنف کان روايت آندي آهي ان فرمايو ته "مون حضرت ابوبڪر، حضرت عثمان، حضرت علي ۽ ڪيترن خطيبن جا ارشاد ٻڌا پر عائشه کان وڌيڪ سهڻو خطيب مون ڪي

(١) زرقاني ص ٢٣٤ ج ٣ (٢) حوالو ساڳيو ص ٢٣٥

ٻڌڻ ۾ نہ آيو. (١)

امام زهريءَ جو فرمان:

حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي ڪيترن اصحابن سڳورن رضي الله تعاليٰ عنهم جي صحبت ۾ رهڻ واري حضرت زهريءَ فرمايو آهي تہ كَانَتْ عَائِشَةُ اَعْلَمَ النَّاسِ يَسْئَلُهَا الاَكَابِرُ مِنْ اَصْحَابِ رَسُولِ الله صلي الله عليہ وسلم (٢) يعني عائشہ ماٿهن ۾ وڏي علم واري هئي جو رسول الله تعاليٰ عليہ وسلم جن جا وڏا وڏا اصحاب سڳورا بہ کانئس (ديني مسئلا) پڇندا هئا.

ابوسلمه سڳوري جو فرمان:

سيدنا رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وسلم جن جي پياري صحابيءَ حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رضي الله تعاليٰ عنہ جي جليل القدر فرزند ۽ تابعيءَ حضرت ابوسلمه فرمايو آهي تہ "مَارَاَيْتُ اَحَدًا اَعْلَمَ بِسُنَنِ رَسُوْلِ اللهِ صلي الله عليہ وسلم وَلَا اَفْقَهَ فِيْ رَاي اِنِ احْتِيْجَ اِلَيْ رَأْيِهِ وَلَا اَعْلَمَ بِآيَةٍ فِيْمَا نَزَلَتْ وَلَا فَرِيْضَةٍ مِنْ عَائِشَةَ (٣) يعني حضورصلي الله تعليٰ عليہ وسلم جن جي سنتن جي ڄاڻ، ۽ راءِ وٺڻ جي ضرورت پوي تہ راءِ جي سمجهہ ۽ قرآن پاڪ جي آيتن جي باري ۾ تہ ڪهڙي باري ۾ لٿيون ۽ ورثي جي علم ۾ مون ڪنهن کي بہ عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها کان وڌيڪ ڪونہ ڏٺو.

---

(١) الدرالمنثور ص ١٦٩ ج ٦ (٢) مستدرڪ حاڪم قسم ٢

(٣) طبقات ابن سعد ص ٢٦ ج ٢

علم، اجتهادي صلاحيتون ۽ نبوي حديثن علىٰ قائلها الصلواة والسلام جي روايت:

ام المؤمنين سيده عائشه رضي الله تعالىٰ عنها علم ۽ اجتهادجي ميدان ۾، قرآن ڪريم، حديث شريف، فقه ۽ احڪام جي ڄاڻ ۾ ايتري بلند مقام ۽ منصب تي پهتل هئي جو وڏن، وڏن اصحابن سڳورن ۾ سندس نالو مبارڪ شمار ڪيو ٿو وڃي. قرآن پاڪ جي نازل ٿيڻ جي سموري مدت تقريبا ٽيويهه (٢٣) سال ڪن آهي ۽ سائڻ جي حضور صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جن سان گڏ گذارڻ واري زندگي تقريبا ڏهه (١٠) سال آهي ۽ ظاهر آهي تہ ان صحبت ڪان اڳ ۾ بہ ڪافي قرآن ڪريم نازل ٿي چڪو هو مگر سيده عائشه رضي الله تعالىٰ عنها کي جيڪا بيدار دل ۽ روشن دماغ الله تعالىٰ عطا فرمايو هو ان جي ڪري ڪيس راند روند جي دور جون ڳالهيون بہ پڪيءَ طرح ياد هونديون هيون ۽ ان وقت نازل ٿيل قرآن ڪريم جون آيتون بہ. سائڻ رضي الله تعالىٰ عنها فرمايو تہ جڏهن هيءَ آيت "بَلِ السَّاعَةُ مَوْعِدُهُمْ وَالسَّاعَةُ أَدْهىٰ وَأَمَرُّ" (١) (يعني قيامت انهن جي وعدي جو ڏينهن ۽ قيامت نهايت سخت ۽ نهايت ڪوڙيآهي) نازل ٿي هئي تہ مون راند ويٺي ڪئي. (٢)

---

(١) سورة القمر آيت ٤٦

(٢) بخاري باب تفسير سورة القمر ص ٧٢٣ ج ٢

سيد المرسلين صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن بلاناغہ روزانو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي گھر تشريف فرما ٿيندا هئا حضرت ابوبڪر سهڻي پنهنجي گھر ۾ هڪ ننڍڙي مسجد شريف ناهي ڇڏي هئي جنهن ۾ ويهي دل جي رقت، نياز ۽ نوڙت سان قرآن ڪريم جي تلاوت ڪندو هو انهن سونهري موقعن مان حضرت بيبي عائشه رضي الله تعاليٰ عنها پنهنجي پڪيءَ يادگيريءَ ۽ بلند حافظي سان گھڻو ڪجھہ پرايو هو. سندس معمول هوندو هو تہ قرآن مقدس جي جنهن آيت سڳوريءَ جي مفهوم ڪلهن سندس تيز ذهن مبارڪ ۾ نہ ايندي هئي تہ فورا محبوب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ عرض ڪري پڇي وٺندي هئي. حضور پرنور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن تهجد ۾ قرآن ڪريم جون وڏيون وڏيون سورتون ناهي، ناهي نهايت غور، فڪر،خشوع ۽ خضوع سان تلاوت فرمائيندا هئا ۽ حضرت ام المؤمنين عائشه رضي الله تعاليٰ عنها سندن اقتدا ۾ تهجد پڙهندي ۽ قرآن ڪريم ٻڌندي، سمجھندي ۽ ذهن نشين ڪندي هئي. (١) ڪيتريون سورتون سڳوريون تہ اهڙيون بہ آهن جن جي نازل ٿيڻ کان پوءِ محبوب عليه الصلواة والسلام جن جي پاڪ زبان فيض ترجمان مان انهن جي تلاوت جو آواز پهريان پهريان سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي پاڪ ڪنن مبارڪن ٻڌو هو. اهي موقعا ۽ اسباب اهڙا هئا جن جي

(١) مسند امام احمد ص ٩٢ ج ٦

ڪري سائڻ کي قرآن مجيد جي هڪ هڪ آيت جي پڙهڻ جي طرز، معنوي مراد، استدلال ۽ استنباط جي طريقن تي مڪمل عبور حاصل هو جڏهن ان ڪان ڪو مسئلو پڇيو ويندو هو تہ عموما اول اول قرآن ڪريم ڏانهن دل جو توجهہ ڪرڻ فرمائيندي هئي، عقائد، فقه، احڪام ڪان سواءِ سرورڪون ومڪان نبي آخر زمان صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جا سهڻا اخلاق ۽ زندگيءَ مبارڪ جا پيارا احوال جيڪي سندس نوراني نگاهن جي اڳيان گذريا هئا، جن جو تعلق تاريخي روايتن سان هوندو هو. انهن لاءِ بہ قرآن ڪريم جا حوالا پيش ڪندي هئي. هڪ ڀيري بہ ٽي ماڻهو سندس زيارت لاءِ آيا ۽ اچي عرض ڪيائون تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن جا اخلاق بيان ڪيو پاڻ فرمايائين تہ "اوهان قرآن ڪريم ڪونہ ٿا پڙهو ڇا؟ سندن اخلاق قرآن آهي." وري پڇيائون تہ سندن رات واريءَ عبادت جو احوال ٻڌايو تہ فرمايائين ڇا اوهان سورة مزمل نہ پڙهي آهي؟ (١)

المقصد تہ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کي قرآن پاڪ جي آيتن ۾ تمام گهڻي اونهي نگاه هئي. اهڙيءَ طرح حضور عليه الصلواة والسلام جن جي حديث پاڪ ۾ تہ سندس وڏي ڄاڻ هئي ڇوتہ حديث جو واسطو تہ سيدنا رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي ذات عالي صفات سان آهي ۽ سيده سائڻ کي اهو موقعو وڏيڪ مليو هو ڇوتہ دين جو فهم، ادراڪ، سمجهہ ۽

(١) ابوداؤد شريف باب قيام الليل ص ٧٣ جزء ٢

استعداد کيس گهڻو هو نوجوان هجڻ جي کري کيس عقلي ۽ دماغي قوتن ۾ روزبروز واڌارو ۽ ترقي هوندي هئي سائڻ رضي الله تعاليٰ عنها الله تعاليٰ جي پياري حبيب صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن سان آخر عمر تائين محبت جي شرف سان مشرف، ممتاز ۽ خلوص دل سان خدمتگار رهي. ان جي کري حضور عليه الصلواة والسلام جن جي احوال مبارڪ جي کيس وڏيڪ واقفيت ۽ ڄاڻ حاصل هئي. صحاح ستة ۾ سندس روايت ڪيل حديثن جو تعداد ٻه هزار ٻه سئو ڏهه (٢٢١٠) آهي (١) جيڪو ڇئن پنجن اصحابن سڳورن رضي الله تعاليٰ عنهم جي روايت ڪيل حديثن کان سواءِ ٻين کان گهڻو آهي. ام المؤمنين سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کي حديث جي روايت سان گڏ حديث جي درايت ۽ نکته فهمي ٻه گهڻي حاصل هئي پاڻ تفقه، قوة حافظه، استنباط، اجتهاد ۽ اعليٰ فکر سان ممتاز مقام تي فائز هئي. سندس روايت جي هيءَ ٻه خصوصيت آهي جو پاڻ جيڪي احڪام ۽ واقعات روايت ڪندي آهي انهن جون علتون ۽ اسباب ٻه بيان ڪندي آهي. ۽ جيڪي خاص احڪام جن مصلحتن تي مبني هوندا آهن انهن جي تشريح ٻه ڪندي آهي. ٻيا راوي صرف روايت ڪندا آهن پر سائڻ جيستائين ان کي چڱيءَ طرح نہ سمجهندي هئي تيستائين روايت نہ ڪندي هئي بلڪ جيڪڏهن ضرورت سمجهندي هئي تہ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن کان پڇي پڪ ڪري

(١) سيدات بيت النبوة ص ٢٩٧

پوءِ بيان كندي هئي حديث شريف جي روايت ۾ سندس اصول هوندو هو تہ اها روايت قرآن كريم جي خلاف نہ هجي سندس روايت زياده معقول ۽ شرعي مصلحت تي مبني هوندي آهي، پاڻ حضور عليه الصلواة والسلام جن كان سڌيون روايتون بہ گهڻيون كيون اٿس پر انهن كانسواءِ حضرت سعد بن ابي وقاص، اسيد بن حضير، جذامة بنت وهب ۽ حمزه بن عمرو رضي الله عنهم كان بہ روايتون آنديون اٿس ۽ كانئس وري حضرت عمر، عبدالله بن عمر، ابوهريرة، ابوموسيٰ، زيد بن خالد، ابن عباس، ربيعة بن عمروالجرشي، سائب بن زيد، صفيه بنت شيبه، عبدالله بن عامر بن ربيعه، عبدالله بن حارث بن نوفل، سندس ڀائٽي قاسم، بن محمد بن ابي بكر، سندس ڀئي ڀاءُ جي ڌيءَ حفصه، اسماءِ بنت عبدالرحمان بن ابي بكر، عبدالله بن محمد بن عبدالرحمٰن، عبدالله ۽ عروه حضرت زبير جي فرزندن، سندس ڀاڻيجيءَ عائشه روايتون آنديون آهن. سندس آزاد كيل غلامن ابوعمرو، ذكوان، ابويونس، ابن فروخ ۽ رڳو تابعن مان سعيد بن مسيب، عمروبن ميمون، علقمة بن قيس، مسروق، عبدالله بن حكيم، اسود بن يزيد، ابوسلمة بن عبدالرحمٰن، ابووائل ۽ ٻين كيترن بہ سائڻ رضي الله تعاليٰ عنها كان حديثون روايت كيون آهن. (١) پاڻ ديني احكام جون مصلحتون ۽ اسرار بہ سهڻي نموني سمجهندي هئي تعليم، فتويٰ ڏيڻ، هدايت ۽ ارشاد ۾ بہ اعليٰ مقام تي فائز هئي

(١) الاصابه ص ٣٦١ ج ٤

علامه ابن القيم لکيو آهي تہ سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها حضرت ابوبکر، حضرت عثمان جي خلافت کان وٺي وفات ڪرڻ تائين فتويٰ ڏيندي هئي. (١)

مسلمان عورتن لاءِ مثال

سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها دنيا جي عورتن جي رهبري ڪندي ڪين ثابت ڪري ڏيکاريو تہ مسلمان عورت پردي ۾ رهي ڪري بہ علمي، مذهبي، اجتماعي، سياسي، هدايت، نصيحت، اصلاح، ارشاد ۽ امت جي ڀلائيءَ جا فرائض سرانجام ڏئي سگهي ٿي. الله جل شانه شال سڀني مسلمان عورتن کي سيده عائشه رضي الله تعاليٰ عنها وانگر ديني علم ۽ ان تي عمل، حق جي سڃاڻ ۽ ان تي هلڻ نصيب ڪري.

آمين ثم آمين يا رب العالمين بحرمة حبيبک رحمة للعالمين عليه وعليٰ آله الصلوات والتسليمات الي يوم الدين

الحمد لله! اڄ بمؤرخ ٢١ ربيع اول ١٤١٤هه الموافق ٩٣-٩-٩ خميس جي ڏينهن پوڻي ٻارهين بجي هيءُ ڪتاب لکي پورو ڪيم.

دعائن جو طالب

الفقير محمد ادريس ڏاهري
عفي عنه

(١) اعلام الموقعين مقدمه

مسلمانو! فيصلو ڪيو

مؤمنن جي ماءُ سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها جنهن کي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن پنهنجو اهل بيت سڏي مٿس سلام ورائيندا هئا (جيئن حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وسلم جن جڏهن ام المؤمنين زينب بنت جحش رضي الله تعاليٰ عنها سان شادي ڪئي تہ وليمي جي دعوت ڪئي هيائون. ماڻهو ايندا ۽ کائيندا هلندا ويا. آخر ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن اتي سيده عائشہ رضي الله عنها جي حجري ڏانهن آيا ۽ فرمايائون "السلام عليكم اهل البيت ورحمة الله" اي اهلبيتو! اوهان تي سلام ۽ الله جي رحمت آهي. سائڻ جواب ۾ عرض ڪيو "وعليک السلام ورحمة الله" اوهان تي بہ سلام ۽ الله تعاليٰ جي رحمت آهي (١).) جنهن سائڻ جو شان مٿي ذڪر ڪيل قرآن ڪريم جي آيتن ۽ نبوي حديثن مان سج کان وڌيڪ روشن آهي ان جي لاءِ اهل بيت جي حبداريءَ جي دعويٰ ڪندڙن، ان لفظ کي گهڻو استعمال ڪري دل ۾ هڪ زبان تي ٻي رکندڙن، الله تعاليٰ جي ٻانهن، سچن مسلمانن ۽ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي پڪن امتين ۽ شيدائين کي گمراهہ بنائڻ جي جدوجهد ڪندڙن شيعن لاءِ سندن مذهب جي ڪيترن ڪتابن لکندڙ ملا باقر مجلسيءَ (جنهن لاءِ ايراني قوم جي سياسي اڳواڻ خمينيءَ پنهنجي ڪتاب ڪشف الاسرار ص١٢١ تي

(١) بخاري ڪتاب التفسير سورة الاحزاب ص٧٠٧ ج٢

تعريف ڪندي شيعن کي هدايتون ڏنيون آهن ته اهي هن مجتهد جي ڪتابن مان فيضياب ٿين) پنهنجي ڪتاب "حياة القلوب" ۾ هڪ باب هنن دل آزار لفظن سان لکيو آهي. باب پنجاهه وپنجم دربيان احوال شقاوت مآل عائشه وحفصه- (١) يعني پنجونجاهون باب بڇڙي بخت وارين عائشه ۽ حفصه جي احوال ۾ آهي. المقصد ته حضور عليه الصلواة والسلام جن جي نڪاح ۾ اچڻ واريون بدبخت آهن. معاذالله ثم معاذالله- هي ڪتاب جي عنوان جا الفاظ ڪنهن يهوديءَ، عيسائيءَ، مجوسيءَ، قاديانيءَ ۽ هندو سڏائڻ واري جا نه پر ايراني انقلاب جي اڳواڻ خمينيءَ صاحب جي تسليم ڪيل مجتهد، محدث، مؤرخ ۽ وڏي مصنف جا آهن. ان ساڳئي باقر مجلسيءَ پنهنجي ٻئي ڪتاب "حق اليقين" ۾ لکيو آهي ته چون قائم ما ظاهر شود عائشه رازنده ڪند تا بروے حد بزند وانتقام فاطمه را از وبڪشد- (٢) يعني جڏهن اسان جو قائم (امام مهدي) ظاهر ٿيندو ته عائشه کي جيئرو ڪري حد هڻندو ۽ کانئس فاطمه جو پلاند وٺندو. حالانڪ سيده عائشه ۽ سيده فاطمه رضي الله عنهما جو پاڻ ۾ ڪو اختلاف ئي نه هو اهي ته هڪ ٻئي سان پيار ۽ محبت رکنديون هيون جيئن هن ڪتاب ۾ مٿي لکي آيا آهيون.

ابوداؤد ۽ دارميءَ حضرت جابر رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي ته خيبر جي هڪ يهودياڻيءَ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي کائڻ لاءِ ڀڳل ٻڪريءَ جي گوشت ۾ زهر وجهي موڪليو ان گوشت کين

(١) حياة القلوب ص٧٤٢ (٢) حق اليقين مطبوعه ايران ص٣٤٧

عرض ڪيو تہ مون کي نہ کائو مون ۾ زهر پيل آهي. (١) مگر باقر مجلسيءَ محبوب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي ٻن پيارن صھرن حضرت ابوبڪر صديق ۽ عمر فاروق رضي الله عنهما جي عداوت ۾ اچي سندن ٻن نياڻين، محبوب ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي گهرواريون ۽ ننگن تي وڏو ڪوڙ ٺاهي لکيو آهي. مصنف مذڪور پنهنجي ڪتاب جلاءُ العيون ۾ نبي مڪرم، محبوب معظم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جي پيارين گهروارين تي معاذالله ثم معاذالله لعنت ڪندي حياء ۽ شرم جون حدون لنگهندي لکيو آهي تہ: عائشہ وحفصه عليهما اللعنه آنحضرت را بزهر شهيد ڪردند (٢) يعني عائشہ ۽ حفصه رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کي زهر سان شهيد ڪيو هو. قرآن پاڪ جي صريح حڪم سان ثابت ٿيندڙ ماءُ سيده عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها جا فرزندؤ! غيرت ۽ مذهبي حميت کي قائم رکندي فيصلو ڏيو تہ ڇا مٿين حوالن طور لکيل ڪتاب جا مصنف ۽ انهن جا حامي حضور عليہ الصلواة والسلام جا امتي ۽ سچا شيدائي سڏائي سگهن ٿا؟ جڏهن جواب نہ ۾ آهي تہ، پوءِ انهن جي ظالمانه ۽ ڪفريه عقائد کان پري، پري، پري ۽ پري رهو.

(١) مشڪواة المصابيح ص ٥٤١ (٢) جلاءُ العيون فارسي ص٨٢

انتساب

مان هن ڪتاب جو انتساب پنهنجي استاد حضرت مولانا الحاج محمد اڪتڙائي صاحب جن جي به استاد امير العلماء حضرت قبله مولانا علامه سيد امير محمد شاه صاحب الحسيني عليه الرحمة اميثاڻي شريف وارن ڏانهن ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان جن جي پڑهائڻ جي صدقي مون جهڙن مسڪينن تائين علم جي دولت پهتي الله تعاليٰ کين جنت الفردوس ۾ بلند مقام تي رکي ۽ سندن نقش قدم تي هلندي اسان کي به قرآني علوم جي خدمت نصيب ڪرڻ فرمائي آمين ثم آمين يا رب العالمين

الفقير محمد ادريس عفي عنه

ساڻي ۽ سونهان

١	قرآن مجيد (باري تعاليٰ جو ڪلام)	
٢	النهايه	علامه مبارڪ بن محمد جزري المعروف بابن الاثير عليه الرحمة
٣	ترمذي شريف	= محمد بن عيسيٰ بن سورة ترمذي
۴	ابو دائود	= سليمان بن اشعث سجستاني
۵	مسند امام احمد	=حضرت امام احمد بن حنبل الشيباني
٦	اسد الغابه	= عز الدين علي بن محمد =شيباني المعروف بابن الاثير
٧	صحيح بخاري	= محمد بن اسماعيل بخاري
٨	مسلم شريف	= مسلم بن حجاج قشيري
٩	طبقات ابن سعد	= ابو عبدالله محمد بن سعد بن منيع البصري الزهري
١٠	الفتح الرباني	= احمد عبدالرحمن البنا
١١	المستدرڪ للحاڪم	= محمد بن عبدالله المعروف بالحاڪم
١٢	نسائي شريف	= حافظ احمد بن شعيب نسائي
١٣	سيدات بيت النبوة	= ڊاڪٽر عائشه جزائري
١۴	زرقاني شرح المواهب اللدنيه	= محمد بن عبدالباقي الزرقاني المالڪي
١۵	ابن ماجه	= ابو عبدالله محمد المعروف بابن ماجه
١٦	خلاصة الوفا	= نور الدين ابو الحسن بن عبدالله السمهودي
١٧	موطا امام مالڪ	= امام ابو عبدالله مالڪ بن انس عليه الرحمة
١٨	مشڪواة المصابيح	= محمد بن عبدالله الخطيب

١٩	اشعة اللمعات	علامه شيخ عبدالحق محدث دهلوي
٢٠	الاصابه	= احمد بن علي بن حجر عسقلاني
٢١	تفسير خازن	= علي بن محمد بغدادي المعروف بالخازن
٢٢	تفسير معالم التنزيل	= ابو محمد حسين الفراء البغوي
٢٣	روح المعاني	= شهاب الدين سيد محمود آلوسي بغدادي
٢٤	خصائص كبريٰ	= جلال الدين سيوطي عليه الرحمه
٢٥	اعلام الموقعين	= ابن القيم
٢٦	روح البيان	= محمد اسماعيل حقي
٢٧	الدر المنثور	= جلال الدين سيوطي
٢٨	تفسير مظهري	= ثناءالله پاني پتي
٢٩	بيضاوي	= عبدالله بن عمر شيرازي
٣٠	قرطبي	= ابو عبدالله محمد بن أحمد انصاري قرطبي
٣١	تفسيرعثماني	= شبير احمد عثماني
٣٢	معارف القرآن	= مفتي محمد شفيع صاحب
٣٣	تفهيم القرآن	= سيد ابوالاعليٰ مودودي
٣٤	الشفا	= قاضي عياض بن موسيٰ اندلسي عليه الرحمه
٣٥	مجمع الزوائد	= نورالدين علي بن ابوبكر هيتمي
٣٦	تفسير كبير	= فخرالدين رازي
٣٧	جمع الوسائل في الشمائل	= علي قاري عليه الرحمه
٣٨	مظاهر حق	= مولانا قطب الدين عليه الرحمه
٣٩	الباقيات الصالحات	= مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليہ الرحمه
٤٠	سيرتِ عائشه	= سيد سليمان ندوي

مناجات

عرض عاجز جا اگهائي ڪر عنايت يا خدا
دين ۽ دنيا سندي ڏي تون سعادت يا خدا
١- نفس ڇڏيو آ نهوڙي ڪا نه ٿي نيڪي پڄي
حال هيٺو آهي هر دم ڪر حمايت يا خدا
٢- خوار يا بدڪار پون ته به امتي احمد سندا
جنهن جي آ مقبول تنهن جي در شفاعت يا خدا
٣- مصطفيٰ (ﷺ) صدقي مڙيئي مشڪلاتون معاف ڪر
ڪر هدايت ڪا ڪرم سان تا قيامت يا خدا
٤- انبيائن، سڀ صحابن، اهلبيتن واسطي
۽ مهابي ڪل ڪامل ها ولايت يا خدا
٥- همنشيني اوليائن جي تون ڪر مون کي نصيب
جي هجن ڪامل ۽ صاحب استقامت يا خدا
٦- قلب منهجو نور ڪر ۽ فيض سان پرپور ڪر
شيطان دشمن دور ڪر جنهن ڪئي عداوت يا خدا
٧- اوليائن جي قدم جي خاڪ ٿي خادم رهان
تان رهي منهنجو عقل ايمان سلامت يا خدا
٨- دل چوي ٿي مصطفيٰ (ﷺ) محبوب مدنيءَ سان ملان
جنهن ڪئي ڪل انبيائن (عليهم السلام) جي قيادت يا خدا
٩- جي ڪچايون مون ڪيون ڪر بخش پنهنجي ڪرم سان
آهيان بدڪار بڇڙو ڏي هدايت يا خدا
١٠- تون نه بخشين ڪير بخشي ڏاهريءَ جا ڏوهه سڀ
نااهل تي ڪر نوازش بي نهايت يا خدا
١١- عاجزانه التجا "ادريس" جي مولا اگهاءِ
گنبذ خضريٰ سندي ڪريان زيارت يا خدا

نعت

تلهه: اسان بيڪسن ۽ ضعيفن جو ضامن
دنيا آخرت ۾ منو مصطفيٰ آ
قبر ۽ حشر ۾ سو هيڻن جو حامي
برن سان پلايون ڪندڙ با وفا آ
١- جني ماءُ پيءُ ۽ ٻچڙا پيارا
مت، مائٽ، پائر دلي دوست سارا
نه پنهنجو ڪندا ات شفاعت ڪندڙ هي
حبيب خدا دلربا دل صفا آ
٢- آئي رات پندرهين شعبان واري
ڪائي طعام خوش ٿي ستي خلق ساري
ڇڏي ننڊ نيڻن جي جنت البقيع ۾ جڏهن ڪان جانب ڪئي
ڪيڏي جفا آ
٣- گنهگار آهن سندس ئي سهاري
يقين آهي يارو نه وهندو وساري
سدا غم امت جو آ غمخوار ان کي
سڏي ڪو به سائل ته ڏيندو شفا آ
٤- جيڪي رات ڏينهان ڪندا هئا گلائون
تينن لاءِ به دلبر گهريون ٿي دعائون
چڱن سان چڱايون ته هرڪو ڪندو پر
برن کي هي ننگدار ڏيندو نفعا آ
٥- اي "ادريس" عربي زنده نبي آ
جهانن لاءِ آيو ٿي رحمت ربي آ
سوالي نه خالي ڇڏيندو محمد (ﷺ)
اسان آزمائي ڏٺو ڪئين دفعا آ

نعت

ٿلهه: نالو مبارڪ منڙو محمد (ﷺ) ڏاڍو پيارو آ
ان جي مهابي هر مومن تان معاف مونجهارو آ
١- عرشي فرشي صدقي سڄڻ جي پروركيا پيدا
روشن ان جي نور منجهان ٿيو سج چنڊ تارو آ
٢- حضرت آدم، بيبي حوا کي باريءَ بخش ڪيو
چو تہ وسيلو تن ورتو دلدار دلارو آ
٣- نوح نبيءَ جي بيڙي ٻڏڻ کان مولا ڪئي محفوظ
تنهن سان ڪئي طوفان ۾ آقا عربي اجارو آ
۴- حضرت ابراهيم ۽ ان جي ٻچڙي اسماعيل
تي ٿي پلاڻي چو تہ انهن سان گڏ هي پلارو آ
٥- محشر ۾ ماٺهو نبين ڏي وفد ڪري وينداا
سڀ چوندا سهڻي ڏي وڃو ٻيو ڪوئي نہ چارو آ
٦-توراة پڙهندي جنهن چميو هو اسم مبارڪ کي
بخت ڪلي ويس ڏس تہ ٿيو ڪيئن پاڳن وارو آ
٧- جابر جا پٽ ڪئل زنده ٿي ڪائن پيا ڪاڏو
ڪيئن نہ سي جيئرا ٿيندا جن وٽ جيءَ جيارو آ
٨- اويس قرنيءَ محبوبن سان ڪيڏي محبت ڪئي
ڪاٿي مدينہ پاڪ تہ ڪاٿي يمن اي يارو آ
٩- ڪلندا ٿلندا خوش ٿيندا سڀ جنت ڏي هلندا
جن کي محمد گهوٽ جي صدقي مليو چونڪارو آ
١٠- دل ڪولي درگاهہ مان سڀ ڪجهہ گهر سائل سڪ مان
سهڻي سخيءَ جي بحر سخا جو ڪو نہ ڪنارو
١١- آقا اڳيان جهولي جهلي "ادريس" عرض ڪر پيو
ڏاهري تنهنجو هر ڏک ۾ سردار سهارو آ

منقبة

سيده عائشه جو لکي شان مون
پنهنجو راضي کيو رب رحمان مون
١- سهڻي صديق جي نياڻي آ نامور
جنهن وسايو نبي گهوٽ سهڻي جو گهر
ان جي سيرت جو آندو آهي بيان مون
٢- بي مثل گهوٽ جي کنوار آ بي مثل
چا هلي ان جي عظمت جي اڳيان عقل
شان ان جي ۾ پڙهيو آ قرآن مون
٣- جنهن لاءِ جبريل آيو بشارت کڻي
يا نبي! ڏي ٿو هيءَ کنوار توکي ڌڻي
آ خدا جو پچايو هي فرمان مون
٤- جنهن جو حجرو حبيبن جو روضو بڻيو
پاک پرور ۽ پياري نبي کي وڻيو
آپرايو اتان علم عرفان مون
٥- مان کيان چا ثنا اهڙي جيجل سندي
ڏينهن محشر سين جي شفاعت کندي
آهي ”ادريس“ رکيو هي ايمان مون

مصنف جا ڪجھ ٻيا ڪتاب

احسن البيان في تفسير القرآن (جلد ١)

هديو ١٥٠ صفحا ٥٨٠

- ❖ سنڌي ٻوليءَ ۾ عام فهم ۽ آسان تفسير.
- ❖ اسلام جي فڪر سان ٺهڪندڙ قرآني تفسير
- ❖ عام پڙهيل لکيل ٿورڙيءَ تعليم يافته ماڻهن لاءِ يڪسان معلوماتي تفسير
- ❖ الله جي پيغام جي سهڻي سنڌي ٻوليءَ ۾ تشريح
- ❖ ٥٨٠ پنجسو اسي صفحن تي سورة الفاتحه ۽ سورة البقره تي مشتمل تفسير- جنهن جو ڀرپور جلد ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ ۽ سهڻي جلد سان ڇپجي چڪو آهي.

احسن التحقيق في سيرت الصديق

هديو ٤٠ رپيه صفحا ٢٤٠

- ❖ فخر انسانيت حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي يارغار حضرت ابوبڪر صديق جي زندگيءَ جا تفصيلي احوال
- ❖ سندس سيرت، ڪردار، اسلام ۽ ملي خدمات تي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڀرپور جامع ڪتاب
- ❖ خليفة المسلمين جي حيثيت سان حضرت ابوبڪر صديق جي سياسي، سماجي، ۽ همه جهتي ڪردار جي تفصيل
- ❖ حضرت مولانا محمد ادريس ڏاهري صاحب جن زيرنظر موضوع تي قلم کڻي پڙهندڙن کي هڪڙي ڪتاب ۾ ايترو مواد فراهم ڪري ڏنو آهي جيڪو ڪيترن درجن ڪتابن جي مطالعي کان پوءِ حاصل ٿي سگهي پيو.

سوچ جي سرهاڻ

اهو سچ آهي ته سڀ ماڻهو سهڻا نه هوندا آهن. پر ڪنهن ماڻهوءَ منجهان بهار جي بوءِ ايندي آهي ۽ هڪ دانشور، مايہ ناز مقرر، مشهور عالم دين ۽ عظيم ليکڪ مان سچ پڇو ته مديني جي مير جي محبت جي سرهاڻ به ايندي آهي ۽ اها شخصيت آهي حضرت علامہ مولانا الحاج محمد ادريس ڏاهري.

هي ڪتاب سائين ڏاهري صاحب جن جي هڪ ڪامياب ڪاوش آهي، جنهن کي اسلامي حلقا پڪ پسنديدگي جي نظر سان ڏسندا.

ڏٽيءَ در دعا آهي ته ڪين رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جي صدقي وڏي ڇمار نصيب ٿئي. ته جيئن هو پنهنجي سوچ جي سرهاڻ سان سنڌڙيءَ کي سرهاڻ بخشي.

خادم العلماءِ

سيد واجد علي حسني

نيو گرين پرنٽرس صدر حيدرآباد